نالوتري

(سنڌي نج نالا)



جعفر جيم 'سنڌي'

نالو ترڙي

(سنڌي نج نالا)

ليکڪ

جعفر جيم سنڌي

"نالو تري"

ڀاڱو پهريون

ڇاپو پهريون 2008

ڪتاب جو نالو .... نالو تري

ليکڪ .... جعفر جيم سنڌي

تعداد .... [illegible]

قيمت .... [illegible]

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

NALO TIREE

(Indigenous Names of Sindhi People)

Author: Jaffar Jeem Sindhi

Publisher: Jaffar Jeem Sindhi

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

منسوب

هيءَ نالوتري منسوب ڪيان ٿو نـِـجُ سنڌي نالن جي نانءُ جيڪي ٻلـي، لوڪڙ، لومڙ چيتي، چيرينڊڙ، ڦاڙينڊڙ باز، شهباز، شاهين ۽ اهڙي نموني جي ٻـِيـن خون خوار درنده ۽ پکي جيڪي اسلام ۾ آهن حرام.
جن جا نالا رکڻ ڪهڙي ريت رَوا آهن؟
هي حيوان ۽ پکي جيڪي انسان ذات جي ڪنهن ڪم نہ ايندڙ هجن ٿا تن ڪان سـِنڌي نالا سَهسـِـين پيرا ڀلا آهن.

سَهسُ = هَزارُ
سَهسـِـين = هـَـزارين

پنوتري

1. الله تعاليٰ جا نالا
2. ٻه اکر
3. مرداڻا نالا
4. زالاڻا نالا

الله تعاليٰ جا سنڌي ۾ نالا

ڏاتارُ ، ڏاتــــــرُ، سائيـــــــن
سَــباجهو ، ٻاجهـارو ، پـالڻُ هـارُ ،
پَـــسويو. ڏِڻــي ، آگــو ، ڏِڻــي =
مــالڪ ، پَــــسويو= بصيـــرُ

اول ۾ الله پلو، سنڌ ۾ شاهه پلو،
حق جو نعرو حق جي وائي،
شاهه پٺائي،
شاهه جو پيغام عالمي خير،
امن حق همت آزادي جو پيغام،
نه آهي وهمي رسمي رسمن جو پيغام.

اول ۾ الله پلوءِ سنڌ ۾ شاهه پلوءِ
حق جو نعرو حق جي وائيءِ
شاهه ڀٽائيءِ
شاهه جو پيغام عالمي خيرءِ
امن حق همت آزادي جو پيغامءِ
نه آهي وهمي رسمي رسمن جو پيغام.

— منڍ —

جعفر جيم سنڌي

نالو تري

الله توهار. سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
ڏٽي تنهنجي توهه. سپاجهاتون ساٿي نون اجهوتون آڌار
شاهه پٽائي گهوٽ تنهنجي اوٽ ڪيان ٿو سنڌي نالا نروار
نالو قوميتي شئي آهي.

هن جڳ ۾ جمندي جام ڪيرئي ڪوڻ ٿيو نه ٿيندو. ڏسي سُٺي بڌي پڙهي پڇي سِڪبو آهي پرائبو آهي.
1957 ۾ منهنجي نظر مان ڪتاب "خوش خصلت خاتون" گذريو هن ڪتاب جي لکندڙ محترم بادام ناتوان صاحبا آهي جنهن ۾ نالي بابت والدين کي هيءَ سهڻي صلاح ڏنل آهي.

والدين جا فرض

هي آهن، اولاد جي نالو اهڙو رکن، جو وڏندڙ ۽ سڏڻ ۾ سَوِلو هجي جا ڪان ته نالي کي ٻن پنهنجي ذاتي سونهن ٿيندي آهي ۽ ان جو اسان جي حياتي تي نفسياتي اثر ٻن ٿيندو آهي. منهنجو مطلب هرون پرون اهو نه آهي ته رڳو عربي ٻوليءَ جا ئي نالا رکجن.
بادل، سانون، گلاب، بهار، بهادر، سچو، رِندُ سهڻي هِير، وِنگس پاڳيري.

اهي نالا ڪي گهڻ معنيٰ وارا ۽ گهڻ سُهائيندا نه آهن سو انهي ڪتاب جي پڙهڻ کان پوءِ مون کي سنڌي نالن گڏ ڪرڻ جو خيال ٿيو. پوءِ پنهنجي ڳوٺ جي اوطاق تي، آئي وئي هاري ناري ايندڙ ويندڙ، مهمان مڙئي پيئندو. فقير فقري کان نالا پڇندو رهيس گڏ ڪندو رهيس.

اجا ڪيترا ڪوڙ ڪي نالا رهجي ويا هوندا جي سڄي سڳوري سنڌ ۾ گهمي ڦري هٿ ڪري سگهجن ٿا. پر هي ڏاڍو ڏکيو جاڙ وڪڙ (جاکوڙ) جو ڪم آهي. نالن گڏ ڪرڻ جي هيءَ پڻ هڪ سولي سَهنجي صورت آهي. ته جو سنڌي سڄڻ جيتار جيستان پنهنجي ٽَر مان سنڌي نج نيٽ نالا هٿ ڪري خود رسالن اخبارن ۾ ڇپرائي

هي منهنجو نج نيٽ خالص نالن گڏ ڪرڻ جو ڪم بنهي بيحد سست رفتاريءَ ۾ ٿيندو رهيو جنهن ڪري هي نالو نري ڪافي وقت اڳ ٿي پڌري ٿيڻ گهرجي ها پر ارمان نه رئيساڻي مهروڻي ۾ سستيءَ آرس ڪري ائين ٿي نه سگهيو.

نالو محض قوميتي شئي آهي.

نالو خاص الخاص قومي ۽ رسمي شئي آهي.

دنيا جي ڪنهن به دين ڌرم ۾ سڀ ڪجهه اعمالن تي منحصر آهي ۽ نه نالي تي. دنيا جي افضل دين اسلام ۾ آهي ته اولاد جا نالا سهڻا سٺا ناهوڪا سُهائيندا رکو. ائين اصل نه چيل آهي ته عربي نالا رکو دنيا جي هر قوم جو نالو نوس ربت هڪ قوميتي شئي آهي. جنهن ڪري نالي کي دبني ڌرمي دائري اندر آڻڻ نه گهرجي.

... ڇو ته نالو اعمال ۾ شامل نه آهي. جنت جهنم اعمال تي ٻڌل آهي نه نالي تي.

... صاف ثابت ٿيو ته نالي تي جنت جهنم ڪونهي ته پوءِ سنڌي نالن کان نفرت ڇو؟

... نالي سان مسلماني آهي ڪانه اعمال سان آهي ته پوءِ سنڌي نج نالن کان نٺائڻ ڇو؟

... پنهنجا قومي نالا ڇڏي پرايا پري جا نالا رکڻ ڪنهن به قوم کي زيب نٿو ڏي.

اسان سنڌي قوم پنهنجا نالا ڇڏي پرايا ڌاريا عبر نالا رکيا آهن. هجڻ ته هيئن کپي ها اسان کي پنهنجي ڌرتيءَ جي خوبي پرين شين بنان. باقي خامين پريبو پنهنجو توڙي پرايو سڀ طرح جسو ڇڏڻ گهرجي.

پرايو ۽ پري جو ڪجهه نه کپي نه ڏکڻ جو نه اتر جو نه اولهه جو نه اوڀر جو. نالو هجي ته جو "نه عربي نه ايراني نه هندي نج ٺيٺ سنڌي"

اسان عربي ايراني ترڪي ۽ هندي نالن جو ٺيڪو ٻولي نه کنيو آهي. اسان وٽ سنڌي ڪوڙ ڪافي سُهڻين صفتن خوبين وصفن ڪيفيتن وارا ڪافي نالا آهن جي رکڻ کپن ۽ اوَس رکجن هان نالي بابت خود عرب مانهن جا خيال پڙهو.

محترم عمر قاضي صاحب جي ڪتاب "ديسين وٽ پرديس ۾" پڙهيم ته هڪڙي "ريسٽورنٽ ۾ اسان سڀ آيا سين اهي ٻئي عرب ٻن اسان سان گڏ هڪڙي ٽيبل تي وينا. سڃاڻپ ته اسان جي بس ۾

تي وئي هئي. هڪڙي جو نالو آصف بٽي جو ناصر هو بئي ڀائر هئا. جڏهن ڪيس مون پنهنجو نالو ٻڌايو ته هڪڙي چيو "اهو ته عربي نالو آهي." ها آهي ته عربي پر اسان وٽ مسلمان جي حيثيت سان پيش پيو ٿئي. اسان وٽ نالن ۾ به مذهب شمار ٿيندو آهي. ان ڪري اسان پنهنجا نالا جنهن ٻولي ۾ عربي نالا رکي پنهنجو ايمان پڪو سمجهندا آهيون." هي ته محمد جيو "پر منهنجي خيال ۾ ته نالو اهڙو هجڻ گهرجي جنهن سان قوميت جي سڌ پوي." آصف چيو

هائو ڏسو عرب پاڻ ائين ٿا چون. پر اسين آهيون جو عربي ايراني ترڪي هندي نالن جو ٺيڪو ڪيو رکيا آهيون حالانڪ عربي پارسي ترڪي هندي نالا جن جي سڌ پئي ٿي سگهي ته ڇا آهن. تنهن هوندي به انهن نالن جي رکڻ جي ڪم لڳي پئي آهي. ڪهڙي نه نهي رک نالي ڪي.

وَهي نه وَهي وٽ رينگٽ ڪي. سمجهڻ نه سمجهي وٽ نالي ڪي. پرائي ڪُني سڃي ٿيندي آهي. پري جي ۽ ايراني وٽ وڌيڪ وٺندي آهي ۽ عام ماڻهن کي ديني ڌرمي چڪ سڪ وڌيڪ ٿيندي آهي. سنڌي مسلمان جي اَمَ ڏمَ عربي ايراني ترڪي نالن تي آهي ته سنڌي هندو جي ام ڏم هندي نالن تي آهي حالانڪ قومي طرح بئي ڌريون غلط رخ تي هيون ۽ آهن ٻنهي ڌرين کي ڌاري ڌرتين جي ڌارين نالن رکڻ تي زور. ڪيترا عربي ايراني ترڪي هندي نالا لفظي آوازي ريت ڪٿي چڱا ڇئجن پر معنوي ۽ خوبي ريت رڌي بيحد بيڪار ٻُڇڙا آهن. جهڙو ڪر بلي جو پيءُ، بليءَ وارو، ڏاند جو پيءُ. نانگ جو

پيءُ، چيريندڙ ڦاڙيندڙ. لُومڙُ لوُڪڙُ وغيره خيام يعني خيما تنبوُ ٺاهيندڙ.

زبيده يعني مانڊاڻي ليلٰي رات ڪاري. مجنُو معنٰي چريو پاگل. ذوالقرنين برابر ٻه سِڱوُ ڏُڏِڙ ڏوڙ هيو هڙومان يعني باندر بس/اهڙا ۽ اهڙي رِيتِ جا ردي ڪئين نالا آهن هي ڏسو ته هي ٻه نالا آهن جي رکجن ٿا. اهڙن نالن ڪان ته سنڌي نالا سئو ڀيرا سنا سهڻا آهن. پر اسان کي الائي ڇا ٿي ويو آهي جو سنڌي نالا نٿا رکون. عمل ۾ چئو نٿا آٽيون سنڌي نالن کان وِيڪ نفرت انهي ڪري آهي جو اِهي پنهنجي زبان ٻوليءَ جا آهن عمومن پنهنجي شئي پاڻ کي نه وڻندي آهي ڀهاڪو آهي ته گهر جو پير چُلهه جو مارنگ. ۽ هيءَ پڻ انساني فطرت آهي ته پَرائي ۽ ٻيري جي شئي وڌيڪ وڻندي آهي. هيءَ ٻه چوڻي آهي ته پرائي ڪُني مِني ٽبندي آهي. ٻيو ته پرايا اوپرا ڌاريا نالا انهي ڪري وڻندا ناهوڪا لڳندا آهن جو هڪ ته اُنهن جي لفظي بناوت ببهڪ جي آوازي آساني هوندي آهي ٻيو ته سندن معنٰي جي سُڌِ نه هوندي آهي چوڻون ته هي جو ڪجهه ٿئي ٿو اجائي عقيدي جي انڌ ۾. عربي ۽ هنديءَ جا نالا ته ديني ڌرمي جذبي تحت رکيا وڃن ٿا پر هي مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته پارسي يعني ايراني ترڪي نالا ڪهڙي جذبي هيٺ رکجن ٿا. شايد ايرانين جي حاڪميت افغانين جي حاڪميت سنڌ مٿان گهڻي ٿائين هلي هُئي جنهن ڪري پائنجي ٿو نه جنهن جو اِهو اثر آهي غير نالن رکڻ جو پنجُون ڪارڻ انهي ڪري ٿيو آهي نه ٻُڌون سٺو پڙهون ڏسُون ٿا رڳو

ار دوسُٽَتِ يعني نشريات ۾ پڙهَتِ اردو اخبارون ڪتاب رسالا ڏِسَتِ اردو فلمون ۾ ٽي وي وغيره.

نشر و اشاعت غوام تي وڏ ڪان وڏ اثر ڪري ٿي سڄوري سنڌ جي شهرن ۾ آبادي اڪثر اردو پناهگيرن جي آهي. انُهن گنگا جمنائي تهذيب جي دُوسرن جي فطرت آهي تہ جتي هوندا جتان ڪائيندا پيئندا اُتي جي ڳالهہ ئي ڪانہ ڪندا ڳالهہ ڪندا پري جي لايعني اُپَ آسمان جي. سوهي عربي پارسي ترڪي منگولي يعني مغلي ڪوتي ڪُوندي نالا ڪيندا لڪندا ۽ رکندا آهن پاڪستان ٺهڻ کان پهرين پناهگيرن کي سنڌ ۾ "دُوسرا " چيبو ويندو هو.

پناهگيرن ۽ پنجابين جي سنڌ ۾ اچڻ تي هڪ سالڪ چوندو رهندو هو تہ " ڪولوُ ڏئي پولوُ ورتاسون" ۽ راضي فقير لاشاري جو ٻولُ آهي تہ

"زَرِ ڪائوُ ويا ، سرڪائو آيا " فقير جو ٻول پاڪستان جي چاليهہ سالن ٺهڻ بعد ڪيترو تہ سچو ثابت ٿيو آهي جو 1988ع ڪان سنڌي قوم جو قتلامر چالو ٿيو آهي سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ مقتل گاهہ بڻايو ويو آهي ۽ چون ٿا تہ سنڌ جي ڪنهن بزرگ جو چوڻ آهي تہ چاليهہ ورهہ اڳي سنڌ غرق ٿيندي سو غير فطري فيصلي جي نظرياتي نالي جا چاليهہ سال پورا ٿيڻ بعد سنڌي عوام جي تهہ تيغ ذريعي زياني ڪئي وجي پئي.

سنڌ جو داٿو پاٽي بند ڪيو ويو آهي سنڌين جا ڳوٺ شهرن مان دانا وجن پيا سنڌي تعليم جا اسڪول ادارا شهرن مان ختم ڪيا وجن پيا. باقي سنڌ جي ذرتي ڳتُون غرق ڪانہ ٿيندي. اهو غرق ٿين

آهي. "ڌرتيءَ ڌڻين جي ٻوليءَ زبان جو." ڪنهن سالڪ جي چوڻي آهي "جنهن قوم کي تباهه ڪرڻو آهي تنهن قوم جي تعليم تباهه ڪري ڇڏيو" ته پاڻهي سا قوم ختم ٿي ويندي.

ديسي نالن تي پرديسي ديڻ ڌرم جي مار

غير قومي حاڪم ۽ پرديسي ديڻ ڌرم ديسي طرح جو سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏي ٿو خاص ڪري پرديسي ديڻ ڌرم جي ديسي انساني نالن تي ايڏي وڏي مار پوي ٿي جو ديسي مقامي نالو ٽِري ناسُ ٿيو وڃي. دنيا جي ڪنهن به ديڻ ڌرم ۾ جو ڪجهه ڪرتوتن اعمالن تي منحصر ٻڌل آهي. نالن تي ناهي پوءِ جو ديسي نالن تي مار پئي ۽ پوي. ٿي قانون قدرت آهي ته پرڏيهي غير مقامي شئي ڪنهن ٻئي مقام هنڌ تي انهين شئي جي اصلي هنڌ مقام وانگر سڀ جي سڀ صحيح جي صحيح فٽ نه ٿيندي. پوءِ ڪيتري پوري اوڀَر جي هجي يا پوري اولهه جي هجي.

جيئن جو تيئن نه فائدو ڪندي. دنيا جي ڌرتي جي هر خطي جي وايو منڊل ۾ ماڻهن جو مزاج صورت سوچ ۽ ٻولي جُڙي ٺهي ۽ سانَدهِ اُنهيءَ ۾ قير قار ٿيندي رهي ٿي ۽ ٿيندي رهندي. اهو فطرت جو ڦيرو آهي جو ڦِرندو رهندو.

مون ڏٺو آهي ته جيئن انگن عضوي علاج ۾ ٻُڌتُ مَريِءُ جسم غير موافق اَنگَ عضوا قبول نٿو ڪري يعني رد ڪري ڇڏي ٿو. تيئن غير زميني غير مقامي نالا مقامي ماڻهن جو سڀاءُ مزاج سڌي رِيت نه اَڄ سِڌي طرح لاشعوري رِيت رد ڪندو رهي ٿو. پر اسين آهيون جو ديني ڌرمي جنون ۾ غير زميني نالن تي زور ڀريو بيٺا آهيون.

سنڌي نالن تي ڀڃان

ڄنڪن ۽ هندو ڪن نالن جا هوندا آهن سنڌي ماٺهو وڻن جا نالا رکندا آهن.

جيئن تہ امب ، امبو، امبل ، ٻيرُ ، ٻير ، نمُ ، ڪَبڙُ، ڪِرڙُ، ڪَنڊو ، ڪهُورُ ، ڪامُون ، ليسُوڙو ، گيدُوڙو ، سُئانجَلُ، لئو، لِيارُ، ليارو، ٻاهڻُ، هَيرڻ، تالي، تالهو، تانڪارُ، ميندي وغيره.

چي هي وڻن جا نالا ڄنڪا آهن.

وڻن جا نالا ڄنڪا نہ آهن پر اسين پڙهيل اڄڪلهہ ڄَتَ ٿيا آهيون جو اسان کي ڄَٽ اناڙي بنايو وڃي پيو. جو پنهنجي هر شئي کي گهٽ ٿا ليکيئون اسان کي پنهنجي هر شئي کان نفرت ڏياري پئي وڃي. سنڌي سڀ شئي جي نندا پنهنجو پاڻ آهيون ڪندا جي سَچ حق سان سڀ شئي جي پرک ڪيون تہ سنڌ سونهاري جي سيني شئين ۾ کوڙ خوبيون خاصيتون نظر اينديون پر اسين اهڙن جو پنهنجي سڀ شئي کان نفرت ويڪ ائٿون.

ڪَنڊو، ڪِرڙُ، ٻيرُ، ٻير، ڪَبڙ لفظي رِيت ڪٿي سنا سهٺا نٿا لڳن پر خوبي صفتي طرح وڻن جون خوبيون فائدا ڏسو. منهجو اهو بہ چوڻُ ناهي تہ ڪو هَرون پَرون ڪرڙ ٻير ، ٻير ، ڪبڙ نالا رکيا وڃن. منهنجو مطلب وڻن جون خوبيون خاصيتون ، صفتون سُڻائڻ آهي.

وڻ جا ڪَمَ

ڇان ۽ ڳَلَ ڦَلَ ٻُورُ ، سُرهاڻ ، ڪاٺُ وڻ جي خاصيتن خوبين جي ڪهڙي واکاڻ ڪري ڪهڙي ڪجي. ماڻهون جي تن بنيادي ڪاڌن کير ماس بنا ٽيون بنيادي ڪاڌو ميوو ڦر فروٽ آهي. ماڻهو جو مُندَ کان

بنيادي هٿيار ڪاٺ جو ڏنڊو آهي. انسان جڏهن اڏاوتي گهر اڏڻ لڳو سي ڪکاوان ڪاٺ ڪاٻڻ وارا گهر هئا. هينئر بہ آر سي سي جائن جا ڍڳهن ۾ ڪاٺ ڪافي ڪتب اچي ٿو.

گهر جي ناهڻ لاءِ بت بنان باقي اڏاوت ۾ سجاوٽ ۾ ڪاٺ ڪافي ڪم اچي ٿو جو ته جمن ڪان مرڻ تائين ڪاٺ سان ڪم پئي ٿو. پينگهي هندوري کان مقام مسان تائين.

لاشي سمهارڻ لاءِ قبر جي کوٻ جي مٿي ڪاٺ جي ڏڪڻ سان بند ڪبي آهي. (هاڻ ڪٿي شهرن ۾ سمنٽ جي بلاڪن سان بند تا ڪن) ۽ مسان ۾ لاش ساڙڻ لاءِ ڪاٺيون ڪم ايندڙيون آهن. گهر ۾ ڪاٺ ٻارڻ لاءِ ڪاٺ سمهڻ لاءِ کٽون ويهڻ لاءِ ڪاٺ سواري لاءِ ڪاٺ هينئر جدت نواڻ جي دور ۾ ڪاٺ جو واهپو گهٽ ڪان گهٽ ٿيندو وڃي پيو. پر هوندو هر حالت ۾ رهندو هر حالت ۾.

پٽر واري اگر ڪوئلي جو بنياد پڻ وڻ آهن بس وڻ ۾ وڏا ڳڻ آهن. وڻن جا ڳڻ ڳڻتي سنياري نٿا سگهجن. ايترا مس قلم ناهن جو سڀ لکجن ڳڻتي ڳڻجن. بڏائي سڃائي نٿا سگهجن. وڻ وسندي آهن وڻ نشان آهن. وڻ اسان جا ساٿي ۽ ياتي آهن. انهن ۾ گلن ڦلن جي سونهن سرهاڻ آهي وڻن ۾ ماکي آهي.

پنن جي ساوڪ آهي. وڻڪار جي ٿڌڪار آهي. ڦلن جي هبڪار آهي.

قرآن شريف ۾ جنت جي باغن جو ڪيترن ڀيرا ذڪر آيو آهي ته "جنت جا باغ جن هيٺيان نهرون وهن ٿيون" باغن ۾ ڇا هوندو آهي؟ وڻ وڻن ۾ ڇا هوندو آهي؟ ساوڪ سونهن ميوا گل ڦل. گلن ڦلن ۾ ڇا هوندو آهي؟ سرهاڻ ڏک ڏيندڙ ڪنڊن وارا وڻ جنت ۾ ڪو نہ هوندا.

ڪنڊن وارن وٽن جا ڪٽي نالا نہ رکو. هن دنيا ۾ هيڏي مٿا ڪُتَ. بہ تہ جنت لاءِ ڪئي وڃي پئي پوءِ بہ جنتي شئن جا نالا ڇٽڪا سَمِڌا وڃن پيا وٽن جي نالن جو ڇٽِڪو تصور ڪرايو وڃي پيو. جنتي شين وارا نالا ڇٽاڻا ڇو؟ جنت ۾ جانور حيوان تہ ڪونہ هوندا؟

هندو نالن هُجڻ جا بهتان

بي علمي بي سمجهي ڪري سنڌي نالن تي هندو ڪن نالن جا بهتان هنيا وڃن ٿا. بي علمي قومن جي بربادي آهي ئي بہ تي ننڍڙا مثال. اڪمل اجمل مزمل تہ هي نالا اسان جا غير سنڌي پائر مسلمانڪا ٿا سمجهن ۽ جي سنڌي ڪنهن نالي ۾ "مَل" اچي ٿو تہ هندُو نالو ٿو سَمِڌو وڃي. هڪ مثال سنڌي نالو آهي "نِرمَل" يعني پاڪ صاف شفاف. هاڻ هِنَ ۾ هندو ڪي نالي هجڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ڏسو تہ نِرمَل نالي جي معنيٰ جي ڪيڏي خوبي آهي. آوازي ريت آساني سَوَلائي آهي هي اسان جا آيل غير سنڌي پائر پاڻ هندوئاڻو نالو ڪنهن شئي تي رکن ٿا تہ نيڪ آهيءِ سنڌي ڪو نالو هوندو آهي تہ اُنَ تي جَهٽ اردو اخبارن رسالن ۾ بهتان لڳندا آهن. هندو نالو "مانُو" ڪپڙي جي مل وارن ڪپڙي تي رکيو آهي "ڳوڳو" پان مصالحي تي رکيو اٿن "تلسي" سوپاري تي رکيو اٿن ڳوپي پان مصالح.

سنڌي ماڻهو موتي نالو رکي تہ چَون هندوئن جو نالو رکيو اٿن. پاڻ مسِيتن تي نالا رکيا اٿن ميرپور خاص ۾ ڏنمر "جامع موتي مسجد" سانگهڙ ۾ آهي "موتي مسجد"

سنڌي ماڻهون نيازمَندِي جِي هٿ جوڙِي ڪيڪارَڻ ۾ ڪندا آهن. تہ اسان جي آيل پائرن ڇيو هندن وانگر هٿ ٿا ٻڌَنِ. سندن سڀي

تهذيب هندن واري آهي هندو تهذيب وارو پاڻ پاڻ پاڻ. هندن وانگر هڪ هٽ سان منهن ڏوئڻ. پِتَلِ جا ٿانو گوڏ کي هندن واري ڏوتي چون. ڪنوار ڏوليءَ ۾ چاڙهي گهمائڻ ۽ ڪوڏي يعني ڪري کي ٻاوَن برهمڻ وانگر لوٽو چون. ايراني ترڪي منگولي ڪافرانا نالا رکڻ چنگيز چغتائي ڪافر بہ اهڙا خونخوار وحشي درندا جن جا نالا رکجن ٿا. خسرو پرويز ايراني بادشاهہ جنهن حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو خط ڦاڙي ڦٽو ڪيو هو حضور پاڪ جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي هي بہ نالو غير سنڌي مسلمان وڏي هيج شوق سان رکن ٿا.

خسرو پرويز کان راجا ڏاهر ڪهڙي ڪردار ۾ ردي يا خراب هو؟ وطن جي حب ايمان آهي ُهو تہ حملا آور دشمن سان مردانا واروڙهي سنڌ وطن تي سِرُ ڏئي سُرهو ٿيو.

ڇا خسرو پرويز ڪافر نہ هو؟ ڏاهر ڪافر هو. ڇا بهرام جمشيد دارا افراسياب رستم سهراب تهمينا وغيره ڪافر نہ ها؟ ڪافر رڳو ڏاهرهو. ترڪ، تاتاري، تاجڪ، ازبڪ ۽ ايراني جڏهن مسلمان ٿيا. سي سندا اصلي قومي نالا قائم رکندا آيا ۽ رکندا اچن ۽ هرون پرون پاڻ تي عربي نالن جي پابندي قائم نہ ڪيائون ۽ انهن قومن غلام لفظ پنهنجن نالن سان اختيار نہ ڪيو آهي. اندوچائنا جي مسلمان قومن بہ پنهنجا قومي نالا قائم دائم رکيا آهن. خاص ڪري اندونيشيا، ملائيشيا وارن غلام لفظ پنهنجن نالن سان نہ ڳنڍيو آهي.

سنڌي ڪنڌ يعني برصغير جي مسلمان قومن مان هر هڪ قوم پنهنجي قومي بولي جي نالن کان ڪراهت ڇئجي يا اناڙپ ڇئجي جو عربي، ايراني، ترڪي، مغلي، منگولي نالن جو نبڪو ڪنبو آهي.

پلا! عربي تہ اسان جو دين آهي پر ايراني يعني پارسي، ترڪي، مغلي، منگولي نالا رکڻ جي ڪهڙي مراد آهي. مصري

مسلمان هن وقت ۾ ظالم قاتلن خدائي جي دعويٰ ڪندڙ فرعونن جا ڏاڍا ملهائن پيا. جيڪي الله سائين جي نبين رسولن سان وڙهيا ظلم ڪيا. ايرانين سائرس جو ڏهاڙو ملهايو آهي. ترڪ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ملهائيندا هوندا ۽ اسين ڏاهر جي حب الوطني جي ڪردار کي ساراهيون بہ نہ.

تواريخ جي صفحن تان جيئن جيئن لَٽَ لهندي ويندي تيئن تيئن حق ۽ ناحق وارا پڌرا ٿيندا ويندا.

خون خوار ميرَن درندن حيوانن جا نالا

هي مِرُنِ درندن حيوانن جا نالا وٽن جي مَتِ ٿي سگهن ٿا؟ بنِهِين نہ. درندن جا نالا جيڪي وڏي شد مد سان فخريا رکيا وڃن ٿا. فهد = چيتو

اسد ، شير ، شِينهَن، سِنگهُہ، مبين ۽ باز شهباز شاهين = سِرِڻ لفظي آوازي ريت هِي نالا ناهوڪا پيا لڳن. اسد فهد شير سنگهَہ سبين پر ٿيو تہ شينهن. طاقت جي علامت طور دنيا جي مڙني ملڪن ۾ اسد ، شير ،ليو ، لائن نالو عام جام رکيو وڃي ٿو. پر شينهن جي صفاتي بدني بناوتي خاصيتي ڪا سونهن خوبي نہ اٿس ۽ خصلتن تہ خون خوار درندو ظالم حيوان آهي ۽ صورتي طرح تہ بُجُڙو بِلو آهي. بدني ريت تہ بدبودار آهي. ظالمي سَگهَہ طاقت جي طور درندن حيوانن جا نالا رکڻ ڪهڙي معنيٰ مطلب ٿا رکن؟

حديثن سڳورنِ ۾ آيو آهي تہ بانورُ ۽ فخر تڪبر نہ ڪيو. پوءِ هي تڪبرانا ڏاڍ ظلم جا ظالم درندن جا نالا رکڻ ڪهڙي معنيٰ ٿا رکن؟ مذهبي ريت سنڌي ماڻهن پاڻ تي عجز انڪساري وارا ڪِبين

جهڙا نالا رکي پاڻ کي مِيڻُ ڪري ڇڏيو. هتي منهنجو هِي بہ مطلب نہ آهي تہ هِن وقت اهڙا عجز انڪساري غلامي وارا نالا رکجن.

لقب ۽ نالا

هيءَ عجب اسرار دنيا آهي جنهن ۾ نالي چڙهيو چوُر ڦاهي چڙهي نالي چڙهيو واپاري ڪٿيو ڪائي. تيئن لقب "خان" مسلمان جي نالي چڙهي ويو ۽ لقب "مَل" هندو جي نالي منسوب ٿي ويو "خان" خون خوار وحشي درنده صفت منگولن جو لقب آهي "خان خاڪان" بي معنيٰ ۾ آجوج ماجوج جو لقب آهي. تاتارِن، اُزبڪَن، تاجڪِن، سمر قند، بلخ بخارا ڪان ڦرِندو افغانين پٺاڻن ۾ آيو افغانين مان هندُ سِنڌُ ۾ پهتو.

وحشي درندهہ ظالمن چنگيز خان، هلاڪو خان، ڪبلائي خان وغيره وارو لقب هِندُ سِنڌُ جي مسلمان لاءِ ڪيئن مخصوص ٿي ويو مسلماني لقب سَمَذو وڃي پيو.

الحمدالله اسان جو عربي دين آهي "خان" عربي جو لقب ناهي ڪنهن بہ عرب جو خان لقب يا نالو ناهي. سڪندر نالو بہ مسلماني ليکجڻ ۾ اچي پيو. هي يوناني نالو آهي نہ عربي يونانيءَ ۾ اليگزينڊر ۽ عربن ڪيو اِسڪندر سنڌين ڪَيو سڪِندر. اِنهَيءَ نالي ۾ ابڙي نزاڪت بہ ناهي پوءِ بہ ڪافي انداز ۾ رکيو وڃي پيو. "مَلُ" سنڌي لقب آهي جنهن جي معنيٰ آهي "پهلوان جوان مرد" پهاڪي طور چوڻي آهي مڙس تہ ڪو مل آهي. سنڌي قوم جي هادي رهبر حضرت شاهہ ڀٽائي بادشاهہ پاڻ فرمايو اٿن.

مانجهي سي مَل هر جنين جي هَٿَ ۾

"جِي سِي ۽ جان "

ماروا ڙي قوم نالي پٺيان "جي " جو پَراءُ ڏيندي آهي جهڙوڪ گل جي ، رام جي ، ڪان جي وغيره ۽ ڪڇي قوم نالي جي پڇڙيءَ يعني آخر ۾ "سِي " جو پَراءُ ڏيندا آهن جيئن تہ "رام سِي " رڻ سِي ، وينسِي. وِيرسي ، ايراني ۽ افغاني نالي جي پَڇاڙيءَ ۾ "جان " ڳنديندا آهن جيئن تہ علي جان دلي جان عبدالله جان اَنهن پَراءَ وارَنِ سيني لفظن جي ڀاڄ يعني معنيٰ هڪ آهي.

جِي = ساهُہ روح. سِي = ساهہ روح. جان = ساهہ روح. جان عالم نُور عالم نالو سنڌي ماڻهون تہ رکن ٿا مورُ عالم چونٿا رکن؟ روُحِن رکن ٿا ۽ ساهَنُ چو نٿا رکن؟ روُحل رکن ٿا ۽ ساهَلُ نٿا رکن. ساهُلَ= روُحِي. روهَلُ= جبلي= ڪوهي. روهُ يعني جبل پَهاڙ. روهِيلو يعني جابلو ماڻهو. روهِي يعني جابلو عورت.

سنڌي ۽ غير سنڌي نالا

غير سنڌي نالن ۾ وڏيون وڏيون خاميون ۽ عيب آهن. پر علمِ ۽ ڄاڻ نہ هجڻ ڪري اسين سمجهي نٿا سگهون. اڪثر عربي نالن جي معنيٰ هوندي آهي. سنڌي نالن جي ڪِن جي معنيٰ هوندي آهي تہ ڪن جي ناهي هوندي. پر نالي جي معنيٰ ٻي ڳالهہ آهي ۽ نالي جي خوبي ٻي ڳالهہ آهي. هي ڏنو وڃي تہ عربي ، ايراني ، ترڪي نالن ۾ سراسري رڳو لفظي ٻيهڪ چڱيري آهي. معنوي ۽ خوبي طرح ڪا سِونهن نہ اٿن. عربي ، ايراني ، ترڪي ، هندي ڪي نالا آهن تہ سندن معنيٰ جي ڪا خوبي ڪانهي نہ سُونهن ، جيئن

پباڻيءَ مان نڪتلُ. دريا ٽيپي ابندڙ اختر خورشيد ڪوڪب ثريا پروين هي نڪتن تارن جا نالا آهن هي ڏسو هن جي معنيٰ ۾ ڪهڙي خوبي آهي عبراني، عربي، ايراني، ترڪي، هندي ڪيترائي نالا آهن جن جي معنيٰ جي ڪا خوبي خاصيت ڪانهي رڳو لفظي آوازي ريت آساني لطافت آهي ۽ خوبي گهٽ. آوازي ريت سُنا تا لڳن پر اندر مڙئي اڳڙيون. يا ٿُوهر جي مثل ڏسڻ جي سونهن جو ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي پر ڪڙو وِهُ زهر هوندو آهي.

نالي جي معنيٰ کان وڌيڪ خوبيءَ کي اوليت ۽ اهميت هجڻ کپي نه معنيٰ کي.

نالا ڪنهن خوبي خاصيت وارا هجن زميني مزاج ملوُڪتَ يعني سونهن وارا سُهڻا گُڻ پَريا هُجن سَڏڻ وَنڻ ۾ سَوَ لائي ۽ آساني وارا هُجن. هُوندي فائدي مندي شئي جا نالا رکجن. هُوڻ بہ حاضر موجود هوُندي وَٿن جا نالا رکڻ ۾ ايندا آهن.

دنيا ۾ نالا هر قوم جي هِڪ سُڃاڻپ آهي دنيا جي هر هڪ قوم جا پنهنجي نوعيت جا نالا هوندا آهن. نالن جي معنيٰ مطلب کي نہ وَنو جتي جا آهيون اُتي جا نالا هجن.

پرايا پري جا نہ هجن.

مذهبي نموني نالن کي ڇڏيو.

مذهب دين ڌرم ڏي نالن کي نہ ڇڪيو نالو رڳو رڳو هِڪ قومي سُڃاڻ آهي جنهن ڪري توهان تي هِڪ قومي طرح فرض واجب ٿئي ٿو سنڌي نالي رکڻ جو.

نالن جا عيب

(1) نالن جو وڏي ۾ وڏو عيب تہ هي آهي غلامي ڀانهپ وارو نالو. غلامي ڀانهپ نموني نالو اولاد تي اصل نہ رکجي. غلام نالي بابت اڳ بہ بہ ٽي لفظ لکي چڪو آهيان. هتي وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي. ننڍي کنڊ يعني برصغير جا مسلمان غلامي نموني نالا جام ججها رکن ٿا.

پر باب اسلام جي اول مسلمان ٿيل سنڌي قوم تي غلاميءَ جو غلبو وڌيڪ آهي. جيئن تہ فلاڻي بزرگ جو غلام فلاڻي بزرگ جو ٻانهون و فلاڻي بزرگ جو ڏنل، فلاڻي بزرگ ڏنو، فلاڻي بزرگ جو بخشيل، فلاڻي بزرگ بخش.

اصل ڪان وني سنڌي ماڻهن کي ايڏو غلامي تي چاهہ هو. حد تہ هيءَ ٿي چڪي آهي غلام ڏنو پڻ نالو رکيو اٿن.

توهان پراڻي وقت ڪان وني موجوده وقت تائين عربستان جي تواريخ پڙهي ڏسو؟ تہ توهان کي غلام نالي سان ڪنهن بہ عرب جو نالو نہ ملندو. "عبدالله" هوندو پر غلام الله نہ هوندو. توڙي عبد ٻانهون، غلام ۽ داس هڪ ئي معنيٰ رکن ٿا. پر غلام جو مطلب عربن وٽ ٻيو آهي پراڻي زماني ۾ مفتوح يعني قبضي ٿيل قبيلن ۽ قومن جا ماڻهو ڪم ايندڙ حيوانن وانگر ڪامندا هئا. وڪاڻل ماڻهو کي عربيءَ ۾ غلام چون ٿا ۽ عبد منسوب ٿئي ٿو الله ڏي يعني الله جو ٻندو.

هرشيءِ جو مالڪ حقيقي، حق تعاليٰ آهي جو سدا آهي. تنهن ڪري سندس ٻندو سڏائڻ صحيح آهي.

هرشئي جي حد هوندي آهي پر برصغير جا باشندا حد جو ليڪو اورانگهي بيحد ٿي چڪا آهن. فلاڻي فلاڻي بزرگ جو ڪتو ٿيڻ بہ سڏائن ٿا.

جڳ جهان ۾ سڳوريون پلاريون اعلىٰ شخصيتون آيون. حيوان مان انسان ڪرڻ، انسانيت جا اصول سمجهائڻ. انهن ائين نہ چيو آهي تہ "اسان جا سگ سڏايو" پر چيو اهي تہ انسان ٿيو.

(2) نالو ديني ڏرمي ڇڪَ نموني بہ نہ رکجي جيئن فلاني ٽيري ڊينگڙي جو غلام، لال ڏنو يعني ڳاڙهي جو ڏنل، قلندر يعني ملنگ، قلندر بخش يعني ملنگ جو بخشيل.

امير بخش ڪهڙي امير جو بخشيل؟

پير مرشد جو ڏنل بخشيل غلام فلاني ٽيري جو ڏنل بخشيل. لعل بشڪ (بخش) يعني ڳاڙهي جو بخشيل. اهڙي رِيتِ جا ڪئين نالا آهن. غير سنڌين بہ غلامي وارا نالا رکندي ڪو نہ گهٽايو آهي جيئن تہ غلام اسحاق، غلام فريد، قلي بخش وڏيڪ ڪو نہ ٿو وڃا.

(3) **ٻڳها نالا:.** نالي جي ڊيگهہ ڏگهاڻ پڻ وڏو عيب آهي ڏگهن ڏکين نالن جي هَرون پِرون جي ڊيگهہ ماٺهوءَ جو بنيادي نالو ننڍو هوندو آهي پَرَ مُنديَڙ پُڇڙ ڳنڍڻ سان نالو رَبَڙ جيئن اِگهي ڊگهو ٿي ويندو آهي. جنهن ڪري نالن ۾ مُنڍيُون پُڇَ ٽُنبَڻُ نہ گهرجن. مطلب تہ ٻِٽا ٽِيلهہ ٽڪُڙ نالا ڪي تہ ايڏا ڏگها چار پنج يڪا ڳنڍيل نالا هوندا آهن. جي نہ هئڻ گهرجن نالو ننڍو ۽ سَولو سٺولو جو جهٽ

پَٽ وٺڻ ۾ اچي. مطلب تہ چڱن عملن بنان رڳو اَهڙن نالن رکڻ سان يا نالي ۾ سِبي ڳنڍيڻُ يا نالي سانُ پيڇ ٽاڪڻ ۾. نہ ڪنهن جي اوبر ڪائِڻَ سان چوتڪارو ٿيٽو ڪونهي نہ هتي نہ اڳوتَرَ ۾.

(4) ڌارين زبانن جا نالا هڪڙا سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ٻيا ڳَرا دقيق ڪاڪڙي ڪيرائيندڙ نالا.

(5) **خَصي ڪدڙا نالا:**. نالا هوندا آهن ٻن نمونن جا مونث مذڪر. نَر پائي جا مادي پائي جا . نہ نر نہ مادي.

ڪدڙا نالا جهڙوڪ: ممتاز . شمشاد . اختر . خورشيد ۽ اهڙي ريِتِ جا تہ ڪئين نالا آهن جي مردن تي بہ رکَنِ مائَنِ تي بہ رکن.

اوپرن عجيب نالَنِ جو رُخ

اوپرن عجيب نالن جو رواج تعليم يا فتہ سنڌي ماڻهن ۾ ڏاڍو روَان ٿي پيو آهي اڄڪلهہ اڃرج پريا ڌاريان نالا ڪوٺي ڪتابي قبرن مان ڪڍيان اٿن.

سائرس . سم سام . الف الوفا . ببلو ڪاب ڪوسَن عيسائين وَاري ڪليسا . راحيل ذوالقرنين . ذوالرافع لبنٰي . مهرين . ماريا . فاريا . تانيا . انيتا . انيلا . سَنبيلُ . ڪمار . انيل ڪمار . رميش ڪمار . منيش ڪمار وغيره تانيا روسي نالو آهي البت هِنَ سان هندي نالو تاني ميل ڪائي ٿو. هي عجيب نالن جو رخ ان ئي پَهَرَ اردو جي نشر وَ اشاعت جي اثر ڪري آهي. دنيا ۾ ماڻهن تي ميڊيا

وڏو اثر وجهي ٿي. نشر اشاعت اڪثر وڏن ماڻهن جي نالن جي ٿئي ٿي.

هيءَ وڏن ماڻهن جي دنيا آهي تن جو نقل عام ماڻهو ڪري ٿو. جيئن ڏسو سونيا گانڌي. اڄڪلهه اِهو نالو "سونيا" عام جام رکيو وڃي پيو. حالانڪ هي نالو اسان وٽ سنڌيءَ ۾ مُسندَ ڪان موجود آهي. "سونا" پر اسان جا مذهبي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهون تہ اهو نالو غير اسلامي سمَذا ۽ سنڌي انگريزيدان صاحب اهو ڄٽڪو نالو سمجهڻ لڳا.

مادي حلال ۽ نر حرام

ايراني ترڪي هندي نالا تہ رکيا وڃن پيا پر هاڻي ايتري قدر جو يُورپي باندرن جي زبانن وارن نالن رکڻ جو لاڙو ٿي پيو آهي. مثال مريم عبراني يا عربي نالو آهي. "مريم" ڪي يورپي باندرن بگاڙي ميري، ميريون، ماريا ڪيو.

انيتا، شانتا، انيلا، تاني هي مادي پائي جا هندي نالا آهن. سي تہ رکيا وڃن ٿا ۽ تانُ سين اِنيلُ وغيره نر پائي جا هندي نالا آهن. هِنَ ڪي هندو نالا سمجهن تہ اِهو ٿيو مادي حلال ۽ نر حرام. اَهَڙنِ نالن جي ٻارڙن جا فوٽا سنڌي رسالن اخبارن ۾ ايندا آهن. ڪو ٻارُ اجرڪ جو ٽوپُ يا چولو پاتَلُ آهي. ڪو ٻارُ سنڌ سونهاري جي نقشي ۾ ڪهاڙي جهليو بيٺو آهي.

هي بي فائده هَـرُون پـَرُون جو خرچ ۽ بي عملي جي نمائشي قوم پرستي تہ ڪيون ٿا. پر سنڌي قومي نالن رکڻ جي هڪڙي ننڍڙي

قرباني ڏنا ڪري سگهون. باقي غاصبن ڪا ذبن ظالمن قاتلن سان وڙهڻ مارڻ غلاميءَ مان آزادي اسان کان ڇا ڏيندي؟

سنڌي نالا ۽ لفظ غير سنڌي سمجهڻ

اسين هرون پرون سنڌي نالا ۽ نَپا = لفظ گفتا عربي، ايراني سمجهي وڏي الف - ب ۾ لکندا آهيون. جيئن تہ سدورو کي صدورو ۽ سوبو کي صوبو اهڙي ريت ڪئين نالا ۽ لفظ آهن. سدورو نالو وقت جي حساب واري صدي مان ڪونهي نڪتل نہ صدر مان. سدورو نجُ نيٺ سنڌي نالو آهي سندس معنيٰ آهي ڀاڳ وارو سڀاڳو سعيد ۽ سوبو بہ نج سنڌي نالو آهي ھي نالو صُوبو يا صوبدار جو ڪونهي بگاڙ. سوبو آهي سوبَ مان نڪتل يعني فاتح. سوبَ = فتح. مطلب تہ اهڙي ريت جا ڪئين نالا ۽ نَپا آهن اسين اَنُ ڏٺي پڙهيل مُلا واري جنونيت وانگر "هليو وَڄ نَڪُ سامهون ڪاڏي بہ نڪ نہ ڦيرائجان واري ڪار آهي. اسان کي الائي ڪهڙي چَريائي آهي جو هر شئي عربي ايراني ڏي منسوب ڪندا آهيون. عربي ايراني سمجهندا آهيون. وڏن ڳرن ڪاڪڙي ڪيرائيندڙ اُچارن آوازن وارن اکرن ۾ لکندا آهيون ۽ وڏا اکر عربي جِهيڪي جهيلَ جيئن اُچاري نہ سگهندا آهيون ۽ پيا ائين ڏنا ڪن. خاص ڪري پختونستان وارا پٺاڻ. جيئن مهمند قبيلو ڪابل ڪنڌار اباسين هُنزا وغيره ۾ اهڙي رِيت جا وَتِن ڪَئين نالا آهن جي هُو نندي الف. ب ۾ لکن ٿا عربي وڏا اکر عرب ماڻهون جنهن جِهيلَ جهيڪي يعني لهجي ۾ اُچاريندا آهن.

اِها انهن جي ذات فطرت ۾ آهي ۽ اهڙي ريت اُچارَڻ اسانجي فطرت ۾ ڪونهي تہ پوءِ اهڙي رِيت ڪهڙي ضرورت اُچارَڻَ جي نہ اِهو جهيڪو(لهجو) اسان جي فطرت ۾ آهي نہ اها اسان جي ضرورت آهي.

اسان وٽ سنڌيءَ لاءِ اهو تاثر خيال آهي تہ رڳو سنڌين بين قومن جي ٻولين ڪان نالا ۽ نَپا گفتا ورتا آهن جهَتيا آهن. ۽ سنڌين ڪان ڪنهن ڪو نہ ورتا. سنڌي لُهاڻا واڻيا واپاري آدَجُڳادَ ڪان دنيا جي ڪُنَڊ ڪُڙِڇَ ۾ وڻج واپار سانگي ويندا ايندا ها. تن ڪان ڪنهن قومن لفظ نالا ڪونہ ورتا هوندا. ڏِڳِي ڳَئُون جي پوڄا هند سنڌ ۾ ٿي. پاڪ پَوَتر سمجهي ويندڙ " ڪامر ڌِينِ" ڳئُون تي "جُهلَ" وجهندا هئا. جي "جُهلَ" عربي لفظ آهي "جُل" سنڌي لفظ اتي عربيءَ ۾ يا ايرانيءَ جي لکت ۾ لکجي ويا تہ اسان سَمڌو اِهي لفظ نالا عربي ايراني آهن جُهلَ عربي يا ايراني يعني پارسي لفظ آهي تہ پوءِ هي بہ هَڙَ عربي، ايراني، ترڪي لفظ هوندا.

جهَندو ،جهَندِي ،جهالِر، جهُوڙو، جهاپو، جهَبوُ، جهانءِ، هي ڪارڻ رڳو آهي لِکِت جو عربي ٻولي وڏي وسيع آهي ۽ چوڏهن سو سالن ڪان وني مذهب وسيلي اهميت ۾ آئي ۽ لکجندي پڙهجندي پئي اچي. ۽ ايراني ٻولي جي پڻ لِکِت آهي. جنهن ٻوليءَ ۾ جي لفظ نالا لکجي ساندجي ويا تہ سي لفظ نالا اُنهِين ٻوليءَ جا سَمجهَڻ ۾ آيا. ٻيو هڪڙو مثال ڏيان.

"جڏهين ڪڏهين سنڌڙيءَ ڪنڌارئون جوڪو."

افغاني ڪنڌاري قاتُلَ. ويهيــن پنجويهيـن وَرهـَ سـنڌ تـي حملـي آور هونـدا هئـا. حملي آورن مـان ڪيـترا پوئتـي موتـي ويندا هئـا تـِـن سنڌي لفظ سانُ نـِيا پشتو بوليءَ ۾ ملي ويا جيئن تـہ ڪابل شـهر ۾ وڏي گـَسَ دَڳَ ڪي وات چَوِن. مانيءَ ڪي مانـَـئي بـہ چونـدا آهـن. وَڻَ ڪي ون چَونِ چاچي ڪي پشتو ۾ ڪاڪو چَونِ. اهڙا بيـا بـہ لفـظ وٽن آهن.

نالن جي هِڪ جهڙائِي.

ڪِـنِ نالن جي عجب اتفاق سان دنيا ۾ هڪ جهڙائي ٿيـنـدي آهي. انهي ۾ ائين نہ سمجهڻ ڪپي تہ هي نـالو فلانـي زبـان يـا قـوم کان ورتو ويو آهي. اهڙي ريت جا عجيب اتفاقَ دنيا ۾ ٿيندا آهن.

ملڪن ماڳن قومن جا نالا مٿائي ڦيرائي ڇڏنُ.

اسان وَٽ سڀ شئي جو معيار انگريز باندر ٻلي ڪي بنـايو اٿن. انگريز باندر جنهن بہ ماڳَ ملڪ جو جيڪـو بـہ نـالو رکـي وَنـي لـِکي سو صحيح آهي ڏسو اردن ڪي جو رڊن ، شام ڪي سريا مـصر ڪي ايجپٽ. ُممبئـي بـامبي تـائيوان ڪـي فارموسـا. ڪمپوچيـا ڪـي ڪمبوڊيا. هي چند مثال ڏجـن ٿا نـہ تـہ اهڙا ڪوڙَ ڪافي مثال آهن. انگريزي ۾ جي آواز نہ آهن سي نہ وني سگهن سا تہ ميجون ٿا سـندن مجبوري آهي پر الف جو آواز وٽنِ آهي. ش جو آواز اٿن "م " جـو بـہ اٿـن "ذ " جـو آواز نـاهي تـہ اها مجبوري آهـي سـنڌ ڪـي سـنڊ لـکنـدا آهن. اسان ڪي تہ SINDH لکڻ گهرجي. پر نہ آقائي انگريز جو ليڪـو

نڪتل اهي اُن تي پيا هلون. ٻـي هڪ ڳالهہ ٻـڌو. ڳـڌ سـرَهـہ چي مارڪو پولو سيلاني دريافت ڪيا. هـُـن جيڪو نالو اِنهن پسُن حيوانن جو سنڌي سفرنامي ۾ لکيو سو انهن جو نالو ٿيو ۽ مقامي سنڌي ماڻهن چئبو تہ ڳـڌ سـرَهـہ ڏنائي ڪونہ. هتي انگريز باندر جا ميجتائو هي چوندا تہ مارڪو پولو انگريز تہ نہ هو. انگريز باندر نہ سهي، يورپي باندر تہ هو. يورپي باندرن ۾ خاص ڪري انگريز جو معيار افرو ايشيا ۾ گهٽو مجيبو وجي ٿو. اهو انهي ڪري جو انگريز باندر امريڪا آسٽريليا (هنن ڪنڍن جا بہ اصل مقامي نالا الائجي ڇا ها) جا ڪنڌ ۽ افرو ايشيا جا ملڪ قبضا ڪري بينڪون بنائي حاڪم ٿي انگريزي ٻولي کي حـاڪميت جـي هٿـيءَ سـان عالمي زبان بڻائي ڇڏيو. آمريڪا آسٽريليا ڪنڊن مان تہ اصلي انسان قومن جو خـاتمو ڪري ڇڏيو. ۽ سنڌي قـوم کي قـيامت تـائين جو هيرا منڊي حاڪمن جو غلام ڪَري ويـو. فلسطينين کي فنا ڪري ويو. انگريز باندر ٻلي کي آئون چڙ ڪاوَڙ ۾ بـاندر ٻلو ڪو نہ ٿو ڪونيـان پـر سـندس بدني بناوت جي ڪري چوان ٿـو ٻلـي واريـون شيرِيُون اڪيون اُٿن ڪَل ۽ وار باندرن وارا اٿـن. اتفاقي تـہ منجهـن بـہ سهٽا ملوڪ ماڻهون ٿيندا آهن پر ڪنهن بہ نمونـي جـي سراسري ليکي آهي يورپي سامراج جي باندرن ۾ هر طرح جي ترقي ڪوڙَ ڪافي پر انساني اخلاق حياءَ فضيلت جو فقدان. وري اڃون ٿا نالي ڦيرائڻ متائڻ واري ڳالهہ تي. عام ماڻهو جو نالو مٽائي ونبو آهي تہ سو ڪاوڙجي چڙي پوندوآهي. هي انگريز ملڪن جا نالا مٽـائي پنهنجي مرضي آهرِ ونندو رکندو لکندو آهي انهيِن ني ڪو اعتراض

ڪرڻ وارو ڪونهي. اسين سنڌي ماڻهون انگريزي عربي جي نالن لفظن جا اچار غلط ڪيون ته اسان کي اناڙي جَٽُ چيو وڃي ٿو ايستائين جو عربيءَ جي آوازن غلط اُچارڻ تي ته الله سائين به ڪاوڙايو رکن رب العالمين جي ڪاوَڙجَڻ جا ڊپَ ڊُڄَ ڏين گناهه گار ٿيڻ جا ليبل لڳائين. هي ته عربي آهي پر اردو پوري نه اچارڻ تي سنڌي ماڻهونءَ تي نَنوَلَ چَتَرَ ڪنداءِ ڪلندا آهن خود اسان جا سنڌي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهون، چوندا ته جَٽ آهي. وري اردو وارو پناهگير سنڌي غلط اچاريندو پيو ته اُنَ تي ترسُ قياس ڪنداسون ته ويچاري کي سنڌي نٿي اچي. ظالم ملعون غاصب ڪميٽو چارلس نيپيئر کي سر جي لقب سان لکندا آهيون. جيڪي حملي آور قابض ملڪن تي قبضا ڪيا تن جي قبضي کي فتح لکندا آهيون ۽ نه قبضو.

نالي مهابي چوتڪارو

ننڍي هوندَي وَڏِنِ پوڙهن کان پيا ٻڌندا سُڌا هاسون ته نالو سيدن پيرن جو رکجي ته مُئي پوءِ ٻُني= قبر ۾ نالي ڪري ڇوتڪارو ٿئي ٿو. سيد پير مرشد سان ڳڏ ماني کائڻ سان به ڇوتڪارو ملندو. پير مرشد جي ماني اوبـِر ٿيل کائڻ سان به ڇوتڪارو ٿيندو قبر ۾ جڏهين وڏا ٿياسون ڪجهه ديني علم پڙهيوسون سُڌ پئي ته نالي تي آهي ڪونه. سڀ ڪجهه اعمالن تي آهي. مطلب ته اَڻَ پڙهائي بي علمي ۾ سنڌي برباد ٿي ويو آهي.

نالي تي جهيڙو:. اڳي سنڌ جي ڳوٺن ۾ عام ۽ هينئر ڪٿي ڪٿي نالن رکڻ تي ڳوناٺين مائٽن جي ويڙهه هلُ ٿيندو آهي بس ڪٿي ته پاڻُن ۾ چيٽ ڦُلا ڪري ڇڏينديون آهن. ٻارَ جو ڇهين ڏينهن ڇٺي تي نالو رکيو ويندو آهي.

ڳوٺ جو مايُون ڇٺيءَ تي واڌائي ڏيڻ وينديون آهن ٻارَ واري گهر.

ته اِهو اسان جي گهراڻي جو نالو ڇو رکيو اٿَوَ؟

اولاد نه بچڻ تي به نالو مٽائيندا آهن مائٽ

گدا پسرَ نالا: اڌ سنڌي اڌ عربي يا اڌ ايراني اڌ سنڌي يا اڌ ترڪي اڌ سنڌي سو ٿيو گڏو پِسرُ يعني ٻوغلو نالو.

ڪوڏانا نالا:. مائِٽ ٻارن جا ٻه ٽي به ٽي نالا رکندا ۽ سڏيندا آهن. هڪ نالو ڇٺيءَ وارو ته ٻيا نالا پيار پرِيت خوشيءَ لاڏڪوڏ جا رکندا آهن. لاڏڪوڏ وارِي نالي کي ڪوڏاڻو نالو چَون. ننڍڙي ٻار کي ماءُ گوڏي تي لوڏي هڪ نموني جا گيت چوندي آهي جن کي ڪوڏاڻ جا گيت چوَن. ڪوڏاڻي گيت جو مطلب "لولي " نه سمجهڻ گهرجي ڪوڏاڻا لولِيءَ کان الڳ صنف آهي.

نانگن جا نالا:. جيئن طاقت جي علامت طور شينهن جا نالا ماڻهن تي رکيا وڃن ٿا. تيئن ڪلا يعني سگهه يا طاقت جي علامت نانگ به آهي. يعني هڪ طرح جي طاقت طور نانگ به عجيب سگهه رکي ٿو. نانگَ ڪاڏي طور ڪيترن قومن ۾ ڪاڏا وڃن ٿا.

نانگ جي وِهَ مان ترياق ناهيا وڃن ٿا. نانگن جا ٽي وَڙَ يعني قسم آهن. ڪَلا ڏاري. مَڻ ڏاري. ڦَڻ ڏاري. طاقتور نانگن جا نالا. پَدم. ڪَدم واسينگ. وَسي هَر. تَليهَرُ. ڪاريهَرُ عرف ڪاريهَلُ (ڪوبرا) ڳوڪُو. سڱهڙيو يعني سنگ ڇُورُ. ڄِهنڊ واري ڪوراڙ جنهن کي گهوڙيلَ بہ چوندا آهن جا گهوڙي چڙهي بہ ڪائي وڃي (هي ڊراگون نانگ آهي) تکو پلو گهوڙو هُجي پر جنهن پاسي جو واءُ واچَ= هوا هوندي. هوا کي سامهون گهوڙو هڪلبو تہ ڄِهنڊ واري ڪوراڙَ يعني ڊراگون نانگ رَسي ويندو. جي هوا کي پُٺيري هوندي تہ ڄِهنڊ اکين ۾ پوَنديس پوءِ نہ پهچي سگهندي گهوڙي سوار کي. ڪَپِرُ نانگُ بہ ٻئي نمبر تي آهي. هي عام نانگن جا وَڙَ قسم آهن. ڪُنيارو پوَنگُ. پُڄنگُ. هَڻُڪڻُ هي حقيقت ۾ نانگ نہ آهي زهري جيتُ آهي ڳَتِس تنگون. پير آهن. ڳَتِس يعني ڪيس.

پَرڙَ. اَرڙَ. ارڙ کي هنديءَ ۾ اجگر نانگ چوَنِ ۽ عربي پارسي ۾ ازدها بلا چون. پاٽيءَ جو جهُوڙُ نانگُ ٿيندو آهي. ناري دريا جي پَرِ جا پاڳيا مالوَندوُ ڳالهہ ڪندا آهن تہ جهوڙ نانگ مينهِن جي ڇَٺِن ٿنگن کي وَنگُ هٿي بوُنيءَ وٺان ساهُ پيئندو آهي. سڳوري سنڌ جي سڳوري سرتاج شاهنشاهہ پٽائي سائين. نانگ جي طاقت جي وضاحت ڪئي آهي ”سنها پاڻ ۾ سَپَ جني جي جهڙپ هاٿي هنڌائون نہ چري“ منهنجي هَروُن پروُن هيءَ مراد نہ آهي تہ نانگن بلائن جا نالا رکجن. نانگَ جي جوکي زبان جي طاقت جي علامت آهن. ۽ نہ ڪنهن خوبي فائدي پري سَگهہ جي.

نانگ جي مثال ڏيڻ جو مقصد آهي شيراسد فهد جي نالن بابت جي فخريا رکيا وڃنتا. اسلام ۾ ته مذهبي شخصيتن کي لقب ڏنا ويا آهن.

گهوڙن جا نالا:. گهوڙو طاقت جي علامت آهي ۽ سندس فائدا خوبيون کوڙَ آهن. گهوڙن جي رنگن وَسِبَنِ جا نالا آوازي ريت آسان ۽ شو وارا آهن سي رکجن.

گهوڙن جا رنگ سُرکو. سَنجافُ، سَمندُ، بورُ، ڪُميتُ، مَڪُڙو، بَگلو. امبَلڪُ (ابلق) چينُو. مُشڪي ڪارو، مُشڪي، ڪشمشِو، ڪارو، نيرو، ديناري، سُرکو. سائو سُرکو.

گهوڙن جي جمارَ عمر:. سَرلُ، ڏئوڪُ، پانجارلُ وغيره.

گهوڙن جي تورَ رفتار، اسپيڊ جا نالا:.
وِکَ، رَلو، چَرلُ، مـُنُ، چوٽُ، هيءَ آخري اسپيڊ آهي. چوٽَ ۾ جيڪو وارڙيو رَهندو سنڌ ۾ يلي ۾ يلو معيار وارڙ ئي گهوڙي جو آهي. وارڙيو يعني "واري وارو" جي آرام ده تورَ ليکبي آهي ۽ رئو دارُ يعني چئو تالُ عرف چئو تالـي هِنَ تورَ وارو گهوڙو تکو تيز ڪٽي ڪيترو به هُجي پر هِنَ جي چڙهي يعني سواري ڏکي ۽ تڪليف ده آهي.

چَٽو تالَ کي چَٽو بازُ بہ چَونِ ۽ مادريو بہ چون. ٻئي نموني جي ٽورَ جا نالا آهن. ڊُکَ، ڊُکامَ، ڊُکامو، سراڙو جنهن کي ٽپالَ ۽ چانچَ بہ چَونِ. پِيلَڪَ يعني ڇُهي هن لفظ کي جملي سان واضع ڪيان ٿو "سوار گهوڙي کي ڪوهَہ اڌ جي پڪي پِيلَڪَ ڪٽي ڏني." ٻيو جملو "پڪو سراڙو ڪٽي ڪنبائين گهوڙي کي." اسان جا شهري سنڌي لکڻ وارا گهوڙي کي اڙي هٽي هڪلبو آهي. اڙيءَ کي ايڙ لِکن. اردو ۾ اڙيءَ کي "اي ڙ" چون. هي جملي ۾ چوان ٿو "سوارَ گهوڙي تي لانگَ وَرائي اڙي هٽي وَني هڪليو"

ٻيو شهر وارا سنڌي لکڻ وارا اوڍڻَ کي اردو لفظ "اوڙهيو" لِکَنِ. عورت کي پوتي اوڍيل هُئي. عورت کي پوتي اوڙهيل هئي."

اوڍائٽوُ وِڇائٽو = اوڙهنا ٻچونا

گهوڙن جي سنجَنِ سامان جا بہ نالا آهن.

موجوده سنڌي نالا:

موجوده سنڌي نالن جو بنياد ڏهہ آنا عربي نالن جو آهي ۽ بہ آنا ايراني پارسي آهي ۽ چار آنا نج ٺيٺ سنڌي نالا آهن. تعويذات جي ڪتابن ۾ عربي نالن جي پنوتري يعني لسٽ بہ آهي. شروع ۾ سنڌي مسلمان مُلَنِ مولوين کان نالا پُڇي ٻارن تي رکندا هئا ۽ هاڻ اهو ڪم نشر و شاعت جي وسيلي ٿئي پيو ۽ سنڌي هندو اجا تائين ٽپڻو پوٿي پِتائي نالو پچندا آهن.

پوءِ ٻائو ٻانڀڻ بہ تي نالا ٻڌائيندو اتن پوءِ کو هڪڙو نالو رکي ڇڏيندا آهن. هندو پنهنجي ابي ڏاڏي جو نالو وري ٻار تي نہ رکندا آهن. اُهو نالو رکندا جو سَنڌُن پُريءَ ۾ نہ هوندو.

ملان مولوي نالو رکڻ لاءِ عربي ٻڌائيندا. ڀاوا ٻانڀڻ نالو هندي سڻائيندا. ارمان اِهو آهي تہ رَهون. جيئون. ڪائُون، ڀيئُون سنڌ ۾ سنڌ جو. نالا رکون ڀوي جا ڪي ڏور اولهہ جا ڪي ڏوُر اوپر جا. وقت جا وارا ڦيرا آهن. **آهو** بہ وقت هو جو سنڌ جا نالا عرب ايراني رکندا هئا. جهڙوڪ هِنده. هِندال. هاڻي هي بہ وقت آيو آهي جو سنڌي قومر جا ٻئي حصا هندو مسلم. ڏور اولهہ جا ڏور اوپر جا نالا رکن پيا. افسوس آهي سنڌي قومر جي ٻنهي حصن تي.

ذاتين وارا نالا:

سنڌي نج نيٺ نالا سيڪڙي جو سيڪڙو سنڌي ماڻهن جي ذاتين وارا آهن. ذاتين وارا نالا پهرين پَڙ ڏاڏَن ڪان تَڙ ڏاڏِن جا نالا هئا. پوءِ جنهن نالي جو "پُونيئَرُ" وڌيو ويجهو تہ تنهن نالي جي ذات تي وئي. ڪن جائن. هَنڌَن. ديهِن. جُوئِن. لُوئِن جي نالن تي ذاتيون نهيون پر ڇوڏهن آنا نالا ماڻهن جا آهن. معنوي صفاتي ريت نہ ڪئي. پر لفظي آوازي ريت جي ذاتين وارا نالا سوَلا سرُيلا لڳن ۽ انگريزي ۾ لکڻ سَوَلا هُجَن سي وري نالا رکن طور واهپي ۾ آتي سگهجن ٿا.

نالا ڪھڙا رکجن:

نالي بابت ڪوڙ خيال آهن.

1. هڪڙن جو خيال آهي تہ نالي ۾ ڇا رکيو آهي. نالي جون ڪھڙيون معنائون ڪھڙي مراد. مڙئي سڃاڻپ لاءِ ڪونہ ڪو نالو رکڻو آهي. سڀ شئي جي سڃاڻپ لاءِ سڀ شئي تي نالو رکيو ويندو آهي سو نالي جو خاص مقصد مراد آهي سڃاڻپ.

نالي جي سڃاڻپ باري ماڇين جو هڪڙو ٽوٽڪو آهي تہ ڪنهن ماڇيءَ جي جوءِ کي ڇوڪرو ڄائو. پيءُ چيو، "هيڪر تہ اتــهُ ســتــهُ ڪري نالو رکوس بابو ٻگھو پوءِ رکنداسونس. نانُسُ بــريڙ تنهن وانگر مڙئي آهي نالو رکڻو.

2. ٻين جو چوڻ آهي نالو سُهڻُو سنو رکيو وڃي.

3. ٽين ڌرِ جو چوڻ آهي تہ نالو معنيٰ مطلب وارو رکجي.

4. چوٿين ڌر جو خيال آهي تہ مذهبي ديني ڌرمي نالو هجي.

منهنجو چوڻ آهي تہ نالي مان خاص قومي سڃاڻپ جو مقصد آهي. قوم جي سڃاڻپ سان گڏ نالن جون ٻيون بہ خوبيون هجڻ کپن سي آهن سونهن سوڀيا وارا نالا.

معنيٰ مطلب ريت بہ موچارا هجن ۽ سَڏَڻ،وَنَڻ ۾ بہ سَولا هُجن. هن نوس حقيقي دنيا جي عاصر موجود موچارين شين جا نالا رکجن. ۽ نہ مفروضي خيالي تصوراتي عنقا شئن جا. جي ڪنهن جِي پنهنجي ٻوليءَ ۾ معنيٰ مقصد سونهن سنائي وارا نالا هجن تہ سي اَوَس رکڻ گھرجن. هينئن هر شيءِ جي پنهنجي پنهنجي نموني جي سونهَن سوڀيا آهي انهن تان نالا ڪڍجن:

گلَ ڦلَ . ميوا ، وڻَ ، وَلِيون، گاهَ . ٻنيءَ جا فصل پوکون ، ماکي ، منائي ، مچيءَ . وڄَت جي سازن ، سهڻن پکين ، پسُن . ساهدار جيتن جا نالا . پسارکي ٻوٽين ، سونَن روپن . گهڻَن ، زيورن جا نالا ، پرت جي نمونن جا نالا ، سونهن جي وسبن ۽ سورنهن سينگارن جا نالا . سنڌ جي ڏونگرن ٽڪرن جا نالا . سنڌ جي ڍنڍُنَ دورن ، ندين ، نئن جا نالا . سنڌو سگوري ندي هڪ آهي پر سندس پراڻين وَهندين ڦاٽن جا نالا سنڌ جي لڪن لانگهن جا نالا . سُگنڌِ سُرهانِ . خماري سونهن . حُسُنُ ساوڪ جي سهٽائيءَ جا نالا . خوشيءَ جي ڪيفيتن جا نالا جيئن تہ ٺهڪ ، مُرڪ پين ٻہ ڪيترين سٺين ڪيفيتن تان نالا ونجن جيئن تہ سج اپرندي جي ٻنيراڪ . ٻنيرڪو =فجر . مينهن . برساتي ڪيفيتن جا نالا. پنجابي قوم ڪي پنهنجون پهاڙيون ٻہ پياريون آهن . مرگلا موٽر ڪار تي نالو رکيو اٿن . پوٺوهار جيپ تي نالو رکيو اٿن . خيبر جو نالو موٽر ڪار تي رکيو اٿن. سورهيائي بهادري جي حالت جانالا رکجن خاص ڪري شهنشاهہ حضور لطيف سائين جي رسالي شريف جي سيني سرن مان ڪيترين ڪيفيتن وارا نالا رکي سگهجن ٿا. خاص ڪري سر ڪيڏاري مان سورهيائي بهادري وارا نالا ڪٺجن.

گلَن ڦلَن جا نالا:

گلَ ڦل تہ سڀ سهڻا سرُها آهن. پر انهن جا لفظي آوازي ريت نالا نزاڪت ڀريا لئي وارا لڳن ۽ انگريزي ۾ سَولا لڳن وارا هجن سي رکجن. ارمان آهي تہ ، سنڌيءَ ۾ گلن ڦلن جا نالا ٻنهين گهٽ آهن .

نہ هئڻ جي برابر آهن. جهڙوڪ ڪنڊهارُ، گوئنتو، هارُ سينگارُ، تانگر، موتيو مُگرو، رتن جوت، رابيلَ پَبڻ ۽ لڄاوتي.

ٻُڪلَ ۽ سندس حصن پاڳن جا نالا:
گوئنجُ، مُڪڙي، پنڪڙي، انگورُ ۽ سَلو.

گاهن جا نالا:

ڪي گاهه اهڙا سهڻا ساوڪ سوڀيا وارا آهن جو خود ٻيهي ڪائجن دل ائين چوندي هرڪَندي گاهہَ ۾ گُلَ ٿيندا آهن. گلن ۾ سرُهاڻ. هنِ گاهن جي سونهن مَلوُڪَت ڏِسَڻَ سوا سمجهي نٿي سگهجي، سمجهائي نٿي سگهجي. مڪٽي مانڌاٿو، مُنڊيري، ڏنگٽي، ڏانوُ، ڏِنُهي، ڪاسني، ڪَلُ. ڪرنگُ، ڪانو، ڪوَنڪ، ڳَمَرُ، ڳَندِيرُ، واهو، نِيرڪِي، ناگِلي. ڊِدو گاهہَ جي وَلِ جو وَڙُ = قسم آهي.

ناڙو. گاهہ جي ول جو قسم آهي. ناڙاوَلِ. جهنگ ساوڙي، لمب، لُلُرُ هن جو ٻوڙ بہ رڌبو آهي. کِهہَ هيءَ گاهہُ گهوڙن جو مرغوب کاڌو آهي. کاراهو. کِيرولَ. اِڪڙُ. پِتَرِ. پَنگرو. پَچِنِي، پِرتُ. مُرتُ. ٻَرتَ. ٻِڪرو، ٻوُهہُ. ٻُڪَنُ. ٻاڻلي هن جا ڏندڻ سنا آهن. چِيمَڪَ، چِيهو، چِيٽو، اوڻِيَ. ڏَتَڪَ. پوئاڙِي، پوهلي پُچُرُ، ڏاجوَرو، گوساٺو هِنَ ۾ تمام تيز سرُهاڻ ٿيندي آهي. ساٺون، ساوڙِي، سِنجِي، چَبَرَ، سيٺَنُ، ٻيڪَرُ، چِلَ عرف جهالوُرو هن جو ٻوڙ بہ رڌبو آهي. چِلَ ڪي اردوءَ ۾ چولائي بہ چوندا آهن.

ڏنارڪشُوري. اجا بہ کوڙ جهڙا گاهن جا نالا آهن جي مون کي نٿا اچن. گوساتي جو بج ڪندن وارو ٿيندو آهي.

ويگر مصالح جا نالا:

لئونگ. ڦوٽو. نر ڦوٽو. مرچ. ڪمال پٽ. پلاجبري. دال چيني. جيرو. هيڊ. سنڌ = ادرڪ. ڏاڙهون ڪڻ. گدامِري. ڏاڻا. لوڻ. سينڌو لوڻ. ڪارو لوڻ. بصر. ثوم. وڏف = سونف. پست ڪڻ. امب چور. جائفر = جائفل جائتري آلي تہ ادرڪ. سڪل تہ سُنڌ

پسارڪي وکر جا نالا:

اسپنگر. انجتي. املتاس. آهريو. آساپري. ڏوپ. اَچڙو. ايريو. اهوبير. ايلسي. بانني چورو. بهيڙا. بيرچو. سيور. سوٺا. سرهاڻ. سن. مڪائي. سنا. ساٽر. سمنڊ ڦين. سوپاريون. سوناگيڙو. سينڌر. سهنت. ڪندرو. تخم بالا تخم رهان. ڪٿوري. تِڦلو. ترنج ڪاني. توتيو. گومادر. گگر. گيرانڙو. هريڙ. هرمرو. هربو. هنگ. هيراڪس. هنجهو. ڪاري جيري. ڪتيلو. ڪنڙو. ڪبوقل. ڪني ڪاني. ڪيسر. (زعفران) ڪمر ڪس. ڪر مچي. ڪلسي شورو. ڪپوئٽي. ڪپر. ڪمبيرو. ڦتڪي. ڦوڏنو. رتن جوت. رس ول. روح ڪاني. جر ڦل. جوهر نکبون. جان جتو ڪار. حلابي ڏاتورو. جمال گهوٽو. مني ڪاني. سنهن صفائي ماوا ڪانديرا. متي ڪٺ. منهميرو يعني مومائي يعني مهماء. مال ڪنگني. نوشادر. لوبان. لوڊ ڪاني. ڪوئر. ڏاو. چاچرو نڪي. چوب جبني. چبل چاڪ. چوز. ول اچا ول

ڪارا، وڪرَ گُوڻ، واءُ پمبا، واوَلَ واوَٽِيڪَ. ٽمب ٽوٽي، ڏاڙهون چوڏِي، سرَهي جيري، پپريون ڪَپَ ڪچريون، پَريو، پَٽَ ڪنوارِ، پَٽَ تيرُ، ڊاڪَ، آڏيري، ايرِيالُ، پَڏَ پَڏيرا، پرُ ڪابُوٽي.

سڪيءَ جي سهڻن پکين جا نالا

هي پکي نہ رنگ بہ رنگي سهڻا ۽ پيارا آهن. سندن منيون لاتيون وهوا جي ساهہ کي وٺنديون آهن. ڪنهن نہ ڪنهن پکيءَ ۾ پنهنجي نرالي نموني جي نزاڪت آهي، مورُ، ڊيلَ، ڪونجَ، ڪوئلَ، ڪبوتر، گيرو، گيري، تِترُ، تاڙو، مئنا، مالاري، ميٺو، مَتاءُ، تلورِ، گوڙامو، ٻاتيڙُ، ٻُونِتِريو، تيڪلو، تيي تيي هَرِ، پاريهَل، پاريهَرُ، پاليهَرُ، بُلُ چِڪُ، روڏو عرف نوڙهو، وٺهو، هيڙهو، ڪتياٽي، پوري يعني بُرِبلَ، عرف بلبل، چاپاڪو، چَنڊولُ، چيبهو، چتُونِ. نوٽ: پاريهل کي ننهي نموني اچاريو ويندو آهي.

هي بہ پکي رنگ بہ رنگي مٽي تي موز اٿن ڏاڍا سهڻا آهن ڪُڪُڙ ۽ ڪانَ ڪُتو پر سندن نالا رکڻ جي رواج ۾ نہ آيا پيا هي بہ سنڌ ۾ پکي آهن.

ڪانءُ، عرف ڪانگُ، ڪَبرَ، ڪارَ ڪڄي هيءَ رات اسرَ جو ٻرليندي آهي انهي مهل ڏاڍي بولي وٺدي آهي. چپَ، چبرو، ٻِجهہ، سِرڻ، سانباهو، ڊانديهڙو، گگهڙ عرف جهنگ ڪڪڙ، ٻوڙي بارَ نڳارُو، چانهن هي رنگ بہ رنگي پکي آهي پر نالو سريلو نہ اٿس. قوسي، جهرڪي هن جا ڪافي قسم آهن گهرِ جهرڪي لال

ڄھرڪي، سونِي ڄِھرڪِي، جھنگ ڄِھرڪِي، نوٽ: "چيھو" پکي بہ آھي تہ گاھہ بہ آھي. نوٽ جابلُو ڊوڙ ڪانگ بہ هوندو آھي.

پاڻي جا پکي

جن کي ڊنڊ جا پکي بہ چوندا آھن ھي گھڻو ڪري پرديسي پکي آھن، ھنجھہ، ھنجھر آڙي) =بطخ) نيرڳي، نيرڳو، ترانڊو، ڏگوش، ڊِينڊ، عرف ڪانئرو، رتو نبو، چيڪلو، ڏھُلاري لاکي چاچي، چاڙو ڪنگ بگھہ، بگو، سانھ پيڻ، تِي تو، توپل، ڪيٽوتي وغيره.

ماس کائو پکي:.

ماس کائو پکي يعني گوشت خور جن ظالمن جا طاقت جي علامت سمجھي فخر يا طور نالا رکيا ويا تا ھي پکي اسلام ۾ آھن حرام، باز، شھباز، باشو، شڪرو، زُرو، ڪُڙل، گجھ، گرُڙ، وڏو گرُڙ کي پارسي ۾ شاھہ رُخ چون. لگڙ. جھگڙ، لِھو، پرمار، ڪوئامار عرف تمبڻ ترمچي، ٺِھڪ سِرڻ عرف ھلَ، سانباھو. پارسيءَ ۾ سِرڻ کي شاھين چوندا آھن.

اڏامندڙ سھڻا جيت:.

ھي خوب تہ سونھن ڀريا آھن رنگ چلڪي چمڪ جي جھلڪ اٿن، پوپٽ، پتنگ، سوبٽ، پوئر، پيبند، مينھن وساڙو

چيلاٽو، چوُٽو، آرَ، بانيوُري، مکَڙُ، اکُ مکَڙ ڪڙُ ڪپُيتو عرف تمڪٽي، تمڪٽو.

سرٽا جيت:

سِرِٽا جِيتَ يعني سِرنڌَڙَ جيت. ڪانيرو، ڏاورُ، ڇبنارو وغيره.

سهٽن حيوانن جا نالا:

ُهَرڻُ، ڦاڙهو، سامبَرُ، روجهَ، گڏُ سَرهُ وغيره

نوٽ: طاقت جي علامت وارن درندن جا نالا رکڻ سان اُنَ درندي واري سَگهَ تہ ڪانہ اچي وبندي. سونهن وارن حيوانن جا نالا رکڻ سان بہ سهٽو ڪونہ ٿي وجبو. پر سهٽين شين جي نزاڪت ۾ درندگي جو تصور تہ ڪونهي.

مڇين جا نالا:

سنڌ جي مڇي پلو، جڳ مشهور آهي. گوادري پلو سڄو سال گوادر وٽان سموند ۾ هوندو آهي. هِن پلي ۾ چَسَ سبِري، سواد جو فرق هوندو آهي. پر جڏهين سنڌي سمندَ مان جنتي ندي سنڌوءَ ۾ اچي ٿو تہ جنتي ميوو ٿي پئي ٿو. ٻيو نمبر ناري جي مڇي مشهور آهي. ڏمبرو، عرف ڪرڙو، موراڪو، موراڪي، پوپرِي، بوئڪِي، ٿيرِي، ڏاهِي، ساڪرِ، سينگارِي، جرڪو، جرکَي،

گوڄ، گندڻ، مڇين جا سوين نالا آهن جي ڪِن ڄاڻو مهاڻن کان لڪائجن.

نکٽن تارن جا نالا:-

نکٽن تارن گرهن جا نالا عربي، ايراني، ۽ الاهي آهن. جي هند، سنڌ جا مسلمان عام جام رکندا آهن سنڌيءَ ۾ نکٽن تارن گرهن جا نالا هي آهن. وِهائو، پيسرو، ائيٺُ، تيڙوُ، لُڏا، ڪَتِي، ڪَتَ، منيون، وچون، ڪوڇَڙن جي ڪچهري، ٻُتو ڪوهه. سِراتَ واتَ وهائوُ کي انگريزي ۾ وينس چَوَنِ عربي ۾ زُهري.پيسري کي هنديءَ ۾ لَنڪيسري چَوَنِ. هي تارو ڏکڻ کان اُڀرندو آهي.

سِراتَ واتُ کي پارسي وارا ڪهڪشان چون هنديءَ وارا دوڌُ ڌاراچون. اڳي سنڌ ۾ ڇهه ماهي پوک فصل ٿيندو هو نارن هرلن تي. نارَ ۾ پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڏاندن جو جوڙو جوٽيندا هئا. هُرلو نارَ کان هلڪو ٿيندو هو جنهن ۾ هڪڙو ڏاند جو ٽيندا ها. نارَ ۾ ان هڪڙو جوٽيندا هئا. نارن هرلن تي پاڻي جي بِيچ وقت رات جو نکٽن تي جوڳُون متيندا ها يعني ڏاند ان متائيندا هئا ساهي کڻڻ لاءِ.

نوان وارا نالا:

هلندي دنيا سان هلجي سو اڄڪلهه سڀ ڏٺولَ نمونـي ۾ ڏسجي پيو تہ نالي جو آهي رڳو لفظي شو . معنيٰ خوبي جو ڪو مقصد ڪونهي. هيءَ ڏيک ويک ۽ دوکي جي دنيا آهي جنهن ڪري لفظي شو وارا نالا رکجن منجهن معنيٰ خوبي ڪجهہ بہ نہ ڪٿي هجي. جنهن ڪري سنڌي سڄڻ ڄاڻو ماهر ڏاها دانشور ويهي نواڻ وارا نالا سنا سهڻا سيبتا سنڌي لَهَہ لهجي جا نـاهين . تنهن ڪري جيڪي نواڻ پريا نالا ناهجن جوڙجن تن جو بڻُ بنياد پيڙهہ پٿرُ سنڌي نالن تي رکجي. جنهن نالي پٺيان لام "ل" لڳي ٿو سو نالو سنڌي رنگ روپ وني ٿو. لفظي ريت سنو لڳي ٿو. پنهنجن پراڻن نج بنيادي نالن کي نئين نموني پيش ڪيون. مثلن "وَهِين" پراڻو نالو آهي جنهن کي هن نموني نئون ڪجي وهينلي ، وهينلا ، وهيليا ، ونڻ سُـُئانجڙو آهي جنهن مان سُـُئانجلُ ، سُـُئانجلي ، سرِهُن وڻ مان سرِيَهنُ .نم مان نِملي ، نِملا ، نِميلا ، نِمُلو .ڪير ، ماڪي ،مِنائي . ماڪَ ، سيجَ ، ساڪَ مان بہ ڪيترا نالا ناهي سگهجن ٿا جيئن تہ ڪيريتو ، ڪِيرَتُ ، ڪِيرو ، ڪِيرَلُ ، ڪيرولو ، ڪِيرالو ، ڪِيرالُ ، ماڪيءَ مان ماڪنُ ، ماڪيا ، ماڪِني ، ماڪنا ، ماڪِيلا ، مِنائي مان ڪجهہ منهن سر وارا نالا رکي سگهجن ٿا ، توشو ، تِڪي ، مِنائي ، لَـذُون گيهَـرُ ، گهِيِتُ ، مائو ميِسُو ، موٺي(موٺِي) موٺيا (مونيا) سونَ وَڙو ، سگرُ ، پَلنگ توڙُ ، سِيرو ، بورُانِي (بورانيا)

ماڪ:

ماڪ کي پارسيءَ ۾ شبنم چون آوازي ريت شبنم لفظ چگو پيو لڳي پر سندس معنيٰ تي رات آلاڻ انهيءَ ڪان تہ ماڪ سنو ۽ سولو آسان پيو لڳي. ماڪ مان ڪجهہ تہ نالا اڳ رواج ۾ آيل آهن ماڪا ، ماڪُو ، ماڪنُ مادي پائي جا نالا نہ آهن سي ناهجن ، ماڪَ ، ماڪي ، ماڪني ، ماڪيلا ، ماڪنا ، ماڪنيا ، ماڪلي ، ماڪلا.

سيج:

گهوٽ ڪنوار لاءِ سيج ناهبي سجائبي آهي سيج سونهن ۽ معنيٰ ۾ خوب تر شئي آهي انساني جوڙي جي ڳانڊاپي جو هنڌ. چري جواني جي چَسَ ، هيات جي وات ، هن بابت چيا چئي چا چئجي ، سيجَ مان نالا ناهجن ، سيجُو ، سيجو ، سيجَنُ ، سيجَلُ ، ۽ مادي پيرائي جا سيجَ ، سيجا ، سيجي ، سيجلا ، سيجِيلا ، سيجنا ، سيجنيا ، وغيره.

ساڪ:

ميويدار وڻن وليبن ۾ جيڪو پٽو يعني داڻو وڻ ۽ ول ۾ پچندو ڳاڙهو لال ٿيندو آهي ان کي ساک چوندا آهن. وڻ پڪي ميوي جي ساک جي خوبين جي کهڙي ساراهہ ڪجي سندس سونهن سگهنڌ رنگت جو چا چئجي.

بي ساکَ پٽ ماڻهون جي اخلاقي ريت هوندي آهي ساک مان نالا ناهجن، ساکَ، ساکِي، ساکان، ساکيا، ساکيلا، ساکينا، نر پائي جا نالا ساکو، ساکوُ، ساکَنُ، ساکِيلُ.

اديبن کي اپيل:

شهري سنڌي اديبن کي منهنجو نماڻو عرض آهي تہ سنڌي نج نالا گهٽ ۾ گهٽ ڪتابي ڪردارن کهاڻين، افسانن ناولن ڊرامن ۾ تہ ڪم آڻيندا ڪيو، هي سنڌي ناتي اوهان تي فرض آهي. اڻ پڙهيل ڳوناڻا ماڻهون تہ عملي ريت سنڌي نالا رکندا اچن. ٻهراڙيءَ ۾ تہ اِهي سنڌي نالا اجا عمل ۾ آهن. اديبن شاعرن ۽ سنڌي اخبارن حق سچ سنڌ وطن جي حب سڪ سمجهہ ساڃاهہ پروڙ ڏني آهي. اِها اديبن شاعرن اخبارن جي محنت جي مهابي آهي ۽ نہ سنڌي سياسي ليڊرن جي ڪري ۽ ليڊرن جو عمل رڳو آهي سنڌي قوم کي پاڻٽ ۾ ويڙهائڻ وِڇا. وِڇُورَ، وِڇُڙَ وِڇهڻُ، نُهان ماسُ ڌار ڪرڻ، اهي وڏا سياسي ڏاڻ اُم کان ڏانوَڻَ ڏيندا آيا آهن قوم کي اڳتي وڌڻ کان انهن جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي؟ غيرن غاصبن ڪا ذبن قاتلن ظالمن جي وزارت جي نالي ۾ ڪمداري ڪرڻ انهن اڱڙيءَ جي ڳُڏَنِ هَٿان سنڌي قوم جا حق مارائڻ، انهن ڪمدارن بي ڪهڙي سنڌي قوم سان چڱائي ڪئي آهي ڪهڙا پال پلايا اٿن.

احسان مند :

آئون ڪاڪي ڪندي انڙ جو ٿورائتو آهيان جنهن سنڌي نالن سڻائڻ ۽ ٻڌائڻ ۾ منهنجي وڏي واهر ڪئي. هي منهنجي بابا مرحوم جي چڻس خاص گڏ هلڻ وارن حاضري ڀرڻ وارن اردليس لئونگ. ڏنو. احمد مان آهي.

وري عرض اپيل:

آئون ٿورو پڙهيو آهيان مون اڳ ڪجهه نه لکيو آهي. هيءَ پهرين لکت آهي. جنهن ڪري اڻ سمجهيءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون لکي ويو هجان جي هڪ ٻئي جي ٽڪر ۾ هجن ته تن لاءِ معافي طلب آهيان. ٻيو ته منڍ مهاڳ جي مڙني مضمون جي ترتيب ۽ تسلسل لکڻ ۾ نه آيو آهي جنهن ڪري ٽپ ٽپ ڪري لکيو اٿم. تنهن ڪري ڪلَ نه ڪندا. ٽيو عرض ته مون ڪان جو ڪجهه پڳو آهي سو نالو تري بابت لکيو اٿم. وري به عرض گذار آهيان سنڌي ٻولي زبان جي سڄڻ چاڻن ماهرن کي ته هن موضوع تي ڪنهن نه اڳ وضاحت سان لکيو آهي جنهن ڪري هن باري وڌيڪ وضاحت سان ڪجهه لکو؟ چوٿون عرض اهو آهي ته منهنجو نالو عربي ٻوليءَ جو آهي. جو مائٽن رکيو سندم مابا ملڪيت ٻنيءَ جو رڪارڊ انهي نالي تي آهي ۽ عمر جي اڄهور تي اچي پڳو آهيان هاڻي نالو لاهي چا ڪيان.

۽ سندم پٽن جا نالا پڻ عربي آهن. جنهن ۾ آئون لاچار هوس جو اهي نالا سَندُن ڏاڏي رکيا باقي منهنجي نيڳرين جا نالا نجُ نيت سنڌي آهن.

اَڄهورَ جي معني عمر جي شام.
ڏينهن لڙي شام تي. جهڙي عمر تمام تي.

آئون محترم ولي محمد خاصخيلي جو ٿورائتو آهيان. جنهن هن ڪتاب جي اشاعتي مرحلي ۾ مون سان هر طرح جو سهڪار ڪيو.

ڪَنڊي ڪَنڊو بابت وضاحت

ڪنڊو هڪ وڻ جو قسم آهي. هن جو ننڍو ٻوٽو هوندو آهي ته ان کي ڪنڊي چئبو آهي. جڏهين وڏي وڏو وڻ درخت ٿيهہ چاليهہ سالن جو ٿيندو آهي ته ان کي ڪنڊو چوندا آهن. ڪنڊي جي وڻ ۾ ننڍي عمر جي وقت ٻنهي بلڪل ننڍڙا ڪنڊڙا مڏڙا ٿيندا آهن. سي ٻہ ڪا ڪنڊر ڪنڊيءَ جي وراثتي هوندي تنهن ۾ ٿيندا. ۽ نہ لاسڻ جنس ۾. وڏو ڪنڊو گيل ۽ پکيڙ ۾ وڏيڪ ٿيندو آهي. جنهن جي ڇانو ۾ ٻہ ٽي سئو ماڻهو ويهي آرام وٺن. اڳوڻي وقت مسڪين ماڻهو منهہ جني جي ڪا نه ناهي سگهڻ جي صورت ۾ ڪنڊي جي ڇانو ۾ ڇاڇي ويهاريندا ها. ڪنڊي جو وڻ ٽر ۾ تہ وڏي اهميت اڳوڻي وقت رکندو هو. ڪنڊي جو وڻ ٽر ۾ تہ وڏي اهميت وقت رکندو هو. ٻڪرين جي ڪاڏي خوراڪ لاءِ پن، سڱر ۽ انسان جي ڪاڏي لاءِ ڪچڙيون سڱريون ٻوڙ رڌڻ لاءِ ۽ ڪچڙيون سڱريون باقي سڪائي رکي ڇڏيندا ها. وقت سارو ٻوڙ پيا رڌيندا ها. ٻارڻ لاءِ ڪانيون ڪتب اچن. گهرن ۾ نهن اڏڻ لاءِ ڪاٺ ڪم اچي. ٻئراج ايراضن ۾ تہ سهنور يعني تر. ٻنيءَ جو هر ڪاهي مٿان سنوت لاءِ ڪنڊي جو ٽر گهٽو ڪري ناهيندا آهن. "ڪنڊي" جو مطلب جيڪو ماڻهن کي سرير جسم چم ۾ لڳي چڀي سو نہ آهي. چيڻ واري ڪنڊي کي اردو ۾ "ڪانٽا" چوندا آهن. ۽ تور وزن ڪرڻ واري کي ٻہ ڪانٽا چوندا آهن. ساڳوٽي نالي جي ڏار ڏار جدا جدا نوعيت ٿيو وڃي ٿي. ملا صاحبان جون ڪنڊو ۽ جهنڊو تي ڪافي ڪٽڪيون آهن. پر ڪين سمجهہ ۾ ڪجهہ نٿو اچي. اسلام ۾ جيڪي پکي ۽ حيوان حرام تن جا نالا رکڻ تہ جائز نہ آهن. جهڙوڪ اسد يعني شينهن فهد يعني چيتو. لوڪڙ لومڙ باز، شهباز وغيره ۽ جهنڊو. ملن جي هر فرقي جي هر نموني جا جهنڊا نشان ڪيا آهن. باقي ماڻهو تي جهنڊو نالو رکڻ ڏوهہ غلط ٿي پيو. قرآن شريف ۾ گڏهہ جي آواز کي خراب چيو ويو آهي. يورپ وارن جڏهين لوئوڊ اسپيڪر ٺاهيو تہ ان وقت جي ملن وڏي مخالفت ڪئي تہ "گڏهہ جو آواز آهي" ۽ هن وقت ملا صاحبان وڏ ڪان وڏ لائوڊ استعمال ڪن ٿا. هتي منهنجو هي مطلب نہ آهي تہ هرون ڀرون ڪنڊو. ڪنڊي نالو رکجي. ڪنڊي نالي جي معنيٰ سمجهائي هئي. ڪاٺ جو ساٿ تہ قبرن تائين آهي.

وِڃي ڀُڇو وَڻِ ڪان جيڏهن ميوا ڪَن
لنيون، ڀتر، ڇاڙيون سيئي سهن
سخاءَ جي سِيد چئي دل ۾ درختن
وربو قريون فر ڪن نامي خاطر ناڻءَ جي

بَسِي = تالهي رڪيبي پليٽ

بَنُڙِي = لال ڪنوار

بَنُڙا = لال ڪنوار

باڪَ = باڪ ڦُٽي پرڀاتِ

بَڪانَ

بَڪَڙِ

بَڪِي

بَڪُلَ

بانُڪو

بانُڪِي

بانڪُ

ٻِٻُلَ = هي ٻي ٻي لفظ جي سنڌي صورت آهي

ٻِبوُ

ٻِٻانَ = ٻي ٻي جو پنجا ٻکو روپ

ٻِٻائي

ٻَنانَ

ٻَنُلَ = ڪنوار

بانُلِ = بانو جي سنڌي صورت

بانُلي

بانُلا

ٻِڄي

بِدي

بِدانْ

بَکتَ يَرِي = (بخت) پارسي ايراني لفظ يعني ڀا ڳَ
يَرِي

بَکتِي = (يعني) ڀا ڳَ يَرِي= ڀاڳي

بَکتارِ = (بختاور)

بِيوي = هي نالو گهڻو ڪري سرائڪي وارا
رکندا آهن

بِيوو-

بَسرانَ - (بصرا) بصر ڀاڄي واري تان ورتل

بودِلِي

بودِلا

بودليا

ٻين - من موهڻو واڇو يعني ساز

ٻيني

ٻينانُ

ٻيڻي

ٻيگمانُ - وڏ گهراڻي عورتن جو ترڪي لقب جو
سنڌي نمونو

ٻيگي

ٻيگلان

ٻي نوانُ نموني نالا ناهي سگهجن تا.

بولي مان بولا. بوليا. بولينا.

بالي مان باليا. باليانا. ٻچل مان
ٻچلا. ٻچليا

ٻ

ٻاڱهلَ

ٻاڱهي

ٻاڻلَ

ٻاڻِي- ماڙ ٻچي ٻوليءَ ۾ ٻائي ٻيڻ ڪيَ چوَنِ

ٻيلانَ (ٻي لان)

ٻوٻي

ٻڍِي

ٻُوراڻِي - مناڻي آهي. پَنِ جي ٻُوڙي جي سَنگَ جي ٻور مان مهاٽا ناهين.

ٻيرانَ - ٻيرَ جو مادِي ٻاڻي نالو

ٻَلِهي

پ

پَٺُلَ - ريشما، پٽ ريشم

پَٺُلِي

پَٺُلا

پَٺولا

پَٺولِي

پَٽ رائِي

پِيارِي

پِرِيتِ - محبت

پِرِيتِي

پِرِيتا

پِرهَم

پِرياتِ

پِرياتِي

پِرياتِيا

پِريا

پِريَ

پوپِري - سُهڻِي سِيپَڪَ چيلِهَ چابُڪَ پِياري، نازڪ اندام عورت

پَرِتِي

پَريا

پَرتَلَ

پَرِيلا - پارسي لفظ پري جي سنڌي صورت

پَرڪ

پَرڪا

پانَڪ

پانهانْ

پِيراڻِي

پَناڻِي

پَني

پُنُونْ

پَنانْ

پُنَل

پَنُلِي

پَنِيلا

پَنڙِي

پنا هِي - پارسي لفظ پناهہ مان نڪتل

پارسانْ - پارسي لفظ معني پاڪ زادي

پارسِيلا

پيالِي = وٽي جمني

پَپِي

پَپِنِي

پَپلِي

پَپِيلا

پُوپانْ. پهاڪو آهي تہ هاري ناري پاسي ڪيو.
پوپان تي مَليرڙو پٽي

پپَ = ڪاڏي جي شئي آهي. ڏُتُ

پِپِيا

پِپِلي

پُسِي = ڪرڙ جا لال گل

پُسِيا

پَلڪان

پَلڪِي

پالِڪي

پالڪا

پَتَنگِي

پَتَنگا

پِسَلَ = پس مان نڪتل مال وياڻي جو ڦهريون. ڪير ڪنڊ وجهي ڪاڙهي مائي مسل ٿيندو آهي.

پاڙِي

پاڏِلي

پاڏلا

پُوراِلي = سنڌ جي حصي لس بيلي ۾ نئي آهي.

پوپَٽي = پوپٽ جو مادي پاڻي نالو

پوپِٽيا

پوپِي

پوپِيا

پائِلي = سڪي وَاراچار آنا

ڀ

ڀاڳُلَ - سعيدا ، بخت ور، بخت آور

ڀاڳُلِي

ڀاڳُلا

ڀاڳِيا

ڀاڳِي

ڀاڳانْ

ڀاڳُنْدِ

ڀاڳَيِري

ڀاڳَڙِي

ڀاوانْ

پائونڀ

پائُنِ

پائُنِي

پائُنا

پانا

پانڀ

پانِيا

پانِي

پائُلَ

پائُلِي

پان پائِي

پِرائِي

پِرِي

پائو

پائُلَ

پَلِي

پانڊِي

پائِنِي

پائِنانْ

پوري= ٻُوڙ گوري يعني گوري رنگ

پُورِي = گوري يعني گوري رنگ

پورِي = پربل - بلبل

پُوران̂

پُوريلَ = (يوري ل)

پُوريلا (پُوري لا)

پورلِي (يوري لِي)

پُوراِلي

پُورالا

پُورڪِي = پوري رنگ ، ماڙيچو نالو

پِتَرِ = گاھ جو وَڙُ ، ورائتي قِسم

ت

تَڳِي

تڳانْ

تَڳُلُ

توڏِي

تُريلَ (تُري لَ)

تونانْ (طوطان)

تونلِي

تونِلانْ

تَنَ

تاجانْ = عربي لفظ تاج مان

تاڄي

تلور سهڻو پکي آهي. هن ريت نالا ناهي
سگهجن ٿا . تلوُرا، تلوُريا، تلوُري، تلوُرينا،
تلوُرنا .

ڻ

نَڪُرِ. ياڻي نڪر-راجپوت بهادر سمجهي ههڙا
سنڌين نالا رکيا.

ناهُوڪِي = خوب تر

ٺ

ٺِلانءَ

ٺِلَڻ

ٺَلِي = واڄو يعني ساز هڪ آهي.

ٺِهڪَ = طاقت جي علامت جو پکي

ٺِڪَ = آرسي

ٺِمِي

ٺِمانءَ

ٿ

ٿَڌِي

ٿَڌانْ

ٿاڌَلِ

ٿاڌِلِي

ٿُلهانْ

ٿُلهِي

ٿانِي = ماڙيچو نالو

ڦ

ڦُلبلِي (ڦلي لي) گلزارِي

ڦُلِيلا (ڦلي لا) گليا

ڦُلِيليا (ڦلي ليا)

ڦُليا

ڦُلاَنْ = گُلاَنْ

ڦُلِي = سون جو ڳهه زيور نڪ جو

ڦُلڙِي = سوڙ جو گهه زيور نڪ جو

ڦُلَنِ

قُلنِي = گُلنِي . گلن واري

قُلنا

قُلِينا

قوبِگي = وارياسي پَٽَ ۾ ٻوٽو ٿيندو آهي قوبگي جو ٻوڙ ڪن

قاپِي = عربي نالي فاطما جي سنڌي صورت يا بگاڙسمجهو

قاپانُ = عربي نالي فاطما جي سنڌي صورت يا بگاڙ سمجهو

قاپُو = عربي نالي فاطما جي سنڌي صورت يا بگاڙ سمجهو

قاپَل = عربي نالي فاطما جي سنڌي صورت يا بگاڙ سمجهو

قَتانُ = عربي لفظ فتح جي سنڌي صو رت

ڦَسِي

ڦَسُلَ

ڦُسَلِي

ڦُوسِي - پکي آ هي مِيٺي جي جنس مان

ڦُوسِيا

م

مارُئِي = وطن جي حُبَ سڪ جو وڏو عظيم ڪردار

مارُوِي = وطن جي حب سڪ جو وڏو عظيم ڪردار

مارُويا

مارُوَل

مارُلَ

مارُلِي

مارُلا

مُومَل - حسن ۽ نيڪيءَ جو وڏو مثال ڏيڻ

مامُلَ

مَمُلَ

مُوملِي

مُوملِا

مُومِبلِا

مُومُلِيا

مُومَلڪِي

مُومَلڪا

مُومائِي = پسارڪي دوا

مُومانْ

مَمِي

مِيمانَ

مَتِي

مَتُلَ

مَتُلِي

مَکِڻ

مَکِٽِي

مَکِٽانَ

مانڌا ٽِي = زبيده عربي ۾ کير ولوڙي واري مانڌاٽي کي چون

مَنُبِي

مُرَبَتَ

مُهْتِ= سوپ فتح

مِينهُنْ

مَئينا = سهڻو پکي (مي نا)

مِبنِي

مِنِي

مِيرانْ

مِيرُلَ

مِيرِي

مِيريا

مِيرُونا

مِيلُوْ

مِيلا

مِيلِيا

مِيلڪا

مِيلي

ميلانَ = (مي لان) ميلي مان نڪتل نالو

موران = سهڻي موريڪي مان هي نڪتل نالا آهن

موري

موريا

موريانا

مورِينا

مورُنيا

مورُنا

مورنا

مورُلِي

مورُلا

موركي

مورُكا

مورُنِي

مورِيلا

مورُزادِي

مورانِي

مارانِي

مِري = مرچ جيئن تہ ڳاڙهيون مريون . ڪاريون مريون

مِچِي

مَچِڻ

مَچَنْدِي

مَنُل

مَنُلِي

مَنُلا

مِنِي = شيرين

مِنِڻ

مِنانَ

مِنُل

مِنلِي

مِنلا

مِنيلا

مِنائِي

مِيهَنْ بائِي

مَنگُلَ

مَنگُلِي = هي سونو روبو ڳَهُه زيورآهي بانهن جي ڪارائِي ۾ پائڻ جو

مَنگُلا

مِيهِي = (مي هي) ميهو سائي ياجي جي جنس

مَنگهانْ

مَنگهِي

ميگهانَ = (مي گهان)

ميگهلِي = (مِي گهلِي)

مَڪُلِي

مَڪُلان

مَڪانَ = شايد مڪي شهر عربستان مان ورتل

ماڪَ = شبنم

مُرڪَ = مسڪراهٽ

مُرڪا

مُرڪِي

مُرڪِي

مُرڪانَ

مَلُوڪانڀ = سنڌي ۾ مَلُوڪَ چَوَنِ خوبصورت کي عربي ۾ بادشاهہ کي چون

مَلُوڪِي

مَلُوڪڻ

مانِي = ماڙيچو نالو

مانِيڪا = ماڙيچو نالو

مانِيا = ماڙيچو نالو

مائِڪِي = خوبصورت سهڻيون اکيون (حضرت محمد مير جي مائڪي چون)

مِرگهُہ نينا = هرڻ نيڻ (ني ڻ)

مِرگهُہ نيني=هرڻ نيڻ

مَذُرَ

مَڏَر

مَٿيانَ= توفيق يا جوتِ يا هڪ نموني جلال
جوهَرُ هجي ماٿهون مِ

مانيٽي = صابرا

ما ڪي = شهد ،هني

موڪي

مَڪي = پيلو

مَلي

مَنُ زادِي

موچارِي = سُنِي خوبتر

ميڙهَ = (مي ڙهـ)هَلر ڳاهڻَ لاءِ ڪاني ڪوڙبي آهي
ڏاندن واري

موتيا = موتيو گل جومادي پائي نالو

موتيلا

مِهر بِي = الائي سنڌي الائي عربي الائي ايراني الائي ترڪي

مِينڌِي = حِنا

مُولِي= واجاڻيءَجو نالو . واڻين جي عورت کي واڻياڻيون چئبو آهي

مُولانَ

مالينِي = (مالي تي) مالوندي

مالينا (مالي تا)

ماڏورِي= ڏاتڪِي يعني ڏَٿَ جي پاسي جو نالو

ماڏوري = ڏا تڪي يعني ڏٿ جي پاسي جو نالو

ماڏوئِي = ڏاتڪي يعني ڏيٿ جي پاسي جو نالو

مَلاڙِي = هڪڙي تہ برسات جي ٿيندي آهي ٻي مُلفِيءَ جي ملاري ٿيندي آهي

مُوٺِي= سنائي حلوائي جو وَڙ ورائتي

مِنڪي

مِنڪا

مُڪَرُ

مَلمَٽِ

مَلمَٽ

مهلاڻ = عورت کي هنديءَ ۾ مهيلا ڄون سنڌي ۾ مِهري

مَهناڻ = مهناز جو بگاڙ

مَنِ= كير ولوڙيجي منڌي يعني مانڌاڻيءَ ۾ گولُ ڪاٺ جو چڪروتيندو آهي

مُنڊِي = ڊ ، ۾ لِڪَل . ر ، آهي سون جوڳهه زيور آڱرين ۾ پائڻ جو

مُرادان = مرادي، ميرزادي هي پارسي لفظ مراد مان نڪتل نالا سنڌي ماڻهون عام جام رکندا آهن مير عربي لقب امير آهي

سهڻي سندر پکي مور مان هي نالا ناهجن مورينڪا، موريڪا، مورانا، مورالي، مورليا، موريانا ۽ ماڪ مان ماڪي ماڪيا. ماڪيلا، ماڪنيا، ماڪينا، ماڪيءَ مان ماڪيا، ماڪيلا ميندي، مان ميندِيا

ن

نيهَنْلِي عاشق

نِيهلا= عاشق

نِيهَنْلِيا= عاشق

نِمائِي

نِهالانْ

نَمَئِي

نَمَرنْدِي

ناتِر

نمُورِي

نِمورا

نِمُوريا

نيٺا = (نِي ٺا)نيٺن مان نڪتل نالو

نيٺِي = (نِي ٺِي)نيٺن مان نڪتل نالو

نووَرنِي= ٺئين نيٺي نوخيز نينگري نئين
ڪنوارتيل

نِيلَ = مسيتن جي منارن. قبن جي گنبدن تي سونهن
لاءِ لڳل بونبا

نِيلِي= نيل مان نڪتل نالا

نِيلا = نيل مان نڪتل نالا

نِيزَل

نِبرِڪي

نِبرُڪا

نُوراڻ = عربي نور جو سنڌي نموني رنگ روپ

نُوريِري = نور سان ٽمٽار- لبريز

نَبيَت = عربي "نبي" مان نڪتل مادي پيرائي نالو

نَبلِي = عربي "نبي" مان نڪتل مادي پيرائي نالو

نَبُلَ = عربي" نبي " مان نڪتل مادي پيرائي نالو

نَجانْ

نُوجانْ

نُونِ

نَوابي= نواب لقب مان نڪتل

نَوابَنِ بائِي

ايراني لفظ "ناز" مان هي نالا نازي ،نازان ، نازيري گهٽو ڪري اهي نالابلوچ نسل جا ماڻهون رکندا آهن

هـ

هَمُونَ = دولهه دريا خان جي ڪهاڻي جو خاص ڪردار حسين عورت

هِيرَ = صبح واري ٿڌڙي هوا. نسيم باد صبا فرحت آميز

هِيرِي

هِيرانَ

هِيرِتي

هِيرتا

هَرِٽي

هَرٽيا

هَرِٽيلا

هَوُلَ = حوا جو سنڌي روپ

هاجُلَ= عربي حاجرا جو سنڌي نمونو

هُونَدلَ

هِندانَ = (سنڌان)

هونڙي

هُبڪارَ = خوشبو

هَسِي = ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳهه زيور

هَسِيلا

هاڪَ = مشهوري

هاڪِي

هاڪِمي = (حاڪمي)

هانِي = حياتيءَ مان نڪتل نالو

هاتُلَ

هَبل = حبي جي سنڌي صورت

هيمُلَ = (هي مل) هندي نالي جو واٽيا ٿڪو سنڌي نمونو

هَنُورِي = بلوچاڻو نالو

هانِي = بلوچاڻو نالو

هَزِني = بلوچاڻو نالو

و

وِينگَس = پري جهڙي سونهن پري عورت

وَس = هڪ برساتي ڪيفيت

وَسِي = هڪ برساتي ڪيفيت

وَسائِي = هڪ برساتي ڪيفيت

وَسَنڊِي = هڪ برساتي ڪيفيت

وَسَنڊا = هڪ برساتي ڪيفيت

وَسِينڊانْ = هڪ برساتي ڪيفيت

وَسُلَ= هڪ برساتي ڪيفيت هي عربي وَصل نہ آهي

وَسِيلا = هڪ برساتي ڪيفيت

واسنا = خوشبو جي واسجي وڃڻ جي ڪيفيت

واسِينا

واسِنيا

واسنائِي

واسِي

واسِيا

واسِيلا= خوشبو جي واسجي وجڻ جي ڪيفيت

واس وَرني = خوشبو واري ، خوشبو داري

وَهِينَ

وَهِينِلي

وَهِينِليا

وِيرا = بهادرا ،سورهه

وِيرائي = بهادرا

وِيرُلَ = بهادرا

وِيرالي = بهادرا

وِيرالا = بهادرا

وِيرتا = بهادرا

وِنڊرَ = دلچسپ

وِنڊرا

وِنڊري

وِنڊُريلا

وَنِي= ڪنوار

وَنيلي = ڪنوار

وِينا = ويڻاوڄت جو ساز

وَڏَنِ = اڪبري

وَڏيلا

واهُندِ

واسِينگا = واسِينگ وارن واري حَسِينا

وِڄا = توفيق

وَنگارِي

وَنگِي- واڙي جي پوک جوميووَنگو

وَنگلي

وَنگلا

والِي= سونو ڳهه زيورڪن جو

والِيا

والاَن

وِلائتان

وِلاسِي

ولاسا

وَئيسان = (وئي سان)

وَهِي نِيا = وَهِي - جواني يعني قُوهه چَڙهيل جواني واري مهري

وَهِينا = وهي - جواني يعني قُوهه چڙهيل جواني واري مهري

وِينجهر

وِينجهل

واڏل -

واڙيه جي ميوي ونگي مان مادي ٻاڻي هي نالا ناهجن

ونگيا ، ونگني ، ونگينا ، ونگيلا ، ونگالا، ونگنا، ونگليا

ل

لِيلانَ

لِيلھانَ

لالَ

لالِي

لالِيا

لالانَ

لالنا

لالِينا

لَئيلَ

لَئيلِي = (لئي لِي) ڏِنڌ- لَئي مان نڪتل خوبصورتي جي تشبيھ

لِي لِي

لالھَرِ

لالاِري

لُڏڻ

لاڏِي

لاڏُل

لاڏاڻ

لاڏُو

لاڏِيا

لاڏِلا

لاڏِلي

لاڏِني

لاڏِنا

لاڏُڪِي

لاڏُڪَ

لاڏڪا

لاڄاڻ = شرما- شرم مان نڪتل شرميلا ، شرميلي

لاڄِي = شرما- شرم مان نڪتل شرميلا ، شرميلي

لَڄاڻ = شرمان

لَڄ وَنتي = شرم ٻوٽي

لَڄا وَنتي

لَڄِتا

لَڄيتا

لَڄيلا

لَڄيلي

لَٿي = (ل ٿِي) رونڪ

لاٿِي = مٿائي جو هڪ وَڻ وراٿيٽي

لِيمانَ = ليمون ميووجومادي پاٿي نالو

لِيمي

لِيمُڪَ

لُوٽَڪَ = ياجي سبزي، ترڪاري

لاٽِي = هڪ ٻوٽو آهي

لُوٽِي = هڪ گاھ جو قسم آهي

لُوٽُڪي = ماڙيچي نموني نالو

لَنگِي

لَئُونگِي = سُرهو ويگُرُ مصا لحي جو هڪ قسم (لونگ)

لَئُونگَانَ

لَئُونگَڙِي

لَئُونگَرِي

لاتِ = پکين جي مني بولي کي لاتيون چئبو آهي

لاتِيا

لامَر = وڻ جي حُسن وندي جي بانهن جهڙي لَمندڙتاري

لامِي

لامانَ

لامِنا

لامِيا

لِبارِي

لولِي = گيتُ به آهي ماني جي لولي به ٿيندي آهي

لالائِي = ڳاڙهو - سرخي

لالاڻِ = سرخي - ڳاڙهو

لالِئِي = (لالني)

لالٽا = (لالنا)

لالِينا

لالِنيا

لالِيانا

لالِيا

لالِيلا

لالَ بائي

لَڄڻي = شرميلي= شرميلا

هن ريت بہ نالا رکي سگهجن ٿا . لالاريا، لالا رينا .لاڏينا،ليمڪا . ليمڪي ، لئونگيـــــــا .

لياريا، ليارينا.

ڪ

ڪُونْجَ = سهڻي ڊگهي ڳچي واريڪي هن جي ڳچي جومثال ڏبو آهي

ڪُونْجِي

ڪُونْجانْ

ڪُونْجلِي

ڪُونْجلا= ڪونجنا ، ڪونجيا

ڪُونْجيلِي= (ڪونجي لي)

ڪونجيلا = (ڪونجي ل)

ڪُوجيلَ ڪُونْجيلَ

ڪَجلِي = ڪجل رنگ سهڻي سانوري

ڪَجلا

ڪَجلِيا

ڪوئِلَ = سُني ۾ سُنِي لات لَنوَڻ وارو پکي سندس سرخ رنگ نيڻ

ڪوئِليا

ڪورانْ

ڪَوَنرُو = ليلاواري پهاڄ، ڪونرو - گلي

ڪَتِيلا = ثريا، سَتَنِ ننڍن تارن جو جُهرمٽ

ڪيٿِي = (ڪي ٿِي) دريا واري

ڪيوٿِي = (ڪي وٿي) ڪن جي پاپڙيءَ ۾ سونو ڳهه مرد پائيندا آهن

ڪَلِي= ڪافي - ڪلام جي مصرع کي سنڌيءَ ۾ ڪلي چوندا آهن.

ڪَنگَمَل

ڪاسِنِي = نيرا گل جهليندڙ گاهه

ڪاسنا

ڪوئِي

ڪُنڍانْ

ڪَنڍلي = تسبيح مالا ، مالها

ڪَنڍِلا = تسبيح مالا ، مالها

ڪَنڍَرَ = برساتي سفيد صورت جاوڏا ڪڪر جن کي ماڙيون بہ چوَن

ڪانڌيِري = (ڪانڌي ري) هڪ ڪنڊن وارو ٻوٽو گلابي گل جهليندو آهي.

ڪَنڍِي = سنگرين ڦرَ وارو وڻ

ڪَنڊلي

ڪَنڊلا

ڪاڪ = مومل واري هڪ برساتي وهندي يعني نئي جنهن جو گلابي رنگ جو پاڻي هوندو هو.

ڪَلانَ = ڪلا ـ طاقت

ڪَئوڙي

ڪَمالِي

ڪَمالا

ڪَمُولي

ڪَمُولا

ڪامَ= لانڍيءَ جي وِڄ واري ڪاڄڻ، ڪاڻي

ڪامِي

ڪامانَ

ڪَرِما

ٻرسي= ڪَنڍيءَ وڻ جي ڪاري ٻَڪِي واري ڪاني پتر تيل

ڪانٻي

ڪولِي= ننڍڙو جيت

ڪوڏِي

ڪوڏلي

ڪوڏلا

س

سِنڌُو

سِنڌُلَ

سنڌلا

سِنَڌُولا

سِنڌُولِي

سِنڌيا

سنڌيانا

سونَ= دنيا جو قيمتي ڌاتُو سونُ مان نڪتل نالو

سونِي

سونا

سونَٺ

سونَت

سونيتي= (سوني تي)

سونيتا= (سوني تا)

سونُل

سونيل= (سوني ل)

سونيلا

سونيلي= (سوني لي)

سونَلي

سونَ وَرني=سون رنگي

سونَ وَرنا

سونَ وَرنيا

سونَ ٻائي

سوناري

سونَهري

سُورمي= بهادري واري عورت

سُورما

سَڪاجَ

سَهَجَ

سَهَجِي

سَهَجانُ

سيجَ= (سي ج)

سيجا= (سي جا)

سيجي

سيجنا

سيجَ نِيا

سيج لا

سيجَ پائِي

سِنْجِي= گاھ جو قسم آهي جو گل ڪندو آهي.

سِنْجِيا

سَگِلِي= شگفتا صاف اوجل

سَگَلا

سَگِيلا

سُرهاڻ= خوشبو

سُرَهاڻِي= خوشبو

سُرَهِي= خوشبودار

سُرَهانا= خوشبودار

سُرَهينا= خوشبودار

سُرَهيلَ= (سرهي ل)

سُرَهيلا= (سرهي لا)

سَرَهِي= خوش باش

سورَٺ

سَسُئِي

سُهڻِي

سَسَئِينا

سِياڻِي

سِيانا

سِيباڻِي

سِيبائِي

سِبياڻِي

سِيبانا

سِبِينا

ساماڻِي

سُهاڻِي

سامائِي

سَجِنا

سَجِنِي

سَجِنيا

سَجَڻ

سَجڻِي

سُومِري

سَمِي

سَمُلَ

سَميا

سَمِيکا

سَمِينا

سَمِيلا

سَاهُلَ= روحي

سُومَلَ

سُومِلي

سُوملا

سُومِيلا

سَڀُلَ

سَڀُلي

سَڀُلا

سَڀاڳِي= بخت ور، بختاور، سعيدان

سَڀاڳِيا

سَڀاڳَڻ

سُڀي

سُهاڳِي

سُهاڳان

سُهاڳَڻ

سائِڻ

سوڍِي

سوڍانْ

سَنْگهارِ

سَنْگهارِي

سَنْگهارُلَ

سَنَگهارانْ

سِينگَارِي

سَهَتي

سَهَتانْ

سَهَتِيا

سانوَڻِ

سانوَڻي

سانوَڻا= (سانونا)

سُگهڙَ= سليقامند، سليقا شعار

سيڀاڳي= سعيده

سَيائِي

سَنائِي

سَدورِي= ڀاڳ واري، بخت ور سعيدا

سَت ڀائِي

سَت پرائِي

سَتَنِ

سَتِي= پاڪيزه، پاڪ دامن.

سَتِينا

سَتِيا = توڪَل

سَتِيلا

سابُل

سابُلي

سابُلا

سَموتِي

سَموتا

سَمِيتا

سُوئا= سرهي، سائي ياڇي.

ساجانْ

سَجائِي= فضيلا

سُجاڳِي= جاڳرتا

سَگهائِي= طاقت ور

سِپَ= صدف

سِپِي= صدف

سِپِني= صدف

سِپِينا= صدف

سِپِيتا

سِپِيتِي= (سِپِي تِي)

سِپِيا

سِپِيانا

سِپانا

سِپِياڻِي

سِپُلْ

سُپلا

سِپيلا

سِپرينا= محبوبا

سَمانِي

سَمانا

سَمانِيا

سَمابِي

سَمهابِي

سَمهَبِي

سَتابِي= شاهوڪارڻ، خوشهالڻ

سُکِي= خوشهالڻ

سُکانُ

سوپان= شويا= زينت

سوپيا= زينت، نزاڪت

ساپيا= سچان= سچنا

سُهائِي= روشني

سامانَ

سامي

سومي

سوميا

سامِيا

سامِيلا

سڳي لڏي

سيبتِي= شگفتا، سليقا مند

سيبتا= شگفتا، سليقا مند

سهندِ= خوبصورتي جي مراد

سُونهندِي= خوبصورتي واري

سُونهَن= خوبصورتي

سُونهن پَري= بيوٽي فل

سُونهن وَنڊِي=حُسن ونڊي

سُونهَلَ= حسنا

سُونهيلَ= (سُونهي ل)

سُونھيلي= (سونھي لي)

سُونھيلا= (سون ھي لا)

سُونھيليا= (سون ھي ليا)

سُونھَڪَ

سُرميتَ= (سرمي ت) سرمي رنگ سھڻي

سُرميتي= (سرمي تي)

سُرميتا= (سرمي تا)

سَنيھِلا

سَنيھِلي

سُوڏانُ= ھي عربي نالي سُودَھ جو بگاڙ آھي شايد.

سَمجَھہ= عقلان

سَنگينِڙ

ساڪڻي= (ساڪني)

ساڪِنا

سَئينَ= (سئي ن صدا)

سَنجھا

سَنجَهيا

سُنجِهيلا

سُرتِ= سمجهہ هوشياري

سُرتِي

سُرتِيا

سُرِيتا

سَرتِي= سکي - ساهيڙي

سوڀَ= فتح

سوڀِي

سوڀيلا

سوڀِلا

سوڀارِي= فتح مند

سوڀاڳَت= توفيق

سِڪَ = حُبَ

سُڄيتِ= (سڄي ت) باشعور

سُڄيتِي= (سڄي تي)

سُچيتا= (سچي تا)

سِگڙِي= ڪنڊي وڻ جو ڦر ـ ميوو

سِٽي= (سني) پيلَنِ گُلَنِ يَرِي بَنيءَ جي پوڪ جنهن جي تاندوري مان ڪپڙو . واڄهہ ۾ ڳوٽيون/ ٻوريون نهن.

سِنلي

سِنيلا

سانوري= سانوري ـ سهڻي رنگ واري

سانوريا

سانولي

سانولا

سانوليا

سانولڪي

سانولڪا

سيڪوتري= ماڙ ملڪ جي هڪ ديويءَ جو نالو

ساڌوري

سابي= صاحبي جو ٻگاڙ

ساباڻ = صاحبا جو ٻگاڙ

سانگلي

سانگلا

سانگيا

سَچلي = سَچ مان نڪتل نالا

سَچلا

سَچيلا

سَچنا

سَچني

سَچينا

سَچانا

سِيپيتا = (سليقامند)

سِيپيتي = (سليقامند)

سنڌ سونهاريءَ مان هي نالا ٺاهي سگهجن ٿا.

سنڌولي ـ سنڌولا ـ سنڌ ڪي ـ سنڌڪا ـ

سنڌيڪا ـ سنڌني ـ سنڌنا ـ سنڌنيا ـ سنڌيا ـ

سينڌل ـ سنڌينا ـ سنڌوني ـ سنڌونا ـ سنڌيلا ـ

سنڌونيا ـ سنڌوليا ـ سنڌلڪا ـ سنڌيانا.

ڙ

رَوماڻيا

راڻي

راڻُل

راڻيا

راڻلي

راڻيلو

راڻليا

راڻِڪَ

راڻِ ٻائي

راستِي

رابِي

راسا

راشُل

راسُلا
راسِنيلا
راسِلي
راسِيا
راسِنيا
راسِيانا
راسِينا
رَکُلَ
راجِي
راجَانَ
راجَلَ
راجُلِي
راجُولِي
راجُولا
راجُوليا
راجِيلا

راڄ ٻائي

راڄڙِي

ريپڙِي (ري پڙي) گدري جو قسم

رُپيتي (رُپي تي) رُپو= چانديءَ ڌاتو

رُپيتا (رُپي تا)

روپي= چاندي = سيمي

روپا

روپِيا

روپائي

رُپَلَ

روپالا

روپانا

روپِينا

روپهَرِي

رابيلَ (رابي لَ). موتي گل جي ول

رابيلِي= (رابي لي)

رابيلا= (رابي لا)

رابيلِيا= (رابي لِيا)

رابولا

رُچَنِ

رُچَلَ

رِيچَلَ

رِجَڪَ

رِيجَهہ

رِيجهانَ

روجَهہ = گئون جي مٿل جهنگلي ڳئون پر ڳئون کان سهڻي آهي. حلال آهي

روجهي

رُومالِي

رُومالا

رُومالِيا

رُومالِ

رُومالڙي

رِيڙي= (رِڻي) سنڌو نديءَ جي هڪ اڳوڻي ڇاڙ

رِيڙا= (رِڻا)

رِيتِ= ريت پريت (پريت جي ريت)

رِڻا

رِڻيا

رِڻُلَ

رِڻي

رِڻُو

رِهاڻِ= محفل

رِهاڻي= (رهاني)

رِهاڻِيا= (رهانيا)

رَتِي

رَتولي

رَتالِي

رَتولا

رَتِيلا

رَتالا

رَتالِيا

رَتانا

رَتاما

رَتامِي

رائِي

رائِلِي

رائِلا

رائِيلِيا

ريتِي= (ري ٽِي) = سرخي - گلابي

راجڪي= ماڙ ملڪ جو نالو

راڪِي= ماڙ ملڪ جو نالو

راڪو= ماڙ ملڪ جو نالو

روزانُ= مڪراني نالو در اصل مڪراني ٻولي ، پارسي ٻوليءَ جو بگاڙ آهي.

رائُنَلُ

رائُلُ

راتِ رائِي= مڌ مسّت سڳنڌ ـ رات جو ڪنڌڙ گل

ڄ

ڄاڍي= هيءَ پارسي جي "زادي" جي سنڌي صورت آهي.

ڄاڏل

ڄاڏلي

ڄاڏلا

ڄاڏليا

ڄنڌل

ڄيڏل= (جي ڏل)

ڄيڏي= (جي ڏي)

ڄيٺن

ڄيٺاڻ

ڄيٺندي

جِيئَري

جيِرانَ= (جي رانَ)

جِنڊانَ

جِينڊانَ

جِنڊو

جَنانَ

جَني

جِيني

جِينا

جِيني هُوري

جَنُونَ

جَنَلَ

جِيوي

جِيوٽي

جِمي

جِيجِمي

جيجما

جانا

جانِيا

جانَل

جانُلِي

جانِلا

جانِيلا

جانيلِي= (جانِي لِي)

جُلِي= (شايد زليخا جو بگاڙ

جان پائِي

جان زادِي= پارسي نالو

جوتِ= سهائي - روشني

جاسُلَ

جاسِي

جاسِيا

جاسِينا

جَسمانَ

جاڙِي

جُڙِي

جَڙِي

جِي جِي

جِيجانَ

جِيجُلَ

جِيجِلِي

جِيجِلا

جِيجِيا

جِيجِنا

جَرڪِيلا

جَمنِي= وَٽي - پيالي. جمن مان جمني جام مان نڪتل آهن.

جانڪِي= هندي نالو

ڄيئانا= نوٽ: ڄيئانڻ: هن نالي کي مادرن ڪجي ته جيئانا ڪيو وڃي.

جھ

جھانِ

جھمِر= سنڌي ناچ جو هڪ نمونو

جھرِمر

جَھنڊي

جھنڊُڻي

جَھنڊَولا

جُھوزَيل

جُھڙالي

ڄ

ڄامانَ= نوابان

ڄامِي= نوابي

ڄامُلَ

ڄامُلِي

ڄامُلا

ڄامِيلا

ڄامِنا

ڄامِينا

ڄام زادِي= نواب زادي

ڇ

ڇَنَهِر= هڪ سنڌي راند آهي ڪوڏين سان کرڻ جي شطرنج وانگي

ڇَڳِي= سُني - بهتر

ڇَڳِلي

ڇَڳِيلا

چاڳِلي= نازلي - چاڳ = ناز

چاڳُلا

چاڳُل

چاڳِي

ڇَنگوري

چَنگالِي

چَنگالا

چِيمَڪَ= گاهه جو وڙ قسم ـ گلابي گل ڪنڊڙ

چِلڪَ= تجلي

چِٽڱَ=قومي آزادي بغاوت جي باهه جو اُلوڻ ٻاري.

اُلوڻ= شعلو

چُسڪِي= پيئڻ جي پيچ (ڀي ڄ) وٽنڊڙ جي چسڪي يرڻ ـ

پيچ ـدرنڪ

چِتاما

چِتامِي

چِرمِي= ماڙيچي نالو

ڇ

ڇڻي

ڇڻانُ

ڇڻانَ

ڇڻَلَ

ڇلي= هڪ تہ ڇلي جو مادي پيرائي نالو ٻيو تہ پاٽي پيئڻ جي ڪُنجي نڪر جي ڪُنجو = مگ

ڇلانَ

ڇليا

ڇانۡ وِلِي= ڇانءَ يا ڇان و. ڇايا

ڇانۡ وُلا

ڇانئُل

ڇانئُلا

ڊ

ڊاڊِلِي= تمام پيياري

ڊاڊَلا

ڊالِي= البيلي

ڊَلِي

ڊولِي=يَت رڌڻ جي ننڍي ديگ

ڊاڍِي

ڊُهِري= سونو ڳهہ زيور ڳچيءَ ۾ پائڻ جو.

ڊَرِها

دَرِهم

دَريا ڪانُونَ = (دريا خاتون ـ ايراني عَربي بسر نالو)

ڏُرِن= بلوچڪو نالو

ڏُرِي= بلوچڪو نالو

ڏُرناز= بلوچڪو نالو

ڏُرِني= بلوچڪو نالو

ڏُرنا= بلوچڪو نالو

ڊِبڻي= (ديني ـ دينا)

هن ريت هي نالا ناهي سگهجن تا. ڏُرلِي ـ ڏُرُلا ـ ڏُرِيلا

ٻ

ٻيلَ= (ٻي لَ) سهڻي ۾ سهڻي پکي مور جي مادي

ٻيلِي= (ٻي لِي)

ٻيلا= (ٻي لا)

ٻيلِيا= (ٻي ليا)

ٻيلِني= (ٻي لني)

ٻيلنا= (ٻي لنا)

ٻيلِينا= (ٻي لي نا)

ٻيلانا= (ٻي لانا)

ٻيلڪا= (ٻي لڪا).

ٻيلڪي= (ٻي لڪي)

ٻُولِي

ٻُولا

ٻولِيا

ٻولِينا

ڏاک= انگور ميوه ـ "ڏ" ۾ لکل "ر" آهي

ڏاکاڙي= "ڏ" ۾ لکل "ر" آهي.

ڏاکي

ڍ

ڍولَ= دل ربا

ڍولِي=دل ربا

ڍولانۡ= دل ربا

ڍولنِي= دل ربا

ڍولنا= در ربا

ڍولِيا= دل ربا

ڍولِينا= دل ربا

ڍائِي= خوب ڍاول

ڏ

ڏَجاڻِي= (ڏڻياڻي) = مالڪياڻي

ڏاڻِي

ڏاڻُلُ

ڏَنِي

ڏَنا

ڏَنُلَ

ڏاڻڙو

ڏُولِي

ڏائِلِي

ڏُونِي

ڏَئُونڙَ

ڏيئانۡ

ڏرنا= ڏرنا ڏوتي اڳوٽي لوڪ ڳالهين ۾ مشهور ٿي گذري آهي.

ڏ

ڏاهي

ڏاڙهانۡ= ڏاڙهون يعني انار جو مادي پائي نالو

ڏي جي

ڏي جانۡ

ڏيا= حشمت. تاب

ڏيمي= (ڏي مي)

ڏيمانۡ= (ڏي مانۡ)

ڏيمل= (ڏي مل)

ڏائلي

ڪ

ڪَنڊُ

ڪَنَنگَ= خوب ڪان خوبصورت

ڪينڊل ڪَنڊُلَ

ڪَنڊ ٻائِي

ڪِيران= ڪير مان نڪتل نالا

ڪِيرُلَ

ڪِيرِيتِي= (ڪِيرِي تِي) ڪير مان نڪتل نالا

ڪِيريتا= (ڪِيري تا)

ڪِيرولَ

ڪِيرولِي

ڪِيرولا

ڪيروليا

ڪيرونا

ڪيرٽي= (ڪيرني) ڪير ۾ ڪنڊ ۽ چانور وجهي رڌبا آهن ـ خوب تر طعام آهي.

ڪيرَبائي

ڪيٽن بائي

ڪَٿُوري= ڪستوري= مشڪ

ڪَٿُوران

ڪِلڻ

ڪَتي= عربي نالي ڪتيجان= خديجا جو بگاڙ

ڪَتُو= عربي نالي ڪتيجا= خديجا جو بگاڙ

ڪُونجان

ڪارَڪ= ڪجي وڻ جو خشڪ ٿيل ميوو

ڪاتلي= عربي لقب خاتون جي سنڌي صورت

نوٽ: هي عربي نالا ڳوناڻن مهڻن تي عام جام آهن.

ڪِتيجانُ= خديجان، ڪيتجت= خديجت، ڪئيري= خيري، خيران= خيرل

منگولي يعني مغلي لقب "خان" جا مادي پيرائـي نالا پڻ ڳوناٽن تي رکندا آهن. خاني، خانان، خانل، خانزادي، خان بائي.

گ

گُونَڊيلَ= (گُونڊي لَ)

گُهُرانْ

گورانْ

گُڏِي

گَرِبِي= زائفاٽُو سُتَنَ جو سنڌي ڪپڙو

گُڏِلِي

گُڏُلا

گُڏِيلا

گاڏيلا

گاڏيلِي= (گاڏي لِي) متناسب جسم واري مِهرِي عورت

گَنْڊِلِي

گَنْڊُلا

گوڙي= ٻانهي

گِلي= اِٽي

گَيني= (گي ني) اڱوٺي سمي سون جو هڪ سِڪو

گوئني

گوئنا

گانگهلي

گانگهيٽي= (گانگهي ٽي) ڏُٿ وارو ميوو تر ۾ ٿيندو آهي.

گوڳي

گِيگُلَ

گِيگما

گَگنا

گَنگُلَ= هندي نالي گنگا جي سنڌي صورت

گِڊي= پوستين

گِڊوُلي

گِڊلي

گِڊلا

گِدُولا

گِدُلا

گِدُولِيا

گِدِيلا

گُلِي= گل مان ورتل پارسي نالي جي سنڌي صورت

گُلانَ

گُلابِي

گُلابانَ

گُلامِي= (غلامي) عربي غلام ـ لفظ سنڌي ماڻهن عام جام ڪم آندو.

گُلامانَ= (غلاما) سنڌي ماڻهو نڪر پتر پاهڻ پتر جا غُلامَ

گُلامُ خاتُونَ= (غلام خاتون)

ڳ

ڳنُوري= هندي نالي گوري جو سنڌي نمونو

ڳانِي= هار ، لاڪيٽ ڳچيءَ جو.

ڳانا

ڳانِيا

ڳِنوِلي= سهڻن گلابي ڳلن واري

ڳِنولا

ڳِنُلا

گھ

گھُوني= عظيمان قلي لي واھ جو پيو نالو گھوني آھي
لاڙ م.

گھُونيلَ= (گھوني ل)

گھُونيا

گھُوڙ= حسن جي نظرن واري

گھوراڻ

پهرئين حصي جي پُڄاڻي بابت ٻه اکر

پهرئين حصي جي پڙهندڙن سان ڪجهه ڳالهين جي وات ٿڪاڻي ڪندو وڃان. طعني ڪيو تمام. آئون بلوچ قوم جي هڪ ذات جو فرد آهيان. سندم ساهُراڻي آڪَهِه جا پوڙها فرد گهر ۾ بلوچي ڳالهائيندا آهن. هڪڙي وقت قومن بابت ڪچهري ۾ وينا هئاسين جنهن ۾ پنجابي، پناڻ، اردو پناهگير مڙئي موجود هئا. هڪ پنجابي سنگتيءَ چيو، "بلوچ نسل جا ماڻهو جن کي سنڌ ۾ ائي صديون ٿي ويون آهن جن جي ٻولي زبان سنڌي، ثقافت سنڌي. سڀ طرح رِيتون، پَريون، پـرڪارَ سنڌي. سي اڄ تائين پاڻ کي بلوچ سڏائين ٿا.

اسين پنجابي، پناڻ، پناهگير ڪالهه ته آيا آهيون. اسان کي آئي چاليهارو سال مس ٿيا آهن. اسان جي ٻولي زبان پنجابي ثقافت پنجابي، ٻود باش پنجابي. اسان کي چئو ٿا ته سنڌ ۾ رهو ٿا. سنڌي خود کي سڏايو. اوهان سڀ ريت سنڌي هوندي پاڻ کي اڃا بلوچ سڏايو ٿا سو ڇو؟ اِها ڳالهه سُڻندي سندم ڪَـپاٽَ لڳي ويا. هاڻ پاڻَ کي بلوچ سَڏائڻ ڇڏي ڏنو اٿم. سنگتيءَ جي ڳالهه ۾ ڪيڏو نه سچ آهي.

سندم آزادِ خيال واقفنَ جي ڪچهريءَ ۾ مهيني ماس وينـدو آهيان. زميندار هجڻ ڪري ڪو چوندو اوهان زميندار وڏا ماڻهو آهيو. ته ڪين چوندو آهيان، "اوهان وٽ وڏو ماڻهو ايندو ئي ڪونه آهي. اوهان وڏن ماڻهن وٽ ويندا آهيو." ۽ بلوچ قوم تي ڪافي هُٽنگ هلندي آهي. بلوچن جي نـِدا گلا جو راڳ آلاپيندا آهن. تـوڙي سنڌن ٽول ۾ سماٽ جي پيٽ ۾ بلوچ ذاتن جا ميمبر وڏيڪ آهن. سنڌن چوڻ جو نمونو اهڙو يوڳَ جو يوڳ، ٽوڪَ جي ٽوڪَ. ٽالپر مير حاڪمن جي جام نـِدا گلا آهن

ڪندا. ڪين چوندو آهيان. ترڪَ، تاتارن، تورانن، مغلن، منگولن، ازبڪن، تاجڪن، پناڻن (پشتون) ۽ ايراني حاڪمن جي تواريخ ڪٿي ڏسو؟ ته ڏاڍَ، ڪيسَ قهر، قتل، ظلمر، غصب، ڪذب زاني شرابي جي حالت ۾ ڀرپور هوندي.

ٽالپر، ميرحاڪمر شريف نفس، نيڪ عمل، ديندار، هٺ جا سخي، نه زاني نه شرابي، رحمدل، قاتل کي قاهي (ڦاسي) گهٽو ڪري نه ڏيندا هئا. باقي هڪ ڳالهه ته شڪار جو شوق هوندو هون. آباد زمينون جهنگ ڪري ڇڏيندا هئا. يورپي قومن ڦاسي جو قانون ڪڍي ڇڏيو آهي. هيءَ ته ويچهر جي ڳالهه آهي. مير حاڪمن ميٺ محبت سان "ڇئوياري" جي حڪومت هلائي. مغلن جي تواريخ ڏسو؟ پاٽرن کي قتل ڪرائڻ، اکيون ڪڍائڻ، پٽن، ڀيٽرن کي مارائڻ چاچا نه ڪيو. پيو هيءُ به ڪين چوندو آهيان. بلوچ سماٽ جي ڳالهه نه ڪيو. سنڌي قومر جا حصا پتيون نه ڪيو. نه بلوچ نه سرائڪي نه سماٽ سڀ سنڌي. سنڌ سگوري جا ٻچا. انهن ۾ پئي هَڃا جيڪي ويچا وجهن تا پنهنجن ۾."

هن نالو تري بنان ٻيون چار پنج "چوپڙيون" لکيون اٿمر جن ۾

(1) سنڌي جنسيات بابت معلومات. جنهن متعلق اڳ ڪجهه به نه لکيو ويو آهي. جنهن باري مختصر ڪجهه لکان ٿو. حياتي رهي ته نالو تري جي ٻئي ڀاڱي ۾ ساري ثابت معلومات لکندس.

(2) سنڌي نج نَپي

(3) بولَ بَروچ. پنجابي دوست جي سچ چوڻ ڪان پوءِ بول بروچ جو نالو ڦيرائي "سخن سنڌي عرف ڳالهين جا آهن ڏرا." ڏري مان سڀ ظاهر ٿيو آهي. ڏري مان عيان آهي، سو ڳالهين جا آهن ڏرا. جنهن ۾ نثراٽي نموني ڪچا ڦڪا قول آهن. سخن سنڌيءِ بابت عرض آهي ته هي قول

ٻول اڳ لکيا ڇپيا پيا آهن. پَرَ ڦيرو فرق فقط هي آهي تہ هر ڪنهن سنڌو انداز بيان آهي پنهنجو پنهنجو.

(4) هڪ هزار سنڌي پهاڪا گڏ ڪيا اٿم. جيڪي پهاڪن بابت ڇپيل ڪتابن جهڙوڪ گل شڪر، گل قند پهاڪن جو ڪتاب. سنڌي ڪٿمنڙا وغيره ۾ نہ آهن. هي هزار پهاڪا مون ڪان ڇپايا ڪونہ ٿيندا. ڪو سنڌي سڄڻ ڇپرائي تہ ڪيس ڇوپڙي ڏئي ڇڏيان.

(5) ڪَچِي ڦِڪِي ڪجھ ڪئي اٿم شاعري. بحر، وزن، رديف آئون نہ ڄاڻان تو هان تي ڇڏيو اٿم. سٺي آهي يا بي سُرِي.

ڳوٺائي پيريتِ جي ريتِ

ڪئين صديون اڳ سنڌ ۾ ٻارهين ڪوهين راڄائي ٻي ۽ ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي هوندي هئي. يعني تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ يعني لفظن جو ڦيرو فرق هوندو هو. جيئن تہ اچ ۽ اتر، وچولو، لاڙ ۽ ٿر. ٿر جا ٻہ حصا آهن. اچڙو ٿر سنڌ جو اولاهون ڀاڱو حصو ۽ لاسي حصو تيئن هر حصي جي پيريت ريت ۾ ٻہ فرق هوندو. هتي اسان جي ٿر يعني علائقي "ٿاري" جي پيريت ريت جو بيان ڪندس. هي پيار پريت 1947 ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ بابت آهي. ائين سمجهيو تہ انگريز باندر شيري ٻلي جر سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان اڳ جو نينهن نظارو هو. باندر جي قبضي بعد بندش لهي وئي. بيهودگي وڌندي وئي. عشق مان ڦٽڪ ٿيندو ويو. 1947 کان پوءِ تہ بازاري ٻهاواري اگهوتري مقرر ٿي آهي. اڄڪلهہ رڳو حيوان وانگر حاجت پوري ڪرڻ آهي. هاڻي اچون ٿا اصل ڳالهہ تي.

– ساهيڙي ڇڪڻ: جيڪا مهري عرف عورت وٺي وئي جنهن لاءِ دل سٽ ڪاڏي تہ ڏوتي ٻوڙهي ڪي ڇٽبو تہ فلاڻيءَ ڪي منهنجو چئہ تولاءِ مريو ٿو وڃي وغيره.

– سا عورت ڪٽي اڪيلي ڏنائين تہ ان ڏي نهاري ڄاڻا پرڻ يعني ساجي هٿ جي ڏسئي آڱر يعني اشهد آڱري نڪ تي گسائبي. انهيءَ ڪي ڄاڻا پرڻ ڇٽبو آهي.

– اک پيچڻ: مهل موقع جي مناسبت سان اکن جو هڪ نموني جو اشارو ڪبو آهي. ٻيو نمونو اکين جي جوهہ وجهي نهارڻ غيرن جي نظرن کان لڪ ۾.

- پلاند وجهڻ: ڪنهن اهڙي اڪيلائي جي صورتحال ۾ جيئن ڪو بيو غيرنہ ڏسي سگهي تہ قميص جي پلاند کي ٻنهي ڪندن کي هٿن سان جهلي. هي سائين جو پلاند اٿئي مون سان پير پَــر وغيره ٻيا بہ ڪي پيار جا لفظ چئبا.
- چُهندي هٽڻ: ڪنهن اهڙي لڪ جي صورت ۾ پرسان اڪيلي لنگهڻ جي حالت ۾ چهندي بہ هٽبي هئي. قصو ڪوتاهہ تہ بہ ٻہ ورهہ چارچار سال بعد عورت پيرپرڻ جي ها ڪندي هئي تہ وچ واري ڏوتي عرف پڙويءَ وسيلي سلامن جو اچڻ ٿيندو.
- سلامن جون شيون (نيهن جون نشانيون): لونگ، ڦوٽا، سوپاريون مصري هي ٿيا سرها سلام. پوءِ ٿيا پرت پريل رومال، چلا، منڊيون مسڪين مهري آهي تہ چانديءَ وارا چلا ۽ ماني ميچيءَ واري آهي تہ سونا چلا منڊيون. ڳجها سلام يعني مخفي سلام بہ هوندا ها جيڪي يار کي پيچڻ يعني حل ڪرڻ آهن. ملاقات ڪرڻ لاءِ جائدعرف آجام جي جاءِ تي اچڻ جي سلامن ۾ پارپتا هوندا ها. (جائد جو آجام اڪثر آڌري رات هوندو هو لوڪ لڪا ننڊ ۾ محو هوندو آهي). يار ڏي سلام آيا اگر يعني ڪوئلي جو ذرو ٻـُـهہ جو تهہُ، ٻيرِ جو پن. يار تہ نہ سمجهي سگهيو سلام جون شيون ڪٺي ويو تمام جهونسي پوڙهي وٽ جنهن ٻڌايو اڱاري جي رات ٻير جو وڻ آهي جنهن وٽ ٻـُـهارو آهي اتي توکي گهرايو اٿس ملاقات لاءِ. (ڪٺڪ جي ٻـُـهہ جي ڍِڳ کي ٻهارو چئبو آهي) يار ساهيڙي نهي وجڻ بعد ڪئين سال وفا سان نڀائيندا هئا. اتفاقي ائين بہ ٿيندو هو تہ ”وفا“ ۾ ڪا گهاري پئي تہ پهاڪو آهي تہ ”ميلو متو ڇڏجي. يار پرتو ڇڏجي“. رُسَڻُ پَرِچڻُ بہ ٿيندو هو. ڪي اتفاقي رُساما اهڙا بہ ٿيا جو ٻنهي طالب ۽ مطلوب جا صدمي ۾ هڪ ٿي وقت پساهہ پورا ٿيا.

روحَ جو رُسامو

جڏهين سنڌ. سنڌ هُئي. بئراج اراضن ۾ ٻاجهري جي پوکَ فصل جام ٿيندو هو. ٻاجهري جي لاباري وقت ننڍي نگر پاسي جا لاباريا ايندا هئا. هڪ وچولي زميندار کان لابارو ورتو. ڳوٺ کان نمبر ڏيڍ جي پاسي تي وينا. پوءِ ٻاجهريءَ جا سَنگ لُٽندا ڪاريون ڀَريندا. ڪري واري هنڌ ڍِڳيون ڪندا هئا. لاباري جي پورهيتن ۾ هڪڙي سهڻي صورتِ واري مِهري يعني عورت هُئي. جيڪا مُنهُن ڪنهن کي بہ ڪانہ ڏيکاريندي هُئي. انَهيءَ جو ڪَنڌُ هيٺ ئي هيٺ هوندو هو. ڳوٺ جا ٽَٽُونٽ ٽرڙا ڦرندا پيا ها مُنهُن ڏسڻ لاءِ. پر ڪنڌ مٿي ڪٿي ڪنهن ڏي ڪونہ نهاريائين. هڪڙي ڏينهن هڪ اوپرو ماڻهو اچي نڪتو زميندار جي اوطاق تي. خوش خيرعافيت بعد زميندار مانيءَ جي صلاح ڪَيَسِ.
مهمان چيو. يارَ ماني ڪاڏي ڪجهہ وقت تي ويو آهي. پَرَ توسانِ پنهنجي مُنهُن نَويڪلو ڪُجهہ ڳالهائيندس. فلاڻي ذاتِ جا هَهڙين پارين لاباريا آهن؟.
زميندار چيو- هائو آهنِ.
مهمان چيو- انهن ۾ ههڙي نموني ههڙي پارين زائفان آهي؟.
زميندار چيو- هائو آهي. مهمان چيو- اِهي لاباريا مرد ماڻهون منهنجي سُورَ کان آهن پڳا. انَهنِ ۾ اها عورت منهنجي روح قرب واري آهي پاڻَ ۾ ايڏو روح قرب اٿئون جو هڪ ٻئي کي نِتا ڏِسُون تہ اَنُ پاڻي ڪاڻ حرام. مهينو کن ٿيو آهي تي دِسِيُون ڳولا ڪئي اٿمر. هِي چوڻين دِسِ تي آيو آن تہ مون کي خبر پئي آهي.جي هُنِ جي وارثن کي منهنجي خبر

پئي تہ مون کي ماري ڇڏيندا. مون کي بچاءِ تي سگهئي مون تي ٿورو ڪر ۽ اڪر هڻ سان مون کي ڳالهراءِ؟.

زميندار چيو- هئو تہ ڪنهن سان بہ ڪانہ ٿي ڳالهائي. ڳالهائڻ تہ ڇا! پر ڪنڌ ڪٿي سٽي بہ نٿي نهاري.

مهمان چيو- هي منهنجو لڪڻ آهي. ڪٿي وڃ هوءِ سنگ وڃي ڏيڳيءَ تي لاهي تہ تون مٿان بيهي ڏيڳيءَ تي لڪڻ هڻي جيئن مائي هيءَ سنگ ڪيئن وڌيو اٿئي. اڌ مان لٺي وڄايو اٿئي. لڪڻ ڏسندي تہ توسان ڳالهائيندي جي نہ ڳالهايائين تہ آئون هليو ويندس موٽي.

زميندار لڪڻ کڻي ويو ڀنيءَ تي. هر هڪ لاهياري کي سٺي صاف لوب بابت جيئندوهر هڪ سان ڳالهائيندو. ڦرندو ڦرندو ويو پي.

زميندار ڏٺو تہ مطلوبا مائي لڪل سنگن جي ڪاري مٽي تي ڪٽي اڃڻ لڳي لاهڻ. زميندار بہ وڃي مائي واري سنگن جي ڏيڳيءَ وٽ بيٺو. مائي سنگ لاٿا زميندار سنگن تي لڪڻ هڻي چيو " هيءَ سنگ ڪيئن وڌي زبان ڪيو اٿئي"؟.

مائي جي لڪڻ تي نظر پئي تہ ويهي رهي.سنگن کي هيڏي هوڏي ڪرڻ لڳي. زميندار ڏي نهاري پڇيائين " ادا اهو لڪڻ وارو ڏٺي ڪٿي آهي"؟.

زميندار چيو- منهنجي اوطاق تي لڪل آهي. ڪاٺڻ نڪو پيٽڻ مرڻ جهڙو ٿي ويو آهي. مائي چيو- ادا چئجانس رات سٽي لوڪ هڻ وڃ واري هنڌ اچي آئون اتي ايندس. سچ لٿو رات تي مهمان سان گڏ زميندار بہ ويو. زميندار جائيد واري هنڌ کان ڪجهہ وٿيرڪو تي واٽ تي ويٺو. مائي لاباڪي جهوپڙيءَ مان نڪتي. مائي مٽي تي هڪ هٿ جي سريءَ تي ڪير جو ونو ٻئي هٿ تي پاٿيءَ جو ونو سائي آئي.

پهرين واٽ تي ويٺل زميندار کان مائي پڇو " ادا ڪٿي آهي؟.

هـَن وڻ وٽ آهي. (زميندار وراڻي ڏني).
(مهمان اوجاڳي ۽ بند جو ٿڪلَ ننڊ پئجي ويو).
رُوح واريءَ ڏبيل آواز ۾ سـتـَلَ کي آئڻ جو چيو. سـِر هـَـنَ کي نـ جاڳ ٿي. مائيءَ پنهنجي اگهاڙي پير سان يار جي اگهاڙي پير تي ٿورو زور ڏنو. يار جاڳيو رنج رساموَ شروع ٿي ويو.
زميندار کي به رنج رسڻ جا هلڪا آواز محسوس ٿيا. زميندار اٿي وٺن ويو. ڏنائين تـ " مائي" کي جسـتي وات ۾ پوتـي ڳـجـيءَ ۾ يار کي پرچائڻ جا پئي آلاپ منٿون ايلاز ڪري.
يار چيو- نـ اڄ بس دنگ ٿيو چيهه ٿيو پنهنجي پچاڻي تي منهنجي الهه واهي. روح واريءَ ايلاز عاجزيون ڪندي چيو. مون ڏوهه ڪهڙو ڪيو؟.
زميندار پڇو- ڇا تي رنجا آهيو؟
مائي چيو- ادا هيءَ ڳالهه آهي منهنجو مڙو بہ قابو همٿ بہ پئي قابو جي لاهيان تي تہ ڪير بہ ٿو هارجي. پاڻي بـ ٿو هارجي. مٽي تي ماني سابہ ڪـندي هي سـتـَلَ هو. پير جي آڱرن سـان هـنَ جي پير تـي ٿورو زور ڏنم. هي ڪاوڙجي پيو آهي تہ تو سون کي " ٽـُڏو" هـنيو آهي. تون ادو ياءُ آهين مون کي پرچائي ڏي؟.
زميندار بہ ڪافي چيو اڪيو سمجهايو تہ توکي " ٽـُڏو" ڪونہ هنيو آهي. پر مهمان نہ پرتو زميندار جو مهمان تي ٿورو بہ هو نـ ٿوري احسان کي ڏنائين نہ ڇاڪي.
مهمان جي روحَ واري ٽانوَ ڪٽي ڏبيل آواز روئـنـدي سـڏڪـندي وٺي گهر ڏي. مهمان يارِ کي صدمي ۾ تـپُ (بخار) اچي ويو.
زميندار کي ٻڌائين- جيترو ٿي سگهئي مون کي هوندي رات جي پيٽ ۾ ٽيشڻ تي پهچاءِ. فلاڻو سندم ڳوٺ آهي. فلاڻي ريـل جي ٽيشڻ منهنجي ڳوٺ جي آهي. زميندار پنهنجو ماڻهو ڳڏي اٺَ تـي مهمان کي چاڙهي

روانو ڪيو. زميندار هدايت ڪئي تہ مهمان کي سندس ڳوٺ پهچائجان. بيو همراهہ گڏي ڏنو جيڪو تيشڙ تان اٺ ورائي ڳوٺ آندو.

سج اڀري مهمان جي ڳوٺ ٻئي پهتا. پهر کن سج جو چڙهيو تہ يار جا پساهہ پوراٿيا. زميندار وارو همراهہ موٽي آيو لاباري جو ڪم بند ڏنائين. پڇا ڪيائين چا آهي؟ چيائون لاهيارن جي فلاڻي مائي جيڪا هئي سا چڱي ڀلي رات جو ڪائي پي سمتي اڄ پهر کن تي سج چڙهيو گذاري وئي.

زميندار پڇو پنهنجي همراهہ کان- ابا تون خبر ڏي هن مهمان جي؟

چي " پورو انهي پهر سج تي هو بہ گذاري ويو.

نوٽ: اڳوڻي وقت معشوقہ کي ساهيڙي چوندا هئا ۽ عاشق کي يار.

سخن سنڌي عرف ڳالھين جا آھن ذرا

هٿوڙا گروپ: جنرل ضياءَ الحق صاحب جي دور ۾ شروع نموني طور هڪ واقعو پنجاب ۾ ڪرائي پوءِ فقط سنڌ ۾ ڪرايا. نہ صوبا سرحد ۾ نہ بلوچستان ۾. هر مصيبت جو حدف سنڌ کي بنايو ويندو آهي. سنڌ جي شهرن ۾ فٽ پاٿن تي رات جو سٽل مسڪين ماڻهو ۽ پينو فقيرن جا هٿوڙن سان مٿو چٿيندا ماريندا رهيا.

مرندڙن پرسان هٿوڙا رکندا رهيا. هرڪو سمجهي تہ هي ظلم روس پيو ڪرائي (روس جو نشان ڏاتو ۽ هٿوڙو آهي) صوبا سرحد ۾ تہ هڪ بہ واقعو هٿوڙا گروپ نہ ڪيو ۽ نہ بلوچستان ۾ ڪو واقعو ڪرايو. سنڌ ۾ هٿوڙا گروپ جو ڪو ماڻهو پوليس جهليو يعني پڪڙيو نہ. ڇو تہ صاحب سرڪار ياران ظلمي حرفتون ڪندڙ عناصر جهلبائي ڪونہ.

— مٿان حڪم آيو سنڌ پوليس کي تہ NLC جي ٽرالن کي نہ روڪيو. حادثي ۾ ڪو ماڻهو ماري رکن. تہ بہ نہ روڪيو (هيروئن سملنگ پي ٿئي).

— پوليس جمعدار خان محمد رند ڳالهہ ڪئي. مٿان حڪم آيو تہ سنڌ ۾ ريل مان راتن جو اسٽيشن تي خاص نموني ماڻهو لٿا ٿي جن کي سنڌن ڇوڻ موجب. جتي ڇپائون ٿي اتي ڪين پوليس پهچايو پي.

— دنيا جهان ۾ جيڪا بجلي ڪري ٿي سا مسلمان تي ۽ پاڪستان ۾ جيڪا بجلي ڪري ٿي سا سنڌي مسلمان تي.

— سنڌ ۾ رهي فلسطين جو فڪر نہ ڪريو.

— سڀ سنڌين کي فنا ڪرڻ جا فورس آهن. چام شورو پل تي چوڪي هئي ڳاٽو گل شير تيوٽو جو قصور هو ڪهڙو؟ بي ڏوهہ

بي قصور ماراڻو. سنڌي نج ويس ڪيس پاتل هو اهو سندس قصور هو. سنڌي ٽوپي، اجرڪ اوڍيل سنڌي ورن وارن ڪم پاتل، ڇپائونس ٽوپي لاهه. گل شير ڇيو ڪهڙو ڏوهه ڪيو انهن جو ٽوپي لاهيان؟ بگهڙ وارو بهانو ڪري سڄاڻپ ڪارڊ پڇيائون؟ ڪارڊ ساڻ نه هو پوءِ مارڪٽ ڪندي ڪندي کيس شهيد ڪري ڇڏيائون. فلسطين ۾ فلسطيني مسلمانن کي عربي ويس تي اسرائيلي سپاهي ڪوند مارين ٿا. فلسطيني مجاهد جڏهن ڪا ڪاروائي ڪن ٿا. اسرائيلي کي مارين ٿا ته پوءِ اسرائيلي حملو ڪري فلسطينن کي مارين ٿا.

— مختياران پنجابڻ عرف سرائڪڻ سان زوري زنا جو ظلم ٿيو سرائڪڻ پاڻ مختياران جو پاءُ ڪاروهو قصور وار هو جنهن جو اهو ردعمل ٿيو. شازيا سنڌڻ سان زوري زنا جو ظلم ڪيو حماد پناڻ. شازيا جو ڪهڙو قصور هو؟ سرائڪڻ عزت وڃائي ڪروڙ ڪمايا. سنڌڻ عزت لٽجڻ جي باوجود صاحب حڪمران پاڪستان کي بدنام ڪرڻ جا بهتان لڳايا. ڊاڪٽرياڻي شازيا کي سندس ور کي قيدعذاب ۾ بند رکيو ويو. ميڊيا وارن ساڻ ملڻ نه ڏنو. اردو ميڊيا اخبارن ۽ بي بي سي وارن ۽ اين جي اوز وارن مختياران جي ڪيس کي عالم آشڪار ڪري يورپي ملڪن سان عالمي پلاٽي وارن تنظيمن مان ڪروڙين پيسا ڪڍيا خود بي ڪاڻ ۽ اخبارن ۾ خبر هئي ته 16 ڪروڙ مختياران کي مليا. اڪثر اردو ميڊيا اخبارن ۽ بي بي سي اردو وارا سنڌي قوم سان تعصب رکن ٿا. انهيءَ تعصب حسد جو الله ڪندو ته روز

محشر جي حساب ٿيندو. تــراڙو ترندو (ميزان) عدل ٿيندو.

سنڌي قوم جو.

-- مفتوح ملهائن تا فاتحن جا ڏينهن:

اصول تہ اهو آهي تہ فتح جا ڏينهن فاتحن جي ملڪ وارن کي ملهائڻ گهرجن. دين اسلام جو بنيادي ملڪ عربستان آهي عربستان وارا اهڙا سڀئي خارج فضوليات ڪونہ ٿا ڪن. عراق ۽ ايران جو فاتح سعدبن ابي وقاص آهي جنهن جي فتح وارو ڏينهن عراقي ايراني بہ ڪونہ ملهائن. شام، اردن جو فاتح خالد بن وليد آهي. جنهن جو ڏينهن شام نڪو اردن ملهائي. مصر جو فاتح عمروبن عاص آهي مصرن اٿلو فرعون جو ڏينهن ملهايو آهي. افغانستان جو فاتح قتيبا بن مسلم آهي. جنهن جو ڏينهن افغاني ڪونہ ملهائن. سنڌ جو فاتح بن قاسم جنهن جو ڏينهن مفتوح بنياد پرستي جي بيماريءَ ۾ اڙيل عليل ملهائن ٿا. اها ڏهاڙن ملهائڻ جي هيڙي نموني نڪ جي نرجائي ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ ڪانهي

-- اسان واري ضلع جي شهر ۾ هڪ پنجابي مزدور مون سان ڳالهہ ڪئي تہ جڏهين پاڪستان نهيو. مهاجر ڪائيندا هئا مرچن سان ماني، سنڌي ڪائيندا هئا ڪير مکڻ سان ماني. پاڪستان جي پنجاهہ سالن بعد " سنڌي ڪائن ٿا مرچن سان ماني ۽ مهاجر ڪائن ٿا ڪير گوشت سان ماني. مون ڪيس چيو، "مرچ تہ آهن پر ماني جو اٽو ڪونهي" سنڌي مسڪين اَيندُ عوام اٽي ۾ آزرت آهي.

نوٽ: سنڌي قوم جي ابادي چار ڪروڙ ڇئي وجي ٿي. هتي منهنجو مطلب آهي عوام سان ۽ نہ اميرن، ميرن، پيرن، ليڊرن، وزيرن، آفيسرن، اربابن، نوابن، ڄامن، ڄاموٽن، خانن، سردارن، رئيسن، سرائن، وڏيرن، چوڌرن، زميندارن، جاگيردارن، خان صاحبن، خان بهادرن، راءِ صاحبن، راءِ بهادرن، پٽيلن، سائن، سرن، صاحبن، شهزادن، راجڪمارن، ذاڪرن، ملن، مولوين، مُربن، مفتين، مبن، مرشدن، مجاورن، مت ولين، ملنگن، راهبن، راءِ وندن، سرمائيدارن، پنڊتن، پروهتن، ساڌن، سنتن، باون، ٻانيڪن، مشرن، مهنتن، مهراجن، برهمڻن، گُرن، گوسائن، گرڙن، پوپن، جنائي نقيرن، پوتارن، لليجن، گنڊن، داداگيرن، شودن، اسمگلرن، ڌاڙيلن، پوليس وارن، چورن، ورياج خورن، واٽين، واپارين، سيٺين، گبرن، ڪارخانيدارن، هن مفت خورن پرمارن جي پنجاهہ لک آبادي ڇٽن ڪروڙن مان ڪڍي ڇڏيو تہ باقي ٿيا ساڍا ٽي ڪروڙ جنهن ڪي اسين عوام چونداسون.

سلام

ـــ سلامر آهي ان سنڌي شهيد تي جنهن غزنوي غاصب جي لشڪر کي رڻ ۾ رلايو.

سلامر آهي شهيد مخدوم بلاول تي جنهن کي چنگيزي ارغون گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪرايو. شاهه بيگ ارغون جو مرڻ 22 شعبان 928هجري ۾ ٿيو. سندس امير ۽ مکيہ ماڻهو تعذيت جي رسم کي لڳي ويا. چنگيزي خاندان جون رسمون بجا آڻي سندس لاش بکر موڪليائون (تاريخ معصومي)
نوٽ: اوهان سمجهو تہ چنگيزي رسمون ڪهڙيون هونديون؟ سي مسلماني تہ نہ ٿيون.

ـ ٻاپان سنڌو ويرُ ڪِن ڪپوتان وسري
سلامر آهي شهيد مريد بلوچ تي جنهن ظالمر مرزا صالح ترخان کي قتل ڪيو (تاريخ معصومي)

ـ سلامر آهي مارئي ثاني تنهن عورت تي جنهن کي ظالمر مدد خان پٺاڻ پنهنجي بادشاهه لاءِ افغانسان کنيو پي ويو. واپس ورندي سنڌ اندر بيڙيءَ وسيلي هڪ هنڌ پاڻيءَ مان ٿي گذريا. مارئي ثاني پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏئي پنهنجي عزت حرمت بچائي

ـ سلامر آهي شاهه عنايت شهيد تي جنهن کي قرآن شريف تي ويساهه ڏئي دوکي سان شهيد ڪيو ويو.
ـــ سلامر آهي "جهوڙي وارو لٺو" جي شهيدن بـَحـپـو بادشاهه ۽ سندس ساٿين تي، جن انگريز باندر برخلاف، حريت جي تحريڪ شروع ڪئي.

سنڌ لاءِ "پ" جو اکر نحس ٿيا ڳو

"پي" جو اکر سنڌ لاءِ آد اصل کان وڏو منحوس عذاب ثابت ٿيو آهي. صدين تائين سنڌ تي پارسي سامراج جو غلبو غضب رهيو آهي. پارسي بادشاهت جي سپاهه ۾ پرتي ڪجهه عرب ۽ ڪجهه سنڌ جي جَٽن (جت = زط) جاٽن جا سپاهي هوندا هئا.

انگريز نصاري سپاهه گيريءَ جو انعام ڏنو "پ" واري نانيءَ جو پنجابن کي. پياري ناني تي ونڊڻ واري "پ" وارا ڏوهتا ٿيا پنجابي. پٺاڻ ڪاڇ وارا ۽ سنڌ وارا سنڌي ۽ بلوچستان وارا بلوچ وڏي زبون حالي ۾ ناس نابود ڪيا ويا.

سنڌ لاءِ تباهي جا طرف

آد اصل کان سنڌ لاءِ تباهيءَ جا طرف اتر اولهه بڻيا. مهسين سال يعني هزارين سال اڳ سنڌ تي اتر کان ڳوري پوري چمڙي وارا خون خوار "آريا" حملي آور ٿيا. پوءِ اولهه کان يونانين يلغار ڪئي. پارسي (فارسي) ڪاهون ڪندا رهيا. پوءِ اسلام بعد عرب حملي آور ٿيا. عربن جي ڪيترن حملن بعد آخري حملي ۾ سنڌ جي هندو حاڪم جي حڪومت ختم ٿي عرب حڪومت قائم ٿي. عربن هتان هڪ افضل شئي آندي "اسلام" سنڌ بڻي باب الاسلام. خاص هنن بنان باقي سنڌي سڀ مسلمان ٿي ويا. پوءِ اتر جي حملي آورن قاتلن ظالمن غاصبن کي ڪهڙو جواز هو. سنڌ مسلمان ملڪ تي حملن ڪرڻ جو؟ ترڪ تاتاري نسل جي غلام پيءُ جي پٽ غزنوي غاصب واعدي جو ڪوڙو. بت شڪن ڪوڙو. تنهن کي ڪهڙو حق هو سنڌ مسلمان ملڪ تي حملي ڪرڻ جو؟ وقت جي خليفت المسلمين پاران عرب گورنر هوندا هئا سنڌ ملڪ جا. تاريخ معصومي جي مير معصوم[*] لکيو آهي هجري سن 416 هه ۾ حملو ڪيو سنڌ تي. عرب مسلمانن ۽ سنڌي مسلمانن جو قتلام ڪيو. غزنوي غاصب جي حملي کان پوءِ سنڌ باب الاسلام تي جاڪون لاڪون

ڪنڌارئون حملا هوندا هئا. سنڌ باب الاسلام جي سنڌي مسلمانن جو ڪنڌاري قاتل قتلام ڪندا ڦريندا، لٽيندا رهندا هئا. بن قاسم نه قتلام ڪيو ڪافرن جو پر غزنوي غاصب ڪنهن جو قتلام ڪيو؟ اهو ڪهڙو جهاد هو؟ غزنوي غاصب ڪوڙو بت شڪن هو. افغانستان اندر بت نه پڳائين ڪونه ڇو نه سي بت سون مال ملڪيت کان خالي هئا. تن جو سون مال غزنوي کان اڳ ڪجي چڪو هو. وري اولهه ست سمنڊ پار کان سائنس جي ڪمال سان ڪارگر هٿيارن جي زور تي انگريز باندر نبري اڪين وارو پلو آيو. سنڌس ڪهاڙي ۾ مقامي ڳن وارن ۽ مقامي غدارن وسيلي ساري نندي ڪنڌ يعني برصغير تي قبضو ڪيو. 1857ع جي بغاوت کي ناڪام ڪندڙن کي 105 سالن بعد انگريز باندر انعام ڏئي ويو غيرفطري نانيءَ جو. ناني تي ويندڙ واري، ڏوهٺا ٿيا ڪاٺڻ وارا. سنڌ جا سنڌي بلوچستان جا بلوچ، غلامن جا غلام ٿي ويا. سنڌن سڀ حق واسطا مال ملڪيت، عزت، آب، تعليم، زبان ماني نان سڀ ڪجهه ٿيو زيان ۽ اولهه جي هوا بابت سنڌ ۾ عام چوڻي آهي ته "اولهه لاٿي سر سڪائي".

يعني ته اولهه جو واءُ لڳندو ته پاڻيءَ جا سر يعني تلاءَ سڪي ويندا. بيماريون ڪندڙ اويڙ يعني نباتات ۽ حيات لاءِ هاجيڪار اهي. انڌوڪاري جهڪون جهولا. چوها طوفان اڪثر اولهه کان ايندا آهن. ميويدار وڻن جي ڦر جا پنا يعني داڻا هڪ ئي وڻ جا اولهه پاسي جي پتن ۾ اس جي تيک تي ڪو ساءُ سواد. سيري نه هوندي آهي.

اوير پاسي جي جي پتن ۾ خوب چس هوندي آهي. ساءُ يعني ذائقو، سواد يعني ذائقو سيري ۽ چس يعني لذت، تيست.

نوٽ: آد اصل کان طرفن ۾ طاقت آور اولهه اتر
هيٺو آهي. ڏکڻ ۽ اوير
سراسر ڏکڻ. اوير تي حملا قبضا ڪيا اولهه اتر

- ماڻهو ماڻهوءَ جو مريد نہ دوست هجي
- جذباتي غيرفطري فيصلا قومن کي فنا ڪندڙ ٿيندا آهن. جنهن ڪري ڪابہ جذباتي غلطي جنهن جي پوءِ تہ آهي تلافي.
- آد اصل کان سنڌي ماڻهن جي شهادت جي تاريخ طويل آهي. جيئن پوءِ تئين هاڻي تہ حد ڪمال کي پُهتي آهي، شهادت هرگز وقت جي ضرورت نہ آهي. ڪابہ قوم غازي پيدا ڪرڻ سان قائم رهي سگهي ٿي، جڳ ۾ مقابلو ڪندڙ جي سگهندا جي نہ وڙهندا سي ماريا ويندا.

ويرُ ونڻ سکو

- جيئن ويرن ونڻ جو حق هوندو آهي، مسڪينا مار نہ ڪجي، ڪنهن بہ قوم جي بي قصور بي ڏوھہ عامي معصوم ماڻهن کي نہ مارجي پر قاتلن، ظالمن، غاصبن، قوم جي غدارن، ڌاڙيلن کي غرق ڪجي، سکن وانگر وير بدلا ونجن، نہ رڳو بي عمل زباني بيان بازي جون گدڙ ٻيڪيون نہ ڪجن، شهادت نہ آهي وقت جي ضرورت، سِر نہ ڏيو ، دشمن جو سر ڪپيو اڄ اها آهي ضرورت.
- نہ اڇن ها انگريز، نہ ٿئي ها غلامن جي غلامي.
- دنيا ۾ طاقت جي تعظيم آسي.
- دنيا جي ملڪن جا رانديگر تعليم يا فتہ آهن، بي قانوني طاقت جون چوري دوائون کائن ٿا سي ايڏي چوري، بي ايماني ڪن ٿا تہ اڻ پڙهيل، بي علم، ابوجهہ مسڪين چورن تي ڪهڙي ميار ڏجي؟ خاص ڪري سنڌين کي چور چيو وڃي ٿو، جن جو سڀ ڪجهہ لٽيو، ڦريو ڪاڌو وڃي ٿو.

- جنهن کي ______ آهي تنهن کي عقل کونهي، جنهن کي عقل آهي تنهن کي ______ کونهي (نامعلوم).

اسين قطع تعلق کنهن سان ڪيون؟

- يهودين سان ڪيون؟ يورپي عيسائن سان ڪيون؟ يا اسان جو داڻو پاڻي بند ڪيو آهي انهن سان ڪيون؟ يا سنڌ جي شهرن مان سنڌين جا گهر، ڳوٺ تعليم، ٻولي، زبان، نوڪريون نالا نشان ختم ڪيا آهن تن سان ڪيون؟ شهرن مان حددخليون فقط سنڌيءَ جون هٿائن ۾ ڏاهن ٿا.
- ڪنهن به قوم جي شهري آبادي وڏي قوت آهي..
سنڌ جا شهر وڃائي سنڌ گم ڪرائي سون. سنڌي ٻولي ختم ڪرائي سون. ڪنهن به قوم جي ترقي جا وسيلا شهر هوندا آهن، علم، تعليم، هنر جا ادارا شهر هوندا آهن.
- 1947 کان اڳ ڪراچي جا روڊ رستا پاڻي سان ڌوپيندا هئا. موجوده وقت ۾ رت سان ڌوپن ٿا.
- شڪارپور سنڌ جي پئرس هئي واڻين وقت. هينئر بربريت جي صورت آهي سنڌي سردارن جي وقت.
- 1947، کان اڳ حيدرآباد جون مشهور هيون راتيون ۾ هوائون. موجوده وقت بارود ۾ باهيون.
- ڪابہ بنياد پرستي آهي انسانيت جو زيان.
- جهنڊي بازي ڪپڙي جو زيان، نعري بازي جهيڙي جو بنياد.
- هر گهر هڪ تاريخ، هر پاتي هڪ ڪهاڻي.

پوليس جو ڪُوڙَ ۾ دولابَ جو ڏنڊو.

- انگريز جو پٺتو ڇيلهہ ۾ پيو آهي، پوليس ۾ سپاهي ويچارا بيوس مجبور هوندا آهن. پوليس جي SHO اهم ڪڙي آهي، اڪثر SHO خرابي جي پاڙ جڙ آهن، پوليس ۾ ڪي SP نيڪ بہ آهن جن سنڌ جي ضلعن ۾ امن لاءِ ڪوشش ڪيون سردارن کي جهلڻ ٻڌڻ جون، ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ جون پر مٿان جي آسماني وفاقي حڪم ڪري بيوس آهن.
سنڌ ۾ سنڌي ۽ بلوچستان ۾ بلوچ جي ڪُلهن تي اڳئي حساب ڪتاب وارا ويٺل. ويتر انگريز اسان جي ڪُلهن تي بارَ وڌائي ويو. سندس فرمانبردار بندوق بردار ويهاري ويو حساب ڪتاب ڪيو ٻئي مٿان وجن ڪنيو.
- پاڪستان ۾ سچي اليڪشن. سچا ووٽ. سچا نشر نتيجا وفاق وٺان. جنرل آغا يحيٰ صاحب ڪرايا. يحيٰ بعد نہ سچي اليڪشن ٿي، نہ ٿيندي ۽ سچا نتيجا وفاق وارا ڪڏهين بہ نشر نہ ڪندا (وفاق معنيٰ پنجاب. پنجاب معنيٰ وفاق) جوڙ توڙ جا نتيجا حاڪم وفاق ڪندو رهندو. حاڪم وفاق ڪان پنان خود مختيار آهن ۽ سنڌ جا سنڌي ۽ بلوچستان جا بلوچ غلام آهن.
- ڪائڻ پيئڻ جي ڪا شئي حرام نہ هجي ٿي، حرام آهي ٻئي جو حق ڦري ڪائڻ. ڪسي ڪائڻ. زورن ڪائڻ. لٽي ڪائڻ.
- هر رنگ جو پنهنجو پنهنجو اثر ٿيندو آهي، سائي رنگ سنڌي قوم کي سڪائي ڇڏيو.
- اقليت سان جڏهين ڪڏهين ڪان. جتي ڪٿي آزار هوندو آهي.
- يتيم قوم جا مٿيان خزانا تہ ڪيترن سالن کان لٽيندا رهن ٿا بہ زير زمين دفينا بہ کوٽي ڪنيو وجن پيا ٿا.

- ماڻهو ڌرم مذهب لاءِ وڙهندا. ڌرم مذهب جي حمايت ۾ تقريرون ڪندا. بحث ڪندا. ان لاءِ ماريندا ۽ مرندا پر ان جي اصولن پٽاندر حياتي نہ گذاريندا.

(هي ٻول نامعلوم سالڪ جو هڪ اخبار ۾ ڏنو)

(بعنوان " بنياد پرستي جو وڏنڍڙ اثر").

- انسان جي وڏي ۾ وڏي بيماري بي عقلي جنهن جو پچاڙڪو پاڇاندو بنياد پرستي جي بربادي.

بي قدري پنهنجن جي، پريجن پراين جي مجتا

- دنيا جي قومن کي پنهنجن بزرگن کان ڪتاب مليا آهن. ڪن کي نثر ۾، ڪن کي نظم ۾، ڪن کي گيت ۾، ڪن کي ٻئي جي هدايت ۾، بزرگن جي هداينن کي شعر سمجهڻ. بزرگن کي شاعر چوڻ. اها بزرگن جي وڏي بي قدري آهي، پنهنجي بزرگن جي بي قدري ڪندڙ قوم جا هليت جي اوڙاهہ ۾ غرق ٿي ويندي. دنيا جي گولي تي سنڌي ٻولي زبان جو نالو نشان نہ هوندو.

- سنڌي ماڻهون پنهنجي هر شئي کي هيچ تو سمجهي. پرڻ جي پرائي جي هر شئي کي اوچ تو سمجهي.

- اولهہ، اتر جون خون خوار قومون اهن.ڏکڻ، اوڀر جون ايند ڳوٺي قومون آهن. آد اصل کان اولهہ، اتر جي قومن ڏکڻ، اوڀر تي ڪاهون ڪيون آهن سراسر.

- سنڌي مائٽ، اسڪولن مان پڙهي اچڻ بعد پنهنجي اولاد کي گهر ۾ تواريخون هر دور جون پڙهائن خاص ڪري سنڌ بابت تہ ڇا وهيو واپريو آهي ۽ ڇا ظلم غضب، ناحق پيو ٿئي.

ٻوليون پڙهجن ٻہ

ٻولي زبان بابت ننڍڙا ننڍڙا نڪتا عرض رکجن ٿا. ٻوليون پڙهجن ٻہ مادري ۽ انگريزي.

مادري ٻولي قومي فرض طور، انگريزي ٻولي دنيا سان رابطي جي فائدي طور. سائنس سمجهڻ، پروڙڻ لاءِ انگريزي عالمي زبان ٿي وئي آهي. دنيا ۾ جتي ٻه اوهان جو اولاد سيني سان ڳالهائي سگهندو سڀ ڪجهه ڪمائي سگهندو. قوم آهي ٻولي زبان سان، ٻولي زبان آهي ڳالهائڻ سان. ڳالهائڻ آهي پڙهڻ لکڻ سان. پڙهڻ لکڻ آهي آزاد هجڻ سان، قوم قدرت جي جوڙيل ناهِلَ نوس حقيقت آهي. قومن جو اولي ۽ آخري حق آزادي آهي. آزادي نعمت خداوندي آهي، آزادي بنا انسان بذل حيوان آهي، ڌرتي جي ديسَن هر هڪ جي ڏار ڏار آهي ٻولي زبان.

ٻولي زبان سبب حيوان کان الڳ ٿيو آهي انسان. ڪاٻه قوم ٻولي زبان سان آهي هوندي، ٻولي زبان مادري تعليم پڙهڻ لکڻ سان آهي زنده رهندي، ڌرتي جي قومن جي انسان جي پاڙَ جَڙآهي زبان، هر قوم جي انسان تي فرض آهي پنهنجي مادري پڙهڻ ٻولي زبان، هر جنس جو حيوان ٻه مادري آواز ڪري ٿو. جو انسان مادري زبان نٿو ڳالهائي پڙهي سو حيوان کان آهي بد کان بد حيوان. سنڌ ۾ رهڻ سڏائڻ سان سنڌي ڪونه ٿبو

سنڌي ٻولي ڳالهائڻ سان سنڌي ٿبو، گهر ۾ جيڪو ڳالهائي ٿو سنڌي سو آهي سنڌي، جيڪو اردو سان گڏ پڙهي ٿو سنڌي سو آهي سنڌي، جيڪو فقط پڙهي ٿو اردو ۽ نٿو پڙهي سنڌي سو نه آهي سنڌي. اسڪول ماٺهن ڪوليا آهن، ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي ماٺهن ٻه اسڪول ڪوليا آهن. جتي ٻه اردو انگريزي پڙهائن ٿا. اردو انگريزي سان گڏ سنڌي ٻه پڙهائڻ گهرجي، پر ٻاهِران سنڌ ۾ آيل غير سنڌي اردو ٻولي وارا، پنجابي ٻولي وارا، پناڻڪي ٻولي وارا جن جا ٻار سنڌي تعليم بنهي نٿا پڙهن، ڇو ته انهن جا مائٽ سنڌي تعليم پڙهائڻ ئي نه ٿا گُهرنِ، اِهو سنڌي تعليم کي ڌَڪَ جنرل ايوب خان صاحب لڳايو. ڌريان ئي ڌار غيرن

تي ڪهڙي مَيار. ميارون آهن پنهنجن تي سنڌي وڏن ماڻهن سنڌي اڳواڻن ليڊرن تي جيڪي پنهنجن ٻارن کي سنڌي تعليم نٿا پڙهائن، انگريزي ۽ اردو سان گڏ سنڌي بہ پڙهائڻ گهرجي. سنڌي اڳواڻ ليڊر سنڌي هوندي سنڌي نٿا ڳالهائن. آئون انهن کي غير سنڌي ڪُنري يعني زمري ۾ سمجهان ٿو. سونيا گانڌي اٽلين هوندي " هندي ڳالهائي ٿي ۽ سونيا هندوستاڻ آهي. ڪنهن بہ قوم جي مادري ٻولي زبان جي علم تعليم جي تباهيءَ سان ٻولي زبان ختم ٿيندي آهي. ان قوم جي جنهن قوم ۾ پنهنجي مادري ٻولي زبان ۽ زمين جو قدر ڪونهي تہ ان قوم جو جڳَ جهان ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي. دنيا ۾ قومون ٻولي زبان وسلي هونديون ليڪبيون آهن، نہ ڌرم، مذهب وسيلي. ٻولي زبان انساني شيءِ آهي جنهن جو پهريون نمبر آهي. محبت انسانيت جو وسيلو ٻولي ڳالهائڻ سان آهي. دنيا جي گولي تي امر لاءِ (هميشہ لاءِ) ٻولي زبان سان زنده رهيو ۽ نہ سَرِيرَ يعني جسم سان. انسان ٻولي زبان سان آهي، نہ ٻُتَ جسم سان. ٻُتَ بَدَنَ سان حيوان بہ آهي پر حيوان ٻولي زبان نٿو ڳالهائي. يورپ کنڊ وارا ٻن يا ٽن ملڪن بنان باقي ملڪ هڪ ٻئي تيا آهن هڪ سکو " يورو" ڪيو اٿن. پر هڪ ٻولي زبان هرگز نہ ڪندا. سنڌي قوم ۾ وڏي ڪچائي يعني خامي هيءَ آهي تہ پنهنجي ٻولي زبان کي اهميت نٿو ڏي. ٻولي زبان سان قوم هوندي آهي. ٻولي جي علم تعليم پڙهڻ لکڻ سان قوم قائم دائم رهندي آهي. سنڌي ٻولي کي بچائي سنڌي قوم بچايو. سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي ماستر لڳايو. ننڍو کنڊ هندستان بہ ملڪ. انگريز ڪري وڃڻ جي صورت ۾ U.P يوپي جي اردو مهاجرن جي پنجاب بہ اڏ ٿيو. سڪن واري پنجاب مان پنجابي مهاجرن جي اٿل پُٿلَ فقط سنڌ تي پَئي. ڌاريان آيا دوسرن جي اچڻ جون يلغارون، قطارون لڳيون پيون آهن.

پاڪستان ٺهڻ بعد سرحدي پناڻن جي بہ يڪا يڪ سنڌ ۾ اچڻ جي يلغار اچي پئي. افغانستان ۾ روس جي دخل بعد افغاني ياچوڪڙن لاءِ حاڪمر وفاق، سرحد ۾ ۽ اتر بلوچستان ۾ ڪئمپون قائم ڪيون. امريڪا کائڻ جا مال خزانا ڏنا. انهن ڪئمپن مان افغاني شروع کان ٿورا ٿورا نڪرندا سنڌ ۾ ايندا رهيا. حاڪمر وفاق جي ملڪ ۾ ڪو پناهہ ڪونهي، ڪئمپون بند ڪرڻ بعد افغاني يلغار سنڌ ۾ ايندي رهي ٿي. تنڊي ڪنڊ يعني برصغير جي هندوستاني حصي جي مڙني ملڪن جي قومن جون زبانون زندهہ رهنديون، ڇو تہ هندستاني حصي جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ لڏ پلاڻ جي اٿل ڪانہ آئي. سنڌ ما صرف سنڌي هندو 13 تيرنهن لک ويا هندوستان جيڪي ڪُڙُو ڪُڙُو ٿي ويا هندوستان جي هر هڪ حصي ۾ سن 2040 ڌاري سنڌ ي قومر جي سنڌي ٻولي پوري ختمر ٿي چڪي هوندي، سنڌي قومر وارا سڀ اردو ڳالهائيندا. حاڪمر وفاق وارا سنڌ جو مٿيون مال ۽ پاڻي شروع کان خوب ڪٽندا رهن ٿا. پر سنڌ جا دفينا ڪوٺي ڪٽي وجن پيا. سن 2040 کان 2043 تائين سنڌ کي پيڙي نپوڙي قوڳَر ڪري ڦٽي ڪندا. يعني سنڌ مان هٿ ڪڍندا پوءِ سنڌ وارا اردو پناهگير. پنجابي. پناڻ. سنڌ جا حاڪمر هوندا. حصا پَتيءَ تي پاڻت ۾ وڙهيا تہ بوسنيا واري ڪار ٿيندي. جي نہ وڙهيا تہ لبنان واري طرز حڪومت ڪندا. اصلي سنڌين جي غلاميءَ واري حالت هوندي. جيئن امريڪا ۾ ريڊانڊين ۽ شيدين جي آهي، آمريڪا ۾ شيدين جي ٻولي زبان انگريزي آهي. پر سنڌن ڪا حيثيت ڪانهي. آها ئي غلاميءَ لاءِ آندل. غلامي حالت ۾ رهندل. برابري جو ڪو حق نہ اٿن. پر سنڌ ۾ اصلي سنڌين مان هيءَ بہ حالت ٿيندي. سنڌين جي آبادي وڌي تہ اصلي سنڌين جي حاملا عورتن جا زوري بار ڪيرائيندا. جيئن شروع ۾ جنرل ايوب خان صاحب نس بندي جو عمل سنڌ ۾ شروع ڪرايو هو. پوءِ اسلامي علماءِ اڪرام بند ڪرايو هو.

جناب شيخ اياز صاحب بابت ٻه اکر.

شيخ اياز وڏو مهان شاعر آهي، سنڌي ٻوليءَ کي سنڌي قوم کي کوڙ کان کوڙ ڪافي ڪان ڪافي ڏنو آهي، پر شيخ صاحب ۾ ڪجهه بانورَ تکبر جو جـُز هو. " ڀٽائي (ڀٽائي سائين) ۽ اياز کي توريندئو ڪاني ڀڃي پـوَنديءَ ۽ شيخ صاحب جي ويجهي جـي نـِرتِ نظر ڪمزور هئي. ڳالهين جا آهن ذرا. ڀڳت سنگهه تـي " او پيـرا" لکيـو اٿـس، پـر حضرت صبغت الله شاهه سورهيه بادشاهه شهيد بابت ٻه اکر ٻه لکي نه سگهيو.

سورهيه بادشاهه سنڌ ۾ انگريز خلاف هل ڄل هلائي، پاڻ شهادت ماڻي سندن جماعت جا لکين سنڌي جيلن عذابن ۾. هزارين بي ڏوهه ري گناهه ڦاسي چڙهيا. ٻارين ٻچين لوڙهن ۾ بند ڪيا ويا اذيت عذابن ۾ گهاريندا رهيا. انـهـيءَ بابت ڪجهه نظر نه آيس " رڳو ڀڳت سنگهه جي ڦاسي" نظر آيس.

سنڌ جو آبپاشي کاتو پاڻي وڪڻي ٿو.

سنڌو دريا تي پنجاب سنڌ جي حصي جو پاڻي گهٽ ڪرڻ جا 1859ع کان حيلا چالو ڪيا. پر ساري هندوستان جو حاڪم انگريز هو جنهن پڇڙي وارن جو حق قائم رکيو. 1947ع جي ورهاڱي بعد پاڪستان جو پاڻ حاڪم پنجاب ٿي ويو، سنڌ محڪوم ٿي وئي. حاڪم آقا جي مرضي جيڪا غلام کي جيترو ڏي، سو آقا کي ڪهڙي ميار ڏجي. ميار آهي پنهنجن تي سنڌ جي آبپاشي کاتي ۾ 95 سيڪڙو آفيسر سنڌي آهن.

آبپاشي کاتي ۾ ايس ڊي اوز اهم ڪڙي آهن، هيڊ وارن بيلدار، داروغا، سرويئر جو دارومدار ايس ڊي اوز تي آهي ته مٿي وارن آفيسرن، انجنيئر، اي سي، چيف سيڪريٽري وغيره جو به دارومدار ايس ڊي اوز تي آهي، ايس ڊي اوز ساري سنڌ جي واهن، شاخن جي مُنڍَ ۽ وچ وارن واٽر ڪورس جا هر ڇهه ماهي زميندارن کان ڏوڪڙ وٺي موگا يعني ماڊيول پڃائن ٽوڙائن ٿا. منڍ جي واٽر ڪورس جا پنج پنج، چار چار لک وٺن ٿا ۽ وچ وارن واٽر ڪورسن جا ٽي ٽي لک وٺن ٿا. وري بي ستمگري اها ته موٽر پڪا منڍ ۽ وچ وارن واٽر ڪورس تي واهن شاخن جي ڪپر تي رکي واٽر ڪورسن ۾ پاڻي وجهن ٿا. ٽيو ظلم اهو ته وقت جي سرڪار اربين ڏوڪڙن جو نيڪو چائنا کي ڏنو. چيني ماڻهن واٽرڪورسن جا موگا ماڊيول لوهي سيخن ۽ سيمنٽ سان اهڙا ته مضبوط ٺاهيا جيڪي پڃڻ ٽوڙڻ کان زور ها. زميندارن لکين ڏوڪڙ ايس ڊي اوز کي ڏئي چيني ماڊيول مٿيءَ سان لٽي پوري ڇڏيا آهن. ۽ پنهنجي مرضي جا موگا ماڊيول ٺاهي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجي مرضي آهر قانوني ماپ کان ٻه ٻه فوٽ اڍائي اڍائي فوٽ، تي فوٽ ويڪر ۾ اونهائي عمق ۾ پڳل ٽنل هجن ٿا. پاڻي جي ليول کان مٿي ظاهرداري جي چالاڪي موگي ماڊيول جي قانوني ويڪر ڏيکاريل آهي. وارا بنديءَ ۾ واهه ۽ شاخون بند ٿينديون آهن ته زميندار موگا ماڊيول مٿيءَ سان لٽي ڇڏيندا آهن. ظاهرداري وارو موگي جو منهن ڇڏيندا آهن. چوٿون اهو ته منڍ وچ وارا ونجون هٽي پاڻي وهندا آهن. ونجيءَ کي آب پاشي آفيسر ڪٽ هڻڻ چوندا آهن. وري چربٽ راجا واري ڪار ته ايس ڊي اوز پچا ڳاڇا تي هي ڪوڙا بهتان زميندارن تي لڳائن ٿا ته زميندار پاڻي چوري ڪن ٿا. زميندارن کي ڪهڙي مجال آهي چوري ڪرڻ جي. ها ڪنهن وڏن زميندارن وٽ لچ لوفر هوندا آهن ته ايس ڊي او کي ڊچاريو ويندو آهي پر اهڙا چند وڏا زميندار عام نه وڏن هلنديءَ

وارن زميندارن لاءِ پارٽي بازي ڪري ناظم ايس ڊي اوز کي چوندا آهن. وڏيڪ پاڻي ڏيڻ لاءِ ساري سنڌ جي واهن شاخن جي منڍَ موهَرَ ۾ وچ وارن واٽر ڪورسن جا ڇهه ماهي ڪروڙين روپيا تين تا. جيڪي حصي رسي سان آب پاشي جي وڏن آفيسرن تائين پهچن تا. ساري سنڌ جي واهن شاخن جون پڇڙيون سڪي ويون. ايس ڊي اوز وارن سڪائي ڇڏيون.

انگريز جي سرڪار وقت آبپاشي جو قانون هو ته واٽر ڪورس تي ٽي پتي آبادي ڪبي يعني ڪنهن ڪَڙِيو يعني واٽر ڪورس تي زمين ٽي سؤ ايڪڙ آهيُ ته هڪ سؤ ايڪڙ پوک پوکبي. توڙي اڱوٺي وقت پاڻي آل جال هو سمنڊ ۾ به وڃڻ گهربو هو. هن وقت منڍ، وچ وارا ڇڪتو زمين پوکين تا. پڇڙيءَ وارا ڇپوَن تا بلڪل زمين ڪَلَ پوکين. واٽر ڪورسن جا موگا ٽي ٽي فوٽ ويڪر ۾ پڳل ۽ چار چار فوٽ اونهائي ۾ ٽَٽَل. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڇُڪتو پوک فصل فل پرجو وجي ته ڪٽي سر واهه ويجهو آهي ته سر واهه ۾ پاڻي ڇوڙايو ڇڏين. زميندار جي حڪم تي ڪمدار. اهو احساس هجي ته فصل پرجي ويو ته موڳي کي ڇابَ ڏياري پڇڙي ڏي پاڻي اچي وجي. اها نيت ته پڇڙي وارا زمينون وڪڻن. منڍ وچ وارا زمين وٺن.

نوٽ: اڱوٺي حڪومت وقت وڏي وزير غلام رحيم نوهڙي صاحب. رينجرس وارا مقرر ڪيا. سي پڪن رودن تائين ته اچن تن کي ايس ڊي او ونيو وجن شهر پنهنجي آفيس ۾. رينجرس وارن کي ڪهڙي پٽي آهي واهن شاخن جي ڪچنِ پڌِڙنِ جي ڊڏڙ ۾ پرجڻ پڇڙنِ تائين وڃڻ.

ڪارو ڪاري بابت

ڪجھ ننڍڙا نڪتا بيان ڪجن ٿا. ڳوناڻي عورت لاءِ اڻ ڪٿيءَ جو موت 1977ع کان وڌي ويو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪري پنهنجي مريءَ مرڻ کونہ ٿئي ٿو. يعني طبعي موت (1) اتر سنڌ ۾ ڪاريءَ جي صورت ۾ (2) ويم جي صورت ۾ (3) غربت جي سبب ڪاڌي خوراڪ جي کوٽ ڪري بيمارن جي صورت ۾. چوٿہ صحيح سڻو ڪاڏو پيتو سرير جا پٽيھہ گهر پري ٿو. مهري سان حياتيءَ ۾ ڪيترن ناحقي نمونن سان ظلم زيادتي روا رکي وڃي ٿي. ڪاري شڪ تي مارڻ ڪيڏو ڪيس (قهر) آهي.

سالڪن جي سمجهاڻي آهي تہ "ڪنين ٻُڌيءَ جو ويساهہ نہ ڪجي. اکين ڏٺيءَ جو تپاس ڪجي." اکين ڏٺي مک ڳسي ڪانہ ٿيندي پر اکين ڏٺيءَ جون بہ الڳ الڳ نوعيتون آهن. سئو تي نوي مرد ڪارا آهن. ڪاري مُڙس کي جوءِ تہ ڪانہ ماري ٿي. ڪاري مڙس کي بہ مارڻ گهرجي. پر قدرت بنا ڪنهن کي بہ حياتي وڃڻ جوحق ڪونهي. مرد جي فطرت ظالماڻي آهي. مِهري جي فطرت نڌر نماڻي آهي. خرابي جي پاڙھ مرد آھ ۽ نہ مِهري. ڇو تہ مرد زبر آهي زور آور آهي ۽ مهري زير آهي ڪمزور آهي. ڪمزور ڪيئن خرابي ڪري سگهندي؟ زور آور ئي هر طرح جي زور زبردستي ڪندو آهي. ظلم قتل غصب، ڪذب ڪندو آهي.

مرد مِهري حياتي جي گاڏيءَ جا بہ ڦيٿا آهن. هڪ ڦيٿو جڏو هوندو تہ حياتي جي گاڏي خوش اسلوبي سان هلي نہ سگهندي. حياتي گذارڻ جي جائز حقن جي عورت پاڳي پائيوار (حصيدار) آهي.

عهد وفا انساني اوصاف آهي. شادي پرڻي جي عهدوفا لاءِ ڇهن ڄڻن جي رضامندي ضروري آهي. ڪنوار جو ماءُ ۽ پيءُ جيئرا نه هجن ته ويجها ٻه وارث گهوٽ جو ماءُ پيءُ جيئرا نه هجن ته ويجها ٻه وارث ۽ گهوٽ ڪنوار. اهي ٿيا ڇهه عدد.

ٻنهي جو وڏي ۾ وڏو حق آهي. هڪ مرد، هڪ عورت پرڻي جي عهدو وفا جي بي وفائي ناهي ڪرڻي. ڪاري شڪ ٻي حالت ۾ هرگز نه ۽ پڪ جي حالت ۾ يعني اکين ڏٺي مک ڳسي نه ٿيندي. پر شرط اهو ته پاڻ ڪارو آهي ڪيس مارڻ جو ڪو حق نه آهي. طلاق ڏئي ڇڏي ۽ خود ڪارو ۽ غيرت پرست ٿو پاڻ کي سمجهي. پاڻ ڪارو هوندي خود کي صاف ٿو سمجهي ۽ عورت کي ڪارو. تون تڏهين صاف آهين؟ جڏهين تو خود ڪڏهين زنا نه ڪيو هجي پرڻي ڪان پوءِ به زنا ڪرين ٿو؟ قتل ڪرڻ جي لائق ته پاڻ آهين. پر هيٺي نِڌَرَ ناريءَ کي ناحق قتل ڪرين ٿو. غيرت مند اهو آهي جو پاڻ ڪارو نه هجي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پاڻ ڏس؟ بي وس ڪمزور جنس کي قتل ڪرڻ ڪميڻپ آهي.

نقلي دوائن جي ناقتَ

يورپي قومن جي هر هڪ ملڪ ۾ هر ملڪ جي سرڪار پنهنجي قانون تي عمل پيرا آهي. هر ملڪ ۾ دوائن جي ڪمپنين جا ڪارخانا /فيڪٽريون نقلي دوائون بلڪل ناهي نٿيون سگهن. هر نموني جي ڪارخانن ڪري گدلاڻ وڌي وڃڻ ڪري فيڪٽرين جون شاخون ايشيا ۾ لڳايون آهن. جتي پورهيت يعني مزدور سهانگو يعني سستو ملي ٿو ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ قانون تي عمل نه هجڻ ڪري نقلي دوائن جي ناهڻ تيار ڪرڻ جي بيڪهي لڳي پئي آهي. پاڪستان جي نالي واري فلمي ايڪٽريس ميڊم نورجهان علاج لاءِ لنڊن وئي. هتان جون دوائون ٻ ساڻ کڻي وئي. جيڪي اتي تپاس ڪرڻ بعد سڀ نقلي نڪتيون.

غير حقيقي نشان

چنڊ تارا، ڇَ ڪنڊو تارو، صليب کهڙي ڪم جا. انهيءَ ڪان ته ڪوڏر، ڪهاڙي، ڏاٽو، هٿوڙي نوس حقيقي آهن. انسان جي ڪم جون شيون آهن.

- پنجاب معنيٰ وفاق، وفاق معنيٰ پنجاب، وفاقي حاڪم، سنڌي قوم جي نقصان ڪندڙ ڪمن ۾ سنڌي وزيرن، سنڌي آفيسرن، سنڌي پوليس وارن، سنڌي سردارن ۽ سنڌي ڌاڙيلن کي ڇُوٽ ڇڏي ڏنو آهي، جنهن ڪري اهي، سنڌي قوم جي بربادي جو وڏو ڪارڻ بڻيا آهن ۽ اِهي سنڌي وزير، آفيسر، پوليس وارا، سردار ۽ ڌاڙيل سنڌ ۾ پنجابي، پٺاڻ ۽ مهاجر جي فردن جو نقصان ٿا ڪن ته حاڪم وفاق موجڙو ٿو هٽيو، اُتَر سنڌ ۾ ته ڌاڙيل عناصر سردار عناصر کي ته ڇيڪَ ڇڏي ڏنو اٿس، اِنهن تي ته ڪو قدم نٿو کڄي، سنڌي قوم جا حق گهرندڙ، پرامن مظاهرا، جلسا جلوس ڪندڙن تي موچڙا مَسار، قيد بند، ظلم بيحد ڪنيي ڪنيو وڃي ٿو، بي ڏوهه، بي خطا وارن کي ڇيچلائي ماريو وڃي ٿو. عدالت ۾ ڪين پيش نه ڪيو وڃي ٿو. جيلن ۾ نَڪَ ناسن ۾ نسوار، ڇُنَ جو پاٽي ناتو وڃي ٿو، هَڏگَڏُ پڳو وڃي ٿو، انڌو جڏو ڪيو وڃي ٿو.

سرڪاري سول اسپتالن جي عملي جي بداعمالي

سرڪار پاران بيمارن جي هر ضرورت لاءِ سڀ ڪجهه ملي ٿو. هر ضرورت جون دوائون، کاڌو خوراڪ، بيمارن جي سک آرام لاءِ سامان، پر سرڪاري ڊاڪٽر سڀ وڪڻيو ڇڏين خانگي ميڊيڪل اسٽور وارن کي ۽ ڊاڪٽر ڊيوٽي جي رڳو خاناپوري ڪري پنهنجا ذاتي ڪلينڪ کوليو وينا آهن. اسپتالن جا پارڪ گل ڦل، ڇَپَرَ، وَڻَ سڀ ڪجهه ختم،

مسڪين ماڻهن جي آپريشن بابت اخبارن ۾ خبرون ايندڙيون آهن. ڀيٽ ۾ ڪجهه. ڦيٽچون رهجي وينديون آهن. جام شورو اسپتال حيدرآباد ۾ ڏٺم ڪِنَ سِنَ ڀريو، پاڻ پچڪاريون، ڀتَ پٿرَ، ديواريون، ڊاڪٽر نرسون ڪچهري جي گفتگو ۾ مصروف، ۽ اسپتال جا پنگي بيمارن کي سُئيون ۽ ڏيون هٿ، چاڙهڻ جو ڪم ڪن. مسڪين مريض جو آپريشن ٿيٽر ۾ آپريشن ڪنهن ٻي بيماري جو ۽ بيمار جي هڪ ٻڪني جي چوري ڪئي وئي. سا ٻڪني لکن روپين ۾ ڪنهن ساهوڪار بيمار کي لڳائي وڃي ٿي.

آپريشن ٿيٽر ۾ زوري زنا

ميرپورخاص جي سول اسپتال ۾ ڇاڇري جي 16 سالن جي قائما ڀيل کي نڪ جي آپريشن لاءِ ٿيٽر ۾ آندو ويو. قائما ڏيءِ نَنو ڀيل جي اوٽي ٽيڪنيشن ساٿس زوري زنا جي ڪوشش ڪئي. قائما رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. آنَ تي اوٽي ٽيڪنيشن ۽ ٻئي عملي نيگريءَ جون ٽنگون ٻانهون ٻڌي ڪيس ڪُتڻ شروع ڪيو. ايتري ۾ ڊاڪٽر اسلم پهچي ويو جنهن نيگري جي عزت بچائي ورتي نيگريءَ جي ماڻٽن ڪرشن ڀيل کي اطلاع ڏنو آهي هن ظلم بابت. تاريخ 20-09-1999 جو هي واقعو آهي.

نوٽ: وڏي اسيمبلي ۾ هي بل پاس ڪرڻ گهرجي ته آپريشن ٿيٽر ۾ مريض جو هڪ ماڻٽ موجود هئڻ گهرجي.

- مرضي جو مالڪ ماڻهو ٿي نٿو سگهي مرضي هلي ته بوڙهو ئي نه ٿئي.
- ماڻهون ماڻهون جو مريد نه، دوست ٿجي.

- مانيءَ جاني بنا بيو دنيا ۾ رکيو ئي ڇا آهي. زندگي جي ضرورت ضروري، ماني مرد مِهرِي
- محبت جو مزو سِڪَ ۾، ماني جو مزو بُکَ ۾.
- پوڙهِ جو پاڻي هميشه ڪان هيٺائين پوڙيندو آهي.
- سُڪي بہ پُڃڙي، پُڏي بہ پُڃڙي.
- ڪنهن بہ قوم جو اقليت ۾ اچڻ، پنهنجي ملڪ جي مالڪي وڃائي ويهندي. رڳو ٻولي قائم رکو، اوهان قائم رهندؤ. قوم ٿيندي آهي ٻوليءَ سان، قوم کي قائم دائم رکڻ جا بہ طريقا آهن. تعليم ۽ اڪثريت. تعليم ۽ اڪثريت کي وڌائيندا وڃو تہ رهندي دنيا تائين توهان قائم دائم رهندؤ. في فرد فاني آهي. قوم دائمي آهي.
- سنڌي عجيب قوم آهي. جيڪا سنڌي ٻولي ۽ سنڌ وطن کان بي حُب قوم آهي. وطن جي حُب ايمان آهي. وطن جي حُب بنا حيوان آهي.

پٺاڻ سرحد جا مالڪ پاڻ

سرحد وارا پٺاڻ عملي طرح آزاد آهن پاڻ. هڙ قومي حق هن کي حاصل آهن. سيني سرڪاري کاتن ۾ پٽيوالي کان چوٽي تائين سڀ آفيسر پٺاڻ، ڪارخانا مالڪ بہ پٺاڻ تہ مزدور بہ پٺاڻ، زميندار بہ پٺاڻ تہ هاري بہ پٺاڻ. شهري آبادي بہ سڀ پٺاڻ، سرحد ۾ BBC نمائندا بہ فقط پٺاڻ، جن جي اردو اهڙي نَر کي مادي، مادي کي نَر. پيءَ تي جو اکر تہ ڳالهائي نہ ٿا سگهن. افسوس تہ بلوچستان ۾ بہ BBC نمائندا پٺاڻ، سملنگ ۾ خود مختيار پٺاڻ، پنجابي کان هر حصي مان حصو

چڪيو وني پيو پنان. يورپي راندين ڪروڙ ڪمائڻ جون رانديون خاص ڪرڪيٽ ۾ حصيدار. حصو چڪيو ونن پيا پنان.

پنجابي چند ڏسٽي ڪاميٽي جي ملن جي پنيان ڪونہ هلن پنان پنهنجي مرضي مطابق عيدون ڪن پنان. سپاهيءَ کان I.G تائين پنان سرحد جا گورنر بہ پنان. سولجر کان جنرل تائين بہ پنان سنڌ بلوچستان تي پنجابي حاڪم جي سرڪار. سنڌي بلوچ طابعدار سرحدي پنان خود مختيار. هٿيارسازي جا ڪارخانا بنا پروانې هٿيار بجلي بل. باڙا مارڪيٽ. ٽيڪس کان آگونو. هٿيارن هيروئن جو خوب ڪاروبار پنجابي وفاق جي " ويٽو" جي مٿن نہ آهي مار. پختون آهن بيشڪ با اختيار

پنجاب جي بادشاهت

سَندُسَ سنڌ ۽ بلوچستان بينڊ. جناب نواز شريف صاحب ڪجي بہ پيرا اقتدار جو وارو مليو آهي. هن ڪڏهين اِها صوبائي خودمختياري جي مونائڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي. اٿلو روڊ ٽيڪس ۽ لوڪل گورنمينٽ جا ٽيڪس بہ مرڪز ۾ ڪٺي ويو يعني پنجاب بادشاهت ۾. اڄ اهو نواز شريف صاحب جمهوريت جو وڏو داعي آهي.

عهد وفا انساني اوصاف آهي. شادي پرڻي جي عهدوفا لاءِ ڇهه ڄڻن جي رضامندي ضروري آهي. ڪنوار جو ماءُ پيءُ جيئرا نه هجن ته ويجها به وارث گهوٽ جو ماءُ پيءُ جيئرا نه هجن ته ويجها به وارث ۽ گهوٽ ڪنوار. اهي ٿيا ڇهه عدد.

ٻنهي جو وڏي ۾ وڏو حق آهي. هڪ عورت ٻيو مرد. هڪ عورت پرڻي جي عهدو وفا جي بي وفائي ناهي ڪرڻي. ڪاري شڪ جي حالت ۾ هرگز نه ۽ پڪ جي حالت ۾ يعني اکين ڏٺي مک ڳسي نه ٿيندي. پر شرط اهو ته پاڻ ڪارو آهي ڪيس مارڻ جو ڪو حق نه آهي. طلاق ڏئي ڇڏي ۽ خود ڪارو ۽ غيرت پرست ٿو پاڻ کي سمجهي. پاڻ ڪارو هوندي خود کي صاف ٿو سمجهي ۽ عورت کي ڪارو. تون ڏهين صاف آهين؟ جڏهين تو خود ڪڏهين زنا نه ڪيو هجي پرڻي ڪان پوءِ به زنا ڪرين ٿو؟ قتل ڪرڻ جي لائق نه پاڻ آهين. پر هيڻي نڌر ناريءَ کي ناحق قتل ڪرين ٿو. غيرت مند اهو آهي جو پاڻ ڪارو نه هجي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پاڻ ڏس؟ بي وس ڪمزور جنس کي قتل ڪرڻ ڪميڻپ آهي.

سنڌي تعليم يافته نياڻين کي اپيل

سنڌي تعليم يافتا عورتون سنڌي قومي دائري مان نڪري غيرسنڌي مردن سان شادي ڪن ٿيون. سنڌي وڏن ماڻهن جي تعليم يافته ڌيئرن بني اسرائيل سان به شاديون ڪيون آهن. سنڌي قوميت جي دائري مان ته نڪري چڪيون. پر اسلامي دائري مان به نڪري ويون. نياڻين کي تعليم علم جي زيور سان سنواريجي پر نياڻيون اخلاق حياداري سنڌي قومي دائري اندر رهن. سنڌي قوم کان ٻاهر نه نڪرن. مائٽ جي ڪم جون رهن. اخلاق حياداري سان گڏ قوميت جي تعليم سان تيار ڪجي نياڻين کي. يورپي قومن جهڙي چڙواڳي انساني اخلاق حياداري ختم ڪري ڇڏي ٿي. حيواني چڙواڳي اگهاڙپ هجي ٿي. شادي ڪرڻ جي معاملي ۾ سنڌي قوم مان ٻاهر هرگز شادي نه ڪجي. اها منهنجي اپيل آهي تعليم يافتا نياڻين کي. اردو، مهاجر نياڻيون سنڌي مرد سان شادي ڪن ٿيون ته سنڌيءَ وارو گهر سارو اردو ٿيو وڃي. يعني اردو ٻولي جو واڌارو ٿيو وڃي. سنڌي نياڻي اردو مهاجر يا پنجابي يا پناڻ يا ايراني يا عرب، يا افريڪن سان شادي ڪري ٿي ته سندس ٻار ٻچا سنڌي ڪونه ڪندا. سنڌي نياڻين کي زوردار اپيل آهي ته سنڌي قوميت جو وقار رکو. پاڪستان ٺهڻ وقت غيرسنڌي قومون سنڌ ۾ آيون سڄون مفلس مسڪين. سنڌي قوم هئي سکي ستابي. پناهگيرن، پنجابين سڳ، نينگريون ڏنيون ٿي سنڌين کي. پاڪستان جي سٺ سال بعد سنڌي ٿيا سڄا مفلس هاڻي سنڌي ماڻهو نياڻيون ڏين پيا اردو، مهاجرن، پنجابين، پناڻن کي.

نقلي دوائن جي ناقت

يورپي قومن جي هر هڪ ملڪ ۾ هر ملڪ جي سرڪار پنهنجي قانون تي عمل پيرا آهي. هر ملڪ ۾ دوائن جي ڪمپنين جا ڪارخانا /فيڪٽريون نقلي دوائون بلڪل ناهي نٿيون سگهن. هر نموني جي ڪارخاني ڪري گدلاڻ وڌي وڃڻ ڪري فيڪٽرين جون شاخون ايشيا ۾ لڳايون آهن. جتي پورهيت يعني مزدور سهانگو يعني سستو ملي ٿو ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ قانون تي عمل نه هجڻ ڪري نقلي دوائن جي ناهڻ تيار ڪرڻ جي بيگهي لڳي پئي آهي. پاڪستان جي نالي واري فلمي ايڪٽريس ميڊم نورجهان علاج لاءِ لنڊن وئي. هتان جون دوائون بـ ساڻ کڻي ٿي. جنکي اتي تپاس ڪرڻ بعد سڀ نقلي نڪتيون.

موت منظرن جا فوٽو

دنيا جي ملڪن جي ماڻهن جا نمائش، نظارن. نزاڪتن، سونهن حسن جي مقابلن جا فوٽو هر نموني جي خوشين جا فوٽو پنجاب ۾ عورتن جي حسن جي مقابلن جا فوٽو سنڌ ۾ سنڌي غلامن جي مارا ماري جا فوٽو سنڌي عورتن سان زنا زوري جا فوٽو ڪارو ڪاري جي جنازن جا فوٽو. قبيلائي جهيڙن جي خون قتلن جا فوٽو. بک بي روزگاري سبب زهري ڦوهارن جي ميتن جا فوٽو. دکايلن جي مظاهرن. جلوسن هڙتالن، بک تاڙن، ڌرڻن جي منظرن جا فوٽو.

انگريزدان سنڌي سڄڻن کي اپيل

جيڪي سنڌي يورپ ۽ امريڪا ۾ رهن ٿا ۽ باقي دنيا جي جن بـ ملڪن ۾ رهن ٿا اتي جي انگريزي اخبارن، رسالن ۾ مضمون لکن سنڌي قوم سان سنڌ ۾ ظلم، زيادتي بابت. سنڌي قوم جو ڪيس دنيا کي پيش ڪن. سنڌ جو ڪيس مڃرائن

حــــياتجي ڳـــُـجهارتجو حل

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي. هِڪڙيءَ ڪري هِنَ جو حل ٿيو پيو آهي. تہ " حياتي هيرو آهي. هڪ ٻيرو آهي" جنهن ڪري هِتي خلق خدا جي خدمت اِها آهي حل جي صورت. ٻيءَ ڪري ڪنهن ريتِ هــيءَ ـــبُجهـــــــي نـــَتـــــي ســـگهجي ڳـــُــــجهارَتَ.

حَياتَ جي مُدتَ

حيــاتي عمــر ســاري چــل پــل جــو چــٽڪو يــا رانــد رئــونشــو
يـــا هـــوا جـــو جهوتـــو يـــا پـــاڻيءَ تـــي ڦوتـــو

حَياتَ جي دنيا

حَياتَ جي دنيا جنگ جي جاءِ آهي هر حَــياتَ واري شئي ۾ رات ڏينهن جنگ جاري آهي.هتي جڏو ڪاڇي ٿو جابرڪائي ٿو.هَـر حَـياتيِ ۾ هيٺي تـي حملـو آهـي. هـيٺـُـو تـيـَـنُ تـہ ڄـَـنُ شـڪارُ تـيــَـنُ .

جيـــوڙي مـــان حـــبيوتَ. حـــبيوڙي مـــان مـــوت
يعني حيـــاتي حيـــاتيءَ مـــان تــــــــي جـــ ــاري
حـــياتي حيـــاتيءَ ڪـــــي ســــــــتي مـــاري

حيـــات جـــي دنيـــا ۾ فـــائدي جـــو حصـــو ٿـــورو
ڇيـــــــــهي گهـــــاٽي جـــــو گهٽيــــــــرو

ڪنهن ڪان ٻـ ڪجهه تي سگهي.
جنهن ڪان ٻـ جو پڇي سگهي
ڪنهن ڪي ٻـ ڪجهه سُجهي سگهي
تـ عام حياتي جي فائدي جو ڪري.

عام جيئري انسان تي ڪيڏو ڪيس ڦهر پيو ٿئي.
قبرن، قبن، ڪوٺن مڪانن تي ڪيڏو خرچ پيو ٿئي.

حيات هڪ راز

پاڻ هوندي ۾ هليو وڃي ٿو
ڪٿان آيو ڪيڏهان وڃي ٿو
ناهـِ مان آيو ناهـِ ۾ وڃي ٿو
حيات جو ڳُجهه اڃان راز ٿي رهي ٿو.
پهرين پکي يا اول آنو تيو؟
ذرتي مٿي حياتي ڪيئن تي پيدا؟
اها حقيقت پنهنجو پاڻ جاڻي خدا.

آئون ٿي تـ حياتي آهي.
آئون ٿي تـ انسان آهي.
حياتي الله وٽان امانت آهي.
ان جي خدمت وڏي عبادت آهي.
حياتي جي هر گهڙي نعمت آهي

حبيئن ڄائي ڪان اڳ تيئن مئي ڪان پوءِ
نه خيال نه خواب، نه خودي، بي وجودي جي نابودي
حياتي هُونءَ ئي توري ڄا رسمن ۾ سُپوري،
حياتي هڪ پيرو نه ملندي وري
جواني جهڙي نه ڪا شئي پياري،
اي ڪاش! جواني هجي ها دوباري

انساني ناتي انسان تيو
نه مذهبي ڌرمي ناتي نادان تيو
هيءَ جا حياتي آ هيرو
جهيڙن ۾ وڃائي نه زيان ڪيو

ساڳوٽي ناهي تيٽي
سڀ ڪجهه ويندو وڃي پيو
پري تيندو وڃي پيو
واپسي جي واٽ ڪانهي
وري ساڳوٽو نه تيو نه تيندو

اِهي تارا اِئين چمڪندا رهندا اِتي
پر پاڻ نه هُوندا سين هتي
حياتي هيرو هڪ پيرو
جا وري ملندي ڪِتي

حياتي سُور ساري
جيمَڻ کان مرڻ تائين سچو سَرِيرُ سُورَ جو گهر
۽ سُرور "نـ" جي برابر
پَرَ سُورُ جيڪو شروع کان حياتي جو ساٿي آ
سو وڏندو ويندو مَرَڻَ گهڙيءَ تائين آ

حياتي جو عذاب آهي غلامي

حياتي هُون ئي سُورُ وڌيڪ غلامن جي غلامي ڇڏيو ساڙي
غلاميءَ جي ڳـَـتَ ڇڏيو ڳاري
بي روزگاري اَڄ بک بيماري ڇڏيو ماري

حياتيءَ جي پڇاڙيءَ جي ڏَپَ ڏُونـڍ جي
حياتي جي پڇاڙي جي صورت هڏن جي
آخر هڏا به ڳري وڃن تا پـُـري
اڳ به هئي مٽي، پوءِ به تي مٽي
هاڻي ۽ هجن ري وڃان نکري
حياتي هڪ سفر سوتَ اَنَ جي منزل

متفرق شاعري

انسان خود جو خود کيو آهي زيان
ڌرمن ۾ منجهي ٿاهيون پرارٿنيائون انسان
انساني فائدي سنڌي ٿوس شئي سا تہ ٿاهي ڪانہ
نہ دوائون نہ سک سهولت جو سامان
رکو اجاين عقيدن ۾ اڙجي، انساني اوصافن تي نہ پهتو انسان
انسانيت جي ابت غلط ڪاريون ڪري هردم آهي پريشان
عقيدن جي رسمن ۾ رنڌجي ويو رهجي
انساني منزلت کان انسان

سڀ اڙيل، آزاد ڪوبہ ڪونهي

ڪي پٿرن ۾ اڙيل، ڪي مورتين ۾ اڙيل
ڪي ڪونن ۾ اڙيل، ڪي پنن ۾ اڙيل
ڪي ڪانن ۾ اڙيل، ڪي ڪپڙي ۾ اڙيل
ڪي قبرن قبن ۾ اڙيل، ڪي پيري مريدي ۾ اڙيل
ڪي ذاڪرن، ملن، مولوين ۾ اڙيل، ڪي فرقن ۾ قاتل
ڪي وارن ۾ وچڙيل، ڪي ڪاڳرن ۾ اڙيل
ڪي اکرن ۾ اڙيل، ڪي ڪوڙي ڪامريڊي ۾ اڙيل
ڪو واندو، "واحد پرستي" لاءِ ڪونهي
نہ ائون، نہ تون، نہ هي، نہ هو، سڀ اڙيل آزاد ڪوبہ ڪونهي.

دامن صاف سنڌي

دامن صاف سنڌي، انصار جي ڪردار وارا سنڌي
نندي ڪنڌ ۾ 1857ع جي بغاوت جا غدار نہ ھا سنڌي
انگريز جي ڪھاڙي جا دستابردار نہ ھا سنڌي
ڪعبت الله، روضا رسول الله صہ تي گوليون هلائيندڙ نہ ھا سنڌي
جناب محمد علي جنا صاحب سان بي وفائي ڪندڙ نہ ھا سنڌي
لياقت علي صاحب کي قتل ڪرائيندڙ نہ ھا سنڌي
محترمہ فاطمہ صاحب کي شهيد ڪرائيندڙ نہ ھا سنڌي
بلڪل دامن صافو صاف آھن سنڌي
تازه ديں پسند نہ آھن سنڌي.

سنڌي قوم جو آزادي بعد حال
سنڌي مسلمان کي واٽين قري ڪيو ھو ڪنگال
پر آزادي بعد ڪھڙا تيا خوشحال
اڳ پاڻي، ڪير، مکڻ، اتو ھوندو ھو آل جال
اڄ اتي ۾ آزرت، بڪ، بيمارن ۾ بي حال
سنڌي تعليم بند ڪري زبان زائل ڪئي ھرسال
ساڻن تعصب جي هلت نوڪرن مان نيڪال
اھو آھي سنڌي قوم جو آزادي بعد احوال

سنڌ جي شھرن ۾ غيرسنڌي ٻوليون سٽُون پيا
سنڌي ٻوليءَ جي ٻڙڪ نہ ٻڌون تا

سنڌي ٻولي وِڃائي آهيون آهيون وينا
سنڌ ۾ رهي سنڌ کي ڳوليون پيا.

رهندي دنيا تائين سر زمين سنڌ ٻه هوندي
پر! سنڌي ٻولي نه رهندي
رت گوشت سرير سندا سنڌي ٻه هوندا
ڪاٻه قوم زبان سان آهي زنده رهندي.

سنڌ آزاد ٿيندي ڪيئن ٿيندي؟
سنڌي ٻولي ڪان آزاد ٿي ويندي

ڪاٻه زبان منجهان آسمان نهي نڪي ڪانه آئي
جتي جي خطي جي رقت ٻئي جيئن قدرت زبان اٿلائي

سنڌ وطن آهي وطن جي حب آهي ايمان
انسان جي اهم آهي زبان
بنا علم ۽ زبان جي آهي حيوان

قوم قائم رهندي ٻولي زبان سان
زبان زنده رهندي تعليم سان
سنڌي قوم کي ڪهڙي آزادي ملي؟
غلامن جي غلامي ملي
انگريز جي غلامي هزار پيرا هئي ڀلي

سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جي ڏھڙي هئي ٻولي
مال ملڪيت جي لٽ هئي گهڻ
ان آڻ نيندو هو ان انا سنڌ سي خرچ ڪندو هو

ازادي بعد قوم سنڌيءَ جي ڏڙي گسَت بڻي
ڌرتي ڌڻي ٿيا نادار نڌڻڪا
تنزل آيا تڙجي، ٿي ويا ڌرتي ڌڻي

سنڌ ڀلاڻ تي وڪامي وئي ڌارين کي ڌري
سنڌين لاءِ ٿي وئي نامٽي ڌر، تڻي
تنزل آيا تڙجي، ڌرتي ڇاڙ کي پيا تڙين
نئين نئاني ويڙهو" ڪري ڪن پيا حصا ڀڃي

سنڌ جي واڳ ڌارين وس سنڌڪا پاڻ وهيتي
ڊول سپاهيا ٿيا راڳ ڏڻي
سنڌ ڌاج ۾ ڏني اٿن ايم ڪيو ايم کي هاٿي
تڙيا تڙجي آيا سنڌ ڏن پناهه گهڻي
سنڌي زبان زبح ڪئي نيت ظالماڻي

قوم هوندي آهي ٻولي زبان سان
جهان ۾ جيئڻ آهي قومي تشخص شان سان
پيٽ تي ڪتا به پيا پنارين
پر ڪهڙو جيئڻ غلامي جي زندان سان

سنڌ ڌرتيءَ تان سنڌي وڃي سِرڪندي
واريءَ وانگر وڃي گهرڪندي
ماءُ جي جهولي ۾ جنهن ٻولي جي ملي لولي
تنهن ٻوليءَ سان بي وفائي ڪندڙ سو ڦرُ نه حلالي

وڏو آهي شي ارمان دوستو
سهسين سال گذري ويا انسانيت جي منزلت تي نه انسان پهتو

انسان فطرت خلافي ڪندو وتي وڏ تنهر
حيوان ۾ به خوبيون و هرا جي آهن بهتر
نه هم جنسي ڪري، نه پنهنجي سادي سان زور زبر

اي انسان؟ توتي اٿم ارمان
پاڻ جهڙي ڪي رسمن تي مارين ٿو مرين ٿو
حق ڪان آهين نافرمان
شيعا، سني، ديوبندي جي فرقا بندي جڏهن هڪ مسلمان ٿيو
سڀ ڏو پئون دور ڪري مومنيت اختيار ڪيو
حق موجود، سدا موجود اهو ئي رستو صداقت جو

جتي هوندي حياداري تتي ڪو فعل نه ٿيندو غيرفطري
نه هوندو ظالم، قاتل، غاصب، ڪاذب نه زناڪاري
نه چوري، نه رشوت خوري، نه ڦر، نه ڦورو نه زوري
وَ هوا هوندي وَهنوارَ جي ايمانداري

حيات جي دنيا جو دين اعليٰ آهي "انسانيت پرستي" اي دوست دلدار
دنيا ۾ ڌار ڌار ڌرمن جي دوئي ڪري عالم اڄ تائين نہ ڪيو اختيار
ننڍيون ننڍيون دويون دنيا ۾ تہ اهن اڪيچار
جن بابت ڪيتري ڪري ڪيتري ڪجي گفتار
ٻيائي جي وائي ۾ تعصب ڪيو آهي تباهہ سنسار

انسانيت ۾ ٻيائي جا ٻہ ڪارڻ

ڌار ڌار ڌرمن جي قبولداري
ملڪيت دولت جي آهي نا برابري
انهي ٻنهي وڏي وڏي آهي انسانيت ۾ گهاري
جنهن ڪري لڳي پئي آهي اونداهي انڌو ڪاري

هر گهڙي هر پل ٿيندو رهي ٿو بدل
خالق توکي خلقيو آهي سهڻي ساخت تي ادل
منهن مهاندي جي جتي صورت نهي سا ناهہ نہ ڪر نقل

سڀڪهي جو سنسار آهي
جنڌي جو جيئڻ آزار آهي
مسڪينا مار آهي
هتي هڪڙا ڪائن تا. هڪڙا ڪاڄن تا
هرڪو طاقتور جو طابعدار آهي

هتي ڪڏهن جمهوريت آئي يار؟
جو اسين جمهوريت جي ڳالها ڪيون هر وار
هتي اصل حاڪم آهي، بندوق بردار
جنهن جي سليڪشن جا جوڙ توڙ ڪري ڪوڙا نشر نتيجا ڪوڙي سرڪار

جيئڻ جو آهي عذاب غلامي

شاهه، سچل، عنايت، بلاول، سورهيه بادشاهه ۽ سامي
توسان آهن هر ڪلامي
پيج ڪڙا غلامي

عيد، عيد آهي ڇا عيد.
غلامن جي ڪهڙي عيد، آزادي آهي عيد

وطن جي حب آهي ايمان

سنڌ وطن آهي سندم بدن
سندس وڏو حق آهي متم
جتي ٿيو آهي جنم
جنهن جو پاڻي پيتم
سنڌو جو قسم

حق سچ جو قسم

اي حق سچ تنهنجو ٿي تنهنجو قسم
اي قدرت تنهنجي حقيقت جو قسم
اعليٰ دين انسانيت جو قسم
هر هاريءَ جي محنت جو قسم
امن جهڙي امل وستو جو قسم
حضرت شاهه جي هدايت جو قسم
سنڌو جي ٿيءِ سچ جو قسم
جيئڻ جو مزو آزادي ۾ آهي، آزادي جي نعمت جو قسم
پيو ڇا ڇوان، ڪيئن ڇوان نه ڪنهن جو قسم
اي حق سچ تنهنجو ٿي تنهنجو قسم

برصغير گڏيل حالت ۾ هجي ها
ته هندن کان وڌهي آزادي وٺجي ها
ته حقيقت ۾ سا آزادي هجي ها
پٺاڻ، پنجابي، بلوچ سنڌي يڪ مشت تي وڙهن ها
افغانستان، ايران مدد ڪري ها
پوءِ ڇئني قومن جا حق واسطا برابر هجن ها

انگريز جو سلوٽ

انگريز جو قانون ۽ سلام
قبرن تي جوتن لتون لڳن صبح شام
اهو طريقو اسلام ۾ آهي حرام

سنڌي وزير صاحبان، بولين طوطي جي زبان
طوطي کي جو پڙهائيو، سو ڪندو پيو بيان.

سنڌ گل گلزار

اسان اچي سنڌ ڪئي آهي گل گلزار
انهي گل گلزار جا هاڻي بدو پارَ
پارڪن، رستن، رودن جا وڻ وٽڪار
ڪيائون ناس نَگهُو سار
چئونڪ، چئوسول، ڪندبون، پاسا رودِ گند ڍير انبار
گند جي سڳنڌ ۾ سڀ شهر خوشبودار
رستن، ديوارن، ڪندبن، فوٽ پاٿن پان پچڪار
اهو اچي ڪيو اتن سنڌ کي گل گلزار

سائي رنگ چڏي سنڌي قوم سڪائي
ڳوناٺو ڪمائي شهر تو ڪائي
جيڪو ڪيڙي سو نه پيو ڪائي
اها وڏي بي انصافي آهي
محترم ڪارل مارڪس سندو منشور صحيح آهي

ڪوٺين، ڪانين، قبرن، مندرن، جهر مر سُهائي
ايندڏَن مسڪينن گهر اونداهي

گهٽي گذري وڃڻ وقت گهڙجو وڃن گهڙتون من گهڙت
پرم پورڙا سمجهن حقيقت

نوس حقيقت کان اَبت سپ آهي غلط
اِهائي آهي انسانيت سان ڪوڙ ڪپٽ

مظلوم جي مدد"نه ٿئي ٿي"
اي قادر قدرت تنهنجي هوندي مظلوم سان اِها ستم گري ڇو ٿئي ٿي؟

سنڌ ملڪ هو

سنڌ ديس ويو، سنڌي ويس ويو
ملڪي حيثيت وئي، ثقافت وئي
سنڌي هر جنس وئي، سنڌي ختم ٿي بولي
سنڌي هجڻ جرم ٿيو، موت مقرر ٿيو گولي
ڪاش اسين پنجابي، پٺاڻ پناهگير، مهاجر ٿي
سنڌ ۾ اچون ها، موج مرضي جا حاڪم هجون ها.

گيت منهنجي ڳوٺڙَ جا

18 ســـــال ڄمـــــار، ڦهريـــــن نظـــــر، ڦهريـــــون پيـــــار
منـــــد هئـــــي مينگهـــــ ملهـــــار
مـــور جـــي ٻولـــي، ڪوئـــل جـــي ڪوڪـــار، تـــاڙي جـــي تنـــوار
جو من گهريو،سو ٿي نـ سگهيو، جا سڪ منجهہ ساهَ،سا.ٿي آهـ َ ۾ پوري،
بابـــا ســـندمر شـــادي ڪرائـــي، شـــاديءَ جـــي عهـــد وفـــا ۾
ڏڪنـــدي جـــُـــڪندي جوانـــي ٿـــي پـــوري،
هـــيءَ شـــاعري هـــڪ تصوراتـــي خيـــال آهـــي نڪـــا حقيقـــت پـــري

مون کي نہ وسارجان

ڪوئـــل جـــي ڪوڪـــار آهـــي، منهنجـــي دل جـــي پڪـــار
جـــڏهين ڪوئـــل ڪوڪـــي، يـــاد ڪجـــان مونکـــي دلـــدار
ڪڪـــر چڙهـــن جـــڏهن، يـــاد ڪجـــان تـــڏهن
بونـــد ڦوهـــار آهـــي، منهنجـــي اکيـــن جـــي ڌار
مـــور ٻولـــي ڪيهـــان، ڪيهـــان هـــڪ هـــُـوڪَ آئـــي تهـــان تهـــان
تـــاڙي جـــي تنـــوار آهـــي منهنجـــي مـــن جـــي تـــار
ڪوئـــل جـــي ڪوڪـــار آهـــي منهنجـــي دل جـــي پڪـــار

ڪوئـــل جـــي ڪـــوڪ ۾ ڪيـــڏي تـــہ ســـڪ آهـــي سمـــائي
ائيـــن تـــو انـــدر ۾ اڇـــي ســـاڃن ڪـــي پيئـــي ســـڏي
جـــڏهين بـــہ ٻوليـــائين، تنهنجـــي يـــاد آئـــي.

برسات جي رات

ڪنوڻِ خوب چمڪا، گوندر گوڙ ڏَڌڪا
وِرهه ويرَ وَراڪا، درد دل دهڪا
اندر آڌما، تيا ساهه سڌڪا
وريو واءُ وُڻي جو، تنهنجي آيو خوشبو کڻي
ويتر دل منتظر بڻي نه تاب بڻي
اي؟ هوا واپس وڃ وري پيغام کڻي
دل تي آئي تري تصوير هر وَرِي
توکي ساري گذري وِئي رات سارِي

هڪ حسرت تمنا ٻڇري ۾ پني ڦتڪي
جيئن سوامي سڪ جمنا راڌا رهي اڌوري سڪَ ڪرشنا
مَن رولو روح جيئن پنکي
تي نه پوري رهي اڌوري چاهنا

پهريَن نظر توسان پيچُ پاتو
تڏهين کر روحُ رهيو آتر
ساهه کان سڪ گهڻي اهڙو مَن آهي ماندو

اي ساجن ساٿي؟ توسان اهڙي دل ڦاٽي
جُدائي جي سدا رهي وٽي
توسان ملي سڪ نه لاٿي

جواني ۾ جا دُوري تي
سڪي سڪي ساهه پري پري آهه پوري تي
ساجن ملڻ جي آس پريت جي پياس
رهي سدا ساهه اندر اُداس

پيار ساجن جي فراق ۾ قران در در
من ٿئي ديدار يار جيڪر

جيئن خيال پهچن ٿا پرَاهوُن
تيئن جيڪر پهچن پاهون
توکي پري پاکر ۾ ڪُٺي ونان آئون

ڏنم آيو ساجن سامهون هلي
ڏٺي در شڪراني جي جهليم جهولي
دل وئي دل سان ملي، اک کلي خواب هو

سک ۾ جي چيم ستون
چيومانس جنم جيءُ کي آيون اتم جهٽون
سک ۾ سونگهيم واسينگ وارن لٽُون
اک کُلي خواب هو

عمر جي تي آهي شام
ساجن جي سک ساهه کي تاڻي پئي تمام
ڪاش هجي ها بيو جنم ، تنهنجي سک جي چڪ رهي ها مدام

MQM جي الطاف حسين صاحب کي اپيل

جناب: پاڪستان ٺهڻ بعد توهان جي وڏن اتر هندوستان مان هجرت ڪرڻ شروع ڪئي. ريلون ڀرجي اچڻ لڳيون پاڪستان ڏي.
پاڪستاني پنجاب ۾ ريلوي اسٽيشن تي پنجابي لنيون بانها ڪٺي بيٺا هندوستاني مهاجرن کي ريلن مان هيٺ پنجاب ۾ لهڻ نه ڇڏيو.
چيائون ته "پاڪستان اگون پاڪستان اگون" سنڌ جي ريلوي اسٽيشن تي سنڌي انصارن پٽڻ جون ديڳيون رڌي مهاجرن ڀائرن کي کارايون. اوهان کي معلوم هجي ته خاص پنجاب کان اورتي سرائڪي حصو سنڌ سان لاڳو آهي. سرائڪي به نرم دل ماڻهون آهن. سو سرائڪي حصي ۾ ڪي ٿورا ڳاڻ ڳٽيا مهاجر لٿا. جيڪي هڻ وقت سرائڪي بولي ڳالهائن ٿا. ۽ ڪوڪرا پار کان ته سڌو سنڌ ۾ ايندا ويا سندن خوب آجيان ڪئي بي وئي. سنڌ جي ننڍڙن شهرن قصبن ۾ مهاجرن ڀائرن کي انصار ڀائرن کير پيئڻ لاءِ ڏُهَلَ طور رڍ ، ٻڪري ، ڳئون ڏنيون (ڏُهَلَ جو مطلب ته کير ختم ٿيڻ بعد سو جانور موٽائي اصل مالڪ کي ڏبو) انصارن جي عورتن پنهنجي شادين جي موقعن تي آجياڻا گيت ڳايا "پناهه گير پرديسي پلي ڀائر آيا" جناب! اوهان جي زباني بيان بازي سنڌي قوم جي حق ۾ تمام زيادهه ٺٺي ٿي ۽ عمل اوهان جو سنڌي قوم جي تمام تر برخلاف ٺٺي ٿيو. موجوده سنڌ جي حڪومت اوهان مهاجرن کي پاڪستان جي اصل پنجابي حاڪم با اختيار ڪري ڏني آهي. هڻ موجوده وقت سنڌ جي حڪومت اوهان کي ملڻ کان اڳ ٽيليفون جي خطابن ۾ اوهان فرمايو پئي وڏي عمر جي مهاجرن کي ته سنڌي پڙهو

اسان جو چوڻ آهي تہ وڏي عمر ۾ اوهان جا وڏا ڇا پڙهندا. مگر اوهان پنهنجي اولاد کي اردو سان گڏ سنڌي پڙهايو. سنڌي قوم جو اولاد سنڌيءَ سان گڏ اردو پڙهي ٿو پيو. سنڌ جي اسڪولن ۾ ٻارن کي چار ٻوليون لازمي پڙهايون وڃن ٿيون. سنڌي، اردو، عربي ۽ انگريزي غلام قوم سنڌيءَ جا ٻچا تہ چارئي ٻوليون پڙهن ٿا پيا، پر اوهان حاڪمن پنجابين ۽ اردو وارن جو اولاد سنڌي ڪون پڙهي ٿو. اسان يتيم انصار قوم جو عرض آهي تہ سنڌ جي شهرن مان سنڌي اسڪول ختم نہ ڪيو ڪنهن سالڪ جو چوڻ اهي تہ جنهن بہ قوم کي ختم ڪرڻو هجي تہ تنهنجي تعليم تباهہ ڪري ڇڏيو تنهن واتگر توهان انهي سالڪ جي قول تي پورا پورا عمل پيرا آهيو. سو سنڌ جي شهرن جي سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي ماسترن جون نوڪريون ختم ڪري پنهنجا اردو وارا ماستر رکو ٿا. سي تہ سنڌ ٻاب اسلام جي بنيادي مسلمان انصار جي ڪردار وارن جي اولاد کي سنڌي ڪون پڙهائيندا. سنڌ جي موجوده اوهان جي حڪومت کان اول بہ پيرا اوهان جي سنڌ سرڪار ۾ شراڪت ٿي چڪي آهي جنهن ۾ اوهان جو وڏو مطالبو هوندو آهي تعليم جي وزارت وٺڻ جو. جنهن ۾ اوهان جي تعليم جي وزير جليل سعودي عربستان جڏي ۾ سنڌي اسڪول ڪوڙا بهتان لڳائي بند ڪرايو. جنهن لاءِ يتيم قوم انصار جي محترم شفيق ڪانڌڙي صاحب وڏي جفاڪشي ڪري جڏي وارو سنڌي اسڪول بحال ڪرايو. هر شئي جي حد هوندي آهي. حد کان بيحد هيءَ اوهان جي ايذي ٿي انصارن سان وري ٻيو گهمرو اوهان جي تعليم جي وزير قاضي خالد جڏي وارو سنڌي اسڪول بند ڪرايو، جنهن لاءِ وري بہ محترم شفيق ڪانڌڙي صاحب تحرڪ ورتي

جدي وارو سنڌي اسڪول بحال ڪرايو. هَهــَڙي ريت هر وقت حد ڪان بيحد اوهان جون نوازشون نازل ٿينديون رهن ٿيون سنڌي انصارن تي. جناب ڳالهين جا آهن ذرا مڙني کي معلوم ٿي ويو آهي تہ اوهان سنڌي انصار قوم جا عملي طرح ڪيڏا تہ خيرخواه باعمل آهيو. اوهان جي عمل مان سنڌي قوم انصار سمجهي ويا آهن تہ جيڪي جدي ۾ سنڌي اسڪول بند ڪرائن ٿا. سي سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي اسڪول ڪيئن هلڻ ڇڏيندا.

جناب الطاف صاحب ڪراچيءَ جا سنڌي ڳوٺ شروع پاڪستان کان اوهان جي وڏي جناب لياقت علي صاحب. بيوفائي جناب محمد علي جينا صاحب سان ڪئي هئي ۽ ڳوٺ ڊهرائڻُ شروع ڪيا ها. اهو سنڌي قوم انصار کي آزاديءَ جو "انعام اول" ملڻ شروع ٿيو هو مهاجر پائڻ کان.

ڪراچيءَ جي انصار مسلمانن جا گهر. ڳوٺ اوهان بہ ڊهرائڻُ شروع ڪيا آهن. سنڌي قوم انصار مان اسرائيل وارو عمل نہ ڪيو. جَهڙو عمل يهودي فلسطين ۾ مسلمانن سان ڪن پيا.

"اور اپني لوگون کو اپني وطن (گهرون) سي نہ نڪالنا (سوره البقره) اور اپني ۾ سي ايڪ فرقي ڪو ان کي وطن سي نڪال ديتي هو. گناهہ اور ظلم سي ان پر چڑهائي ڪرتي هو (سوره البقره) سنڌ جي بين شهرن مان بہ سنڌي انصارن جا گهر ڳوٺ ڊاهڻ جا حڪم اوهان جي گورنر جاري ڪيا آهن.

جناب الطاف صاحب؟ تازو توهان جي سنڌ حڪومت نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڪراچي تعليمي بورڊ ڪراچي ريجن جي تعليمي نصاب مان سنڌي مضمون کي خارج ڪري ڇڏيو آهي.

الطاف حسين صاحب زباني ظاهرداري جو توهان حڪم فرمايو آهي. مهاجر عوام ڪي تہ حضرت شاهہ لطيف جو جشن ملهايو. سنڌي قوم حضرت شاهہ جي قوم آهي. سنڌي بولي، زبان سنڌي قوم جي آهي. "قوم تي قائم رهي جي زبان زنده رهي." زبان جو قتل ساري قوم جو قتل آهي. شاهہ جي زبان قتل ڪرايو ٿا ۽ ظاهر داري جو وري جشن ملهايو ٿا.

زبانيءَ بيان بازي وارو ڀائي چارو:

جناب توهان جا وزير صاحبان ڀائي چاري جا وڏا ڪن پيا اعلان. ثقافت سياحت ۽ سماجي بهبود واري وزير رئوف صديقي ڀائي چاري جا مشاعرا ڪرائي پيو. جن جو مقصد امن اتحاد ۽ ڀائي چارو پيدا ڪرڻ آهي. هن چيو تہ سنڌ ۾ اتحاد يڪ جهتي جي فضا قائم ڪنداسين. سنڌي انصار قوم جا ڪراچيءَ مان ۽ حيدرآباد مان ڳوٺ ڏاهڻ ڇا اهو ڀائي چارو آهي؟

سنڌي فنڪارن جي بيماري ۾ علاج لاءِ ثقافت کاتي طرفان ڪابہ مدد نہ ڪرڻ. ڇا اهو ڀائي چاروآهي؟

سرڪاري هر کاتي مان سنڌي ماڻهن کي نوڪرين مان ڪڍڻ. ڇا اهو ڀائي چارو آهي؟

ڪراچي جي ڪارخانن مان سنڌي مزدور ڪڍڻ ڇا اهو ڀائي چارو آهي؟

ڪراچي جي تعليمي ادارن مان سنڌي تڙي ڪڍڻ. ڇا اهو ڀائي چارو آهي؟

ڪراچي ۾ اندروني سنڌ جي شاگردن جي رستاروڪ ڪرڻ ڇا اهو ڀائي چارو آهي؟

اندرين سنڌ مان سنڌي آفيسر بدلي تي ڪراچي ۾ سنڌن اچڻ تي بندش. ڇا اهو ياٽي چارو آهي؟
اسيمبليءَ جا سنڌي ميمبر مارائڻ. تعليم کاتي جا سنڌي ڪارگر آفيسر مارايا ۽ مارائڻ. سنڌي ڏاها . دانشور مارائڻ ڇا اهو ياٽي چارو آهي؟
ضلعن کي ٽوڙائڻ، سٺي سرڪار ناهڻ. هيڪر تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد سٺي سرڪار قائم ڪرائي آهي. جتي سنڌي ماڻهن جي ملڪيت تي قبضا . روزگار تي لت شناخت جا ڪارڊ نہ ناهي ڏيڻ، سرڪاري هر کاتي جي آفيسن مان سنڌي ماڻهو جي ضرورت جا ڪاغذ پٽ نہ ناهي ڏيڻ. آسرن ۾ رلائڻ ڇا اهو ياٽي چارو آهي؟
سنڌ جي سياحت ثقافت کاتي پاران ڪينجهر ڍنڊ ۽ آسپاس ۾ رهندڙ مقامي ماڻهن پاران روزگار لاءِ لڳايل هوٽلون ۽ هٽَ دُڪان ڊهرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. ترقيءَ جي اوٽ ۾ مقامي ماڻهن جي روزگار تي لتَ هڻئي وجي پئي ڇا اهو ياٽي چارو آهي؟
جناب اهڙو اسان کي نہ کپي ياٽي چارو.
مهاجر عوام جي حقن سان گڏ سنڌي قوم کي برابري جا قومي حق ڏيو ۽ سنڌ جي حقن لاءِ سنڌي قوم جي تحريڪن ۾ تهدل سچائي سان شريڪ ٿيو. خاص طرح ڪالاباغ ڊيم جي خلاف تحريڪ هلايو. ياد رکو ويهن سالن بعد سنڌُو درياءَ ۾ شهري آبادي جي پيئڻ جيترو بہ پاڻي نہ ايندو. نڪو سامونڊي پاڻي ايترو فلٽر ڪري سگهندئو ۽ نہ هر سال وسندي برسات نہ پربا تلاءَ.

پاڪستان ٽيلي ويزن جي ٻن چئنلز تي 24 ڪلاڪ اردو ۽ پنجابي اڌو اڌ هلي ٿي. پنجاهہ سيڪڙو اردو ۽ پنجاهہ سيڪڙو

پنجابي گانا . عنوان جو اعلان اردو ۾ ۽ گانا پنجابي . 24 ڪلاڪن مان هڪ ڪلاڪ خبرن ۾ ۽ وڳي شام سنڌيءَ کي ڏنل هو. سو ڪرڪيٽ راند ٿيندي هئي ته ڪني ڪرڪيٽ لاءِ وقف ڪندا هئا يا ڪو مذاڪرو يا اهڙو ڪو بيو ته ـ سنڌي وارو ڪلاڪ ڪٽيو. محترمه بينظير صاحبه جي دور حڪومت ۾ به ڪلاڪ پروگرام سنڌيءَ جو ڪيو ويو. محترمه صاحبه جي سرڪار ختم ٿيڻ بعد سنڌيءَ جو وري منو ڪلاڪ ٿيو. جناب توهان جي دور حڪومت ۾ جشن آزاديءَ 14 آگسٽ 2007 تي سنڌي پروگرام بلڪل بند ڪرايو ويو.

مهاجر پائرن ڪان سنڌي انصارن کي هر وقت سنو سلو ملندو رهي ٿو. ياد رکو توهان کي پنان تمام تنگ ڪندا ڪراچيءَ ۾.

ريڊيو پاڪستان تي سنڌ ۾ اڌو اڌ سنڌيءَ جو حق آهي. تنهن مان به خيرات طور به تي ڪلاڪ ملندا ها. سي به توهان جي سنڌ سرڪار بلڪل محدود ڪري ڇڏيا آهن. ريڊيو ۽ T.V جي سنڌي ڊراما اداڪارن. هر طرح جي سنڌي فنڪارن ۽ ڳائڻن جا معاوضا بند ڪري ڇڏيا. جناب مهاجرن جو سنڌي انصارن اهڙو قصور ڪيو آهي ڪهڙو؟ جنهن جي سزا سنڌي قوم کي ڏني وڃي پئي.

جناب الطاف حسين صاحب اوهان جي سنڌ حڪومت جي دور ۾ سنڌي قوم کي هر طرح. هر طريقي سان تباهه تاراج ته ڪيو ويو پر ٻاهرين دنيا ۾ سنڌي صوفي قوم کي بدنام ڪيو پيو وڃي.

مڪلي جي مقام يعني قبرستان ۾ دريا خان، شهيد جي مزار جو. نالي ۽ تاريخ ۽ سن جو ڪتبو ڊهرايو ويو ۽ ڪجهه ڏينهن بعد منارا

مسمار ڪرايا ويا. ائين مزار جي بي حرمتي غيرمسلم بہ ڪونہ ڪندا آهن. اهڙي طرح اوهان جي حڪومت "دو رنگي کيل مچائي رکيو آهي". هالينڊ ۽ پولينڊ جي مائيڪ ۽ رچرڊ ڪي جيڪي محرم جي ماتم تي تحقيق ڪرڻ آيا ها. ايجنسي اهلڪارن ذهني طور حراسان ڪرڻ لاءِ ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو ۽ ائين پرديسي مهمانن سان بدسلوڪي جو اهو سلسلو اسڪاٽ لينڊ مان آيل انهي جوڙي سان بہ پيش آيو جن کي جهلي ساڻن ڏاڍائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. (3) سال 2005ع ۾ جرمني جي هيري ايلن بہ مڪلي تي تحقيق ڪرڻ آئي هئي جنهن جي ڦُر ڪرائي وئي. شڪايت ڪئي پوليس وٽ وئي هئي تہ ڪيس ڇريو قرار ڏئي تشدد بعد واپس موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ايلن ڪينجهر ۾ ٽپو ڏئي خالين هٿين جرمني وڃڻ بجاءِ مرڻ کي ترجيح ڏني پر ڪيس ٻڏڻ کان بچايو ويو.

(4) سال 2007ع جي شروع ۾ جاپان جو ڪي مي يا ما هاشنگ جڏهن ڊيسينٽ ڪاليج دهلي معرفت مڪلي جي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ آيو هو تہ نہ فقط ڪائنس ڦر ڪئي وئي پر ڏاڍائي ڪرڻ جي حالت ڪئي. (5) تازو سيپٽمبر 2007ع تي فرينچ عورت فلورنس مڪلي آئي. سندس چوڻ آهي تہ جيئن جاپان، هندوستان ۾ بڌازم تي تحقيق ڪرڻ ڪانپوءِ ڇهہ مهينا اڳ صوفي ازم تي تحقيق لاءِ پاڪستان آئي. ڪجهہ مهينا نيڪسلا ۾ تحقيق ڪيائين. ان ڪانپوءِ هڪ هفتي تائين قلندر لعل درگاهہ تي رهي تحقيق ڪئي. بعد ۾ مڪلي پهتي. مڪلي پهچڻ شرط پهريون تلخ تجربو ان وقت ٿيو. قبرستان ۾ داخل ٿيڻ وقت آرڪيالوجي ٺيڪدار قبرستان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ داخلا جي في ورتي بعد ۾ بين مقبرن مزارن کي ڏسڻ لاءِ بہ سئو روپيا في طلب ڪئي وئي. سيئي مرحلا طئي ڪري عبدالله شاهہ اصحابي جي درگاه پهتي. رات ٿيڻ سبب درگاهہ جي

احاطي ۾ رهي پئي. جتان رات جو 11 وڳي ٻه ڄڻا ڪائنس سامان جو تيلهو ڦر ڪري ويا. تيلهي ۾ ريسرچ ورڪ، ڊجيٽل ڪيمرا، ڇهن مختلف ملڪن جي ڪرنسي، ٻه سئو يورو، پاسپورٽ، ويزا ۽ ڪپڙا وغيره. فلورنس درگاهه جي سامهون پوليس پوسٽ تي دانهن ڏني پر ڪنهن ٻه نه ٻڌي. ٽن ڏينهن تائين ڦر ٿيل سامان جو فرياد داخل ڪرڻ لاءِ ڌڪا ڪائيندي رهي. پوليس ڪي ڇيو ويو نه ڪيس ضلعي بدر ڪيو وڃي. پوليس جي هر هر رابطن ڪان پوءِ فرانس جو سفارت ڪار "دريده دروي" مڪلي پهتو جنهن ڪي دانهن ڏنائين نه سائس ظلم ٿيو آهي. سنڌس چوريءَ جو ڪيس نتو داخل ٿئي نيٺ محترمه حميرا علواڻي ۽ سفارت ڪار جي مداخلت ڪان پوءِ ڪيس داخل ٿيو. سفارت ڪار فلورنس ڪي ڇيو نه هوءَ سائس گڏ ڪراچي هلي. محقق فلورنس ڪيس سٽايو نه ڇهه مهينا ڌڪا ڪائي شهر شهر رلي جيڪا ڳوڻا ڪئي آهي. اهي ريسرچ پيپر ڪيس واپس ڪيا وڃن. نه ننو نگر ڇڏي هلي ويندي. ڊي پي او رستم جتوئي موڪل تي هليو ويو ۽ فلورنس پنهنجي گائيڊ وزير قريشي سان گڏجي ڊي پي او انويسٽيگيشن جي آفيس پهتي جيئن ڪيس بابت معلوم ڪري سگهي. آئي ٽي جو شوڪت شاهاڻي جمعي نماز پڙهي آفيس آيو. فلورنس اجا ڳالهائڻ مس شروع ڪيو نه شاهاڻي ميرجي پيو. پير مان پادر لاهي فلورنس جي منهن تي هنيو ڪيس ڌڪا ڏئي پٽ تي ڪيرائي لتون، ٺُڏا هڻندو رهيو. سپاهين ٻه ڪافي شاهاڻي ڪي منٿون ڪيون پر مردود نه مُڙيو. لتُن ٺُڏن لڳندي فلورنس ڊڪرجي وئي (بي هوش ٿي وئي). جڏهن سمڪ (هوش) ۾ آئي نه ڪيس وزير قريشي پنهنجي گهر وٺي ويو. واقع جي خبر پوڻ تي اخبارن جا صحافي وزير قريشي جي گهر پهتا. محترمه سسئي پليجو ڪي خبر پئي تنهن DIG سان ڳالهايو. زخمي فلورنس سسئي پليجو ڪي زخم ڏيکاري روئندي رهي ان

موقع تي محترم سڀني صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اڄوڪو ڏينهن ننڍي جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي. ٻي هودو پوليس آفيسر مجبور فريادي عورت کي مارڪٽ ڪري سنڌ جي تهذيب ۽ سنڌي قوم کي بدنام ڪرايو آهي. (يورپ جي ملڪن ۾ سنڌي قوم کي بدنام ڪرائي رهي آهي MQM جي حڪومت) ڳاڻيد وزير قريشي سڏايو تہ انتهائي مجبوري جي حالت ۾ مون هن پرديسي عورت کي پنهنجي جاءِ ۾ ترسايو آهي. پر سادن ڪپڙن ۾ خفيا ادارن جا ماڻهو مونکي گهر جي درتي اچي ڌمڪي ڏيندا تہ اها عورت گهر مان ڪڍ نہ تہ پوءِ ڏکيو ٿيندين. توکي ڪنيو ويندو. وزير اهڙي شڪايت ڊي آئي جي جي پريس ڪانفرنس ۾ بہ ڪئي ۽ پنهنجي تحفظ جي گهر ڪئي.

ڊي آئي جي حيدرآباد متاثر عورت فلورنس سان ملاقات ڪري ڪيس ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو ۽ هر قسم جي سهولت ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي پر فلورنس چيو تہ ڪيس ڪا سهولت نہ کپي فقط ريسرچ پيپر ڏيو. تہ هوءِ هتان هلي ويندي. ان تي ڊي آئي جي واقعي کي انتهائي معمولي جوندي چيو تہ "هن جي سامان جي ٿيلهي جي چوري آهي. اوهان خبر کي وڌائي هلايو آهي. صحافين کي قومي وقار جو خيال رکڻ کپي. ڊي آئي جي جي ان جملي تي هڪ صحافي طرفان ڪيس چيو تہ "پرديسي فريادڻ عورت کي ٿاڻي ۾ پادر هڻي دسي مارڪٽ ڪري بي هوش ڪرڻ ڪهڙي قومي وقار جي نشاني آهي.

ٻاهران ايندڙ تحقيق ڪندڙن سان پاڪستان جي پنجاب ۾ سرحد ۾ بلوچستان ۾ ساڳئي ڪابہ بري هلت نہ ڪئي وڃي. اتر سنڌ ۾ اجا اهڙي بري هلت ٻاهر جي تحقيقات ڪندڙن سان ڪانہ ٿي آهي. جيئن فرينچ عورت فلورنس هڪ هفتو قلندر لعل جي درگاهہ تي رهي تحقيق ڪيائين. نوٽ: پاڪستان جي پنجابي حاڪم ڏکڻ سنڌ MQM کي ورهائي حصي ۾ ڏئي ڇڏي آهي. ڪراچي، ٽنڊو نگر، بدين، حيدرآباد. ٽان وني ڪوڪرا پار ٿاڻين ٻاهران دنيا مان تحقيقات ڪندڙ

مڪلي پهچن تا تہ ساڻنِ هر طرح هر طريقي جي جنُ تعدي ڪرائي وڃي ٿي، پوليس وسيلي، پوليس هٿ هيٺ ڦورو، بدمعاش آهن.

ٻاهر جي دنيا ۾ سنڌي قوم کي بدنام ڪرڻ لاءِ هي ڪجهہ ڪيو وڃي ٿو. پوليس جا سنڌي آفيسر بي وس آهن. مٿان جو آرڊر عدولينداتہ کين نوڪري مان ڪڍيو ويندو. پر گهٽ ۾ گهٽ سنڌي پوليس آفيسر ٻاهران ايندڙن سان ايڏي بري هلت جنُ تعدي ۽ چوري نہ ڪرائي اهو تہ سندس وس ۾ آهي. پير حسام الدين راشدي جي تحقيق کان متاثر ٿيندڙ جرمني جي محقق اين ميري شمل هن وصيت ڪئي هئي تہ ڪيس حسام الدين راشدي جي پيرانديءَ ۾ دفن ڪيو وڃي. چڱو ٿيو جو اين ميري شمل پنهنجي وصيت ڦيرائي ڇڏي. هي لاش قبر مان لڪ چوريءَ ۾ ڪڍرائي ٻاهر ڦٽي ڪرائن ها. سوچو تہ سنڌي قوم جي ڪيڏي بدنامي ٿئي ها دنيا ۾.

MQM جي اٺ سالا حڪومت ۾ ٻاهران ايندڙ يورپي تحقيق ڪندڙن واپس وڃي پنهنجي ملڪن جي رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون لکيا ساڻن بري هلت جا. جيڪي اين ميري شمل پڙهيا ۽ پنهنجي وصيت ڦيرائي.

تحريڪ آزادي جو عظيم هيرو امام انقلاب

حضرت سيد صبغت الله شاھ شھيد ”سورھيه بادشاھ“



صاحب سخا، مجلس جو مور
سيد محمد بخش
عرف محمد جڙيو سائين، پٽ شاه

شهيد جمهوريت محترمہ بينظير ڀٽو

دختر اسلام توتي آهي سلام

تاريخ ۾ سندئي زندھ رهندو نام

سخي مرد سائين خان محمد پنهنجن خادمن سان گڏ

سخي مرد بابا سائين خان محمد
فوٽو 1947



سخي مرد بابا سائين خان محمد



جعفر سنڌي بابا سائين خان محمد سان گڏ

ٻاروتڻ ۾ جعفر ”جيم“ سنڌي

ڦوهہ جواني ۾ جعفر "جيم" سنڌي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنىٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وطن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پَنَ به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي نوجوانن جو پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)